سياسي، سماجي مسئلن تي تجزيا ۽ ادبي مواد

ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

جولاءِ 2022




## تيل جي قيمتن ۾ واڌ، مهانگائيءَ جي لهر

## ۽ بجيٽ سال 23-2022



ABC Certified | ماهوار مئگزين هسري حيدرآباد | Regd. No: 3160-A


| | | |
|---|---|---|
| 04 | ايڊيٽوريل | |
| | **حالات حاضره** | |
| 05 | لوڪل گورنمينٽ اليڪشن ۾ ماڻهن جي عدم دلچسپي | انور حسين قاضي |
| 06 | سياسي ۽ معاشي بحران | اختر حفيظ |
| 07 | چين جو سپر پاور ٿيڻ وارو خواب | ڊاڪٽر جاويد قاضي |
| | **ادب، تاريخ ۽ سماجيات** | |
| 10 | دانشور ٿيڻ جو شارٽ ڪورس | شوڪت لوهار |
| 13 | امداد حسيني جي نظم ”حملو“ جو جائزو | مشتاق گبول |
| 16 | ٻاراڻي ادب ۾ اديب، استاد ۽ نصاب جو ڪردار | ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي |
| 20 | ڳالهيون الاهي بخش سومرو جون | نسيم بخاري |
| 22 | سٺين عادتن اپنائڻ جو منفي پاسو | فضا قريشي |
| 24 | ميئين شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام جو مختصر اڀياس | عابد مهيسر |
| 27 | علي بابا | مير سردار چنڙ |
| 29 | سنڌ ۾ سنڌو نديءَ تي اڏيل بئراج | مهر فقير |
| | **ٽريولاگ** | |
| 31 | ڪولمبيا جو ڪلچرل پويلين | يون سنڌي |
| | **ناول** | |
| 34 | سمر قند | زاهده ابڙو |
| | **ڊائري جا ورق** | |
| 36 | ڊائري جا ورق | يون سنڌي |
| 37 | ڊائري جا ورق | خواجه غلام علي ڪوساڻي |
| 38 | ڊائري جا ورق | سرمد ڪوسو |
| | **ڪتاب تي تبصرو** | |
| 39 | ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه! | غلام نبي سومرو |
| | **بلاگ** | |
| 41 | محبت، جنگ ۽ واپسي | خواجه غلام علي ڪوساڻي |
| | **ڪهاڻيون** | |
| 49 | ديوتا | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ |
| 52 | جاگنگ ٽريڪ | انجنيئر عبدالوهاب سهتو |
| 54 | حيوان | طاهر پناڻ |
| | **شاعري** | |
| 58 | شاعري | |

# همسري ٽيم


مئنيجنگ ايڊيٽر: ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر: زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر: ارم محبوب

سب ايڊيٽر: غلام نبي سومرو

لطيف گاد

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر: علي کهاوڙ

ڊجيٽل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر: فرحان علي سخيراڻي

ڪمپوزنگ: سليم سولنگي

ڊيزائين اينڊ لي آئوٽ: شهزاد علي منگواڻو



آفيس ايڊريس: بي 49- شريف اسڪوائر
حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ

03322886067 humsari.magazine Humsari Sindh

022-3820363 022-3820363 humsari.sindh.pk@gmail.com humsari.com


Volume: 08 | Number: 07 | July 2022



# مهانگائيءَ جي لهر ۾ بجيٽ سال 2022-23

**ايندڙ**

مالي سال 2022-23 جي بجيٽ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪئي وئي آهي ۽ تيل جي قيمتن ۾ هيڪاندي واڌ مهانگائي جي هڪ نئين لهر کي جنم ڏنو آهي. بجيٽ تي بحث کي ويڙهيندي وزير خزانہ مفتاح اسماعيل چيو تہ ملڪ کي ڊيفالٽ کان بچائي ورتو آهي، جيئن پوئين حڪومت کان وٺي عدم اعتماد جي تحريڪ ۾ ڪاميابيءَ ڪانپوءِ آيل نئين حڪومت مالي طور تي ملڪ جي ڊيفالٽ ڪري وڃڻ جي خطري کي منهن ڏيئي رهي هئي. پر لڳي ٿو تہ نئين سرڪار جي ڪنيل قدمن جي ڪري اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪجهہ استحڪام آيو آهي ۽ ڊالر جو اگهہ بہ ڪجهہ گهٽ ٿيو آهي، پر تيل جي اگهن ۾ واڌ عام ماڻهن جي قوت خريد کي ڌڪ رسايو آهي، مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي. عام عوام جو گذر سفر ڏکيو ٿي پيو آهي، مٿئين صورتحال جو ڇيد ڪجي تہ وزير خزانا موجود فنانس بل ۾ ڪوشش ڪئي آهي تہ مالي پاليسيون اهڙيون ٺاهجن جو بين الاقوامي مالياتي فنڊ (آءِ. ايم. ايف) سان معاهدي کي وري جاري رکي سگهجي. جيئن پهرين معاهدي تحت رهيل 3 ملين ڊالرن جي رقم حاصل ڪري سگهجي. ملڪ جي تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو آهي جو اشرافيا کي نئين سپر ٽيڪس جي دائري ۾ آندو ويو آهي. ننڍن دڪانن کان وٺي وڏن دڪانن تي بہ ٽيڪس لڳايو ويو آهي. ايئن ٽيڪس جي دائري کي وسيع ڪيو ويو آهي تہ جيئن ملڪ 30 جون 2023ع تائين بنا ڪنهن مالي بحران جي اڳيان وڌي سگهي. ملڪ جي مالياتي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وڏين ڪمپنين تي 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس لاڳو ڪيو ويو آهي جيڪو هيٺين ڪمپنين تي لاڳو ٿيندو: سيمينٽ، اسٽيل، بينڪنگ، ايئرلائنز، ٽيڪسٽائل، آٽو موبائل اسمبلنگ، شوگر ملز، مشروبات، تيل ۽ گئس، ڀاڻ، سگريٽ، ڪيميڪل، ايل اين جي ٽرمينلز. اهو ٽيڪس هڪ سال لاءِ آهي، جيئن گذريل سالن جي بجيٽ خساري کي گهٽ ڪري سگهجي. پهريون دفعو آهي جو سرڪار سڌا ٽيڪس لاڳو ڪيا آهن ايئن بہ آهي تہ ڪجهہ اهڙا اسم آهن جن تي ٽيڪس گهٽايو ويو آهي جنهن ۾ آءِ. ٽي جو شعبو ۽ سون جي درآمد آهي، جيئن سون قانوني طرح امپورٽ ٿئي ۽ انهيءَ جي اسمگلنگ جي حوصلا شڪني ٿئي. آئل مارڪيٽنگ ۽ طبي اوزارن تي بہ ٽيڪس جي ڇوٽ ڏني وئي آهي. ملڪ جي صحت ۽ تجارت مان لاڳاپيل حلقن بجيٽ تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.

پر هتي اهو سوال اٿي ٿو تہ هن بجيٽ جي ذريعي سرڪار صنعتي ۽ زرعي پيداوار جي سلسلي ۾ ملڪ کي خود ڪفالت ڏانهن وٺي ويندي؟ جيئن ڪاڌ خوراڪ جي شين جهڙوڪ: ڪڻڪ ۽ ڪاڇرو تيل جو درآمدي بل گهٽائي سگهجي ۽ بنيادي ضرورتن جي شين جي قيمتن جي واڌ کي روڪي سگهجي. اهو ضروري آهي تہ زرعي ۽ صنعتي پيداوار ۾ اضافي کي ترجيح ڏني وڃي ۽ اهڙا اصلاحات آڻجن جيئن GDP ۾ واڌ اچي سگهي ۽ في ماڻهو آمدني ۾ واڌ اچي سگهي، جيئن عام ماڻهو جي قوت خريد ۾ اضافو ٿئي. ملڪ جي ماڻهن جي گهڻائي جيڪي غريب آهن ۽ انهن جو وڏو حصو غربت جي لڪير هيٺ آهي. انهن لاءِ لڳي ٿو تہ هن بجيٽ ۾ بہ گهڻو ڪجهہ نہ آهي. اهو مڃجي ٿو تہ ڪووڊ-19 ۽ روس يوڪرين جنگ جي ڪري سڄي دنيا ۾ مهانگائي ٿي آهي. تيل جون قيمتون تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهن. تہ بہ هن نئين آيل سرڪار کي جنهن جي هيءَ پهرين بجيٽ آهي مهانگائي تي نظر رکڻي پوندي. ملڪ جي وزير خزانا اهو چيو آهي تہ هي بجيٽ هاري دوست آهي. اسين ملڪ کي ڪاڌ خوراڪ ۽ ڪاڇرو تيل ۾ خود ڪفيل ڪنداسين. انهيءَ لاءِ اسان جو پهريون ڌيان زرعي شعبي تي آهي. زراعت اهڙو شعبو آهي جو اسان جا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن زراعت ۾ ترقي ٿي وڃي تہ مهانگائي جي لهر کي قابو ڪرڻ ڪو مسئلو نہ آهي ۽ انهيءَ سان اسان جو درآمدي بل بہ گهٽ ٿي سگهي ٿو. پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي گهٽ هجڻ جي ڪري ئي ڪجهہ مهينن کان اسين ڊيفالٽ جي خطري ۾ هئاسين. سريلنڪا جو مثال سامهون آهي، پر هاڻي لڳي ٿو تہ اسان انهيءَ خطري مان ٻاهر نڪري آيا آهيون. انهيءَ لاءِ ڪيل ڏکين فيصلن جي ڪري جيئن تيل جون قيمتون وڌايون ويون انهيءَ واڌ جي ڪري مهانگائي ٿي آهي. انهيءَ عام ماڻهن جي زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. روزانو جي ڪاڌ خوراڪ بہ اهي مس پوري ڪري سگهن ٿا. ٻارن جي تعليم ۽ صحت جي سهولتن تائين پهچڻ انهن لاءِ مشڪل ٿي پيو آهي. هي وقت آهي جو سرڪار کي اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ اها غريب دوست آهي. انهيءَ کي هن سلسلي ۾ فوري قدم کڻڻ گهرجن جو تيل جي قيمتن ۾ گذريل مهيني ڪيل واڌ جي ڪري ماڻهو مهانگائي جي نئين لهر کي منهن ڏيئي رهيو آهي. انهن جي آمدني روز مره جي ضرورتن کان هوندئن بہ گهٽ آهي. مٿان مهانگائي انهن لاءِ نيون پريشانيون کڻي آئي آهي. جيئن تہ بجيٽ آمدني ۽ خرچ جو تخمينو آهي اسين بجيٽ جي انگن اکرن ڏانهن نٿا وڃون. سرڪار کان رڳو اها ٿا پڇون تہ اهي 22 ڪروڙ ماڻهن تي مشتمل آباديءَ لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ ڇا ڪندا؟ آبادي جيڪا غربت جو شڪار آهي، جيڪي جهوپڙين ۾ رهن ٿا، جتي نہ بجلي آهي نہ اسڪول، نہ اسپتالون آهن انهن جي زندگي خوشحاليءَ طرف اچي. اسان کي اهڙي حڪومت ۽ اهڙي بجيٽ جي ضرورت آهي.

اسين موجوده سرڪار کي آگاهہ ٿا ڪريون تہ هاري ۽ مزدور جيڪي اسان جي آباديءَ جو وڏو حصو آهن، جن جي محنت جي ڪري ئي ملڪ ۾ زندگيءَ جو سلسلو ۽ ڪار وهنوار هلي رهيو آهي. تڪڙي ضرورت آهي تہ انهن لاءِ آمدني ۾ اضافي جو انتظام ڪيو وڃي، روزگار جا نوان گس کوليا وڃن ۽ سرڪاري سطح تي سستي ڪاڌ خوراڪ جو انتظام ڪيو وڃي. ”بينظير انڪم سپورٽ پرگرام“ تحت انهن کي تڪڙي امداد ڏني وڃي ۽ امداد جي پئڪيج جي رقم ۾ بہ اضافو ڪيو وڃي تہ جيئن عوام هن مهانگائي جي لهر جو مقابلو ڪري سگهي. اسين سرڪار کي عوام جي مدد لاءِ اڳيان اچڻ لاءِ چئون ٿا ۽ اها گهر بہ ڪريون ٿا تہ انهن جي مدد کي يقيني بڻايو وڃي، ڏکائين مان غريب ماڻهو کي ڪڍي خوشحالي جي طرف وٺي اچڻ ئي ڪنهن سٺي حڪومت جي نشاني هجي ٿي.

❊❊❊

# لوڪل گورنمينٽ اليڪشن ۾ ماڻهن جي عدم دلچسپي



انور حسين قاضي

**سنڌ**

**ساڳيا اوني ساڳيا اٺ، ساڳي اٺن اوڳ، پيري پيري پوڳ، پينر هن پنيور ۾**

سنڌ صوبي ۾ ٻه ڏينهن پهرين ٿيل اليڪشن جيڪا لوڪل گورنمينٽ ٿاهيندي. ان لاءِ شاهه صاحب جو مٿيون بيت ڪيترو نه مهلائتو آهي. پوڳ ٻه پيري پيري اهو ٻه پنيور ۾ مطلب سنڌ ۾. سنڌ ۾ L.G جون چونڊون 26 تاريخ تي ٿيون سڀ ڪنهن پارٽي پنهنجي قوت آهر اليڪشن ۾ حصو ورتو، پر ڪٽٽو ته حڪومتي پارٽي کي هو ۽ ٿيو ٻه ايئن. اليڪشن جي رزلٽ ٻه اهو ٻڌائي ٿي ته حڪومتي پارٽي 14 ضلعن مان 13 ضلعن ۾ ڪلين سوئيپ ڪيو آهي. البته گهوٽڪي ۾ مقابلو سخت ٿيو آهي. ضلعي ڪائونسل جي 66 حلقن مان پ پ مخالف 33 اميدوار G.D.A جا يا ايئن ڪٽي چئجي ته علي گوهر مهر جا بيهاريل اميدوار ڪامياب ٿيا آهن، باقي ايڪڙ ٻيڪڙ سيٽون ٻين ضلعن ۾ پ پ کان ويون آهن. لاڙڪاڻي ۾ ٻه مقابلو سخت ٿيو، پر ميدان وري ٻه پ پ ڪٽيو آهي. منهنجي نظر ۾ ٻه ٽائون هڪ ڪوٽڏيجي ۽ ٻيو ننگر پارڪر جتي پ پ کي اپ سيٽ جو منهن ڏسڻو پيو بقايا جي رزلٽ اميدن مطابق حڪومتي پارٽي ڪٽي ورتي آهي حڪومتي ڌر چو نه ڪٽي؟

اسلام ڪوٽ ۾ حڪومتي ڌر جو واڻو صحت کاتي جو ملازم پٽيوالو پرتي ٿيل هن وقت ڪلارڪ هڪ 18 هين گريڊ جي ڊاڪٽر کي گاريون ڏئي، ٺڦڙون هڻي ۽ تذليل ڪري صرف انهيءَ ڪري جو اهو ڊاڪٽر جيڪو پرزائيڊنگ آفيسر ٻه هو ان پولنگ قانون مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجي ۾ ان سان ايذي وارتا ٿي جنهن تي ڪنهن ٻه نه ڪڇيو ۽ ڊاڪٽر کي مجبور ٿي ان بدمعاش سان ٺاهه ڪرڻو پئجي ويو. پڇڻو اهو آهي اليڪشن ڪميشن پنهنجن پرزائيڊنگ آفيسرن کي ٻه تحفظ فراهم نٿي ڪري سگهي ته پوءِ اليڪشن فيئر ڪيئن ٿيندا؟

ڪجهه ٻه هجي، پر هن اليڪشن ۾ ماڻهن ٻه پاڻ ملهايو آهي. وڏيرن، ڦورن ۽ پوليس سان مهاڏو اٽڪايو آهي. حڪومتي ڌر ته ڄام صادق علي مرحوم جي دور جو ورجاءُ پئي ڪيو ۽ پوليس حڪومت سان گڏ هئي، جنهن ٻه حڪومتي اميدوار کي مخالف اميدوار اغوا ڪرائڻو هو يا ان تي ڪو ڪيس داخل ڪرائڻو هو ته پوليس آفيسر پيش پيش هئا. نوابشاهه شهر جي خبر گردش پئي ڪري ته اتان پوليس بيلٽ باڪس ڪٽي هلي وئي. ڪنڊڪوٽ جي علائقي ۾ ڌاڙيلن اليڪشن جي عملي کي اغوا ڪيو ۽ پنج ڪلاڪن ڪانپوءِ اهي واپس آيا. آفيسر، استاد، پوليس، اليڪشن جو عملو ووٽ جي خريد ۽ فروخت، حڪومتي خوف پوءِ اليڪشن ته حڪومتي پارٽي کي ڪٽڻي ئي هئي، ميڊيا ٻه انهن تي مهربان نظر آئي، بس انڌن ۾ ڪاڻو راجا سوشل ميڊيا هئي جتي ڪجهه حقيقتون ظاهر ٿين پيون. جيئن ميرپورخاص جي هڪ پولنگ اسٽيشن تي خاتون پرزائيڊنگ آفيسر هري رام ڪشوري جي پٽ ڪرن ڪمار سان جٽ ڪئي، پر هنن کي شرم ته آهي ڪونه! بس اليڪشن ڪٽڻي آهي. سراج دراني سان ٻه ڳڙهي ياسين ۾ جيڪو ٿيو اهو ٻه سوشل ميڊيا هلايو، پر اليڪشن ته پوءِ ٻه سراج دراني ڪٽي ويو. عزت اڇڻي وڃڻي آهي ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. بازي هن پيري ٻه حڪومتي ڌر کي ڦٻي وئي آهي، پر هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انهن 14 ضلعن ۾ ووٽرن جو انگ يارنهن ملين کان وڌيڪ آهي ۽ ٽرن آئوٽ لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو رهيو آهي يعني ايتري طاقت ۽ ڌانڌلي ڪرڻ جي باوجود 70 سيڪڙو ووٽر گهر کان ٻاهر نه نڪتو آهي، مطلب 70 سيڪڙو ماڻهو اهڙي اليڪشن مان بيزار آهن ۽ ان جو حصو ٻڻجڻ نٿا چاهين. انهن اهو سمجهي ورتو آهي ته انهن جي ووٽ جو ڪوبه اثر نٿو پوي جنهن کي ٻه حڪومتي طاقت حاصل آهي اهو اميدوار ڪٽي وڃي ٿو ۽ پوءِ عام ماڻهن جي ڀلائي ڪرڻ جي ان کي ضرورت نه آهي. بس هو انهن ڌرين کي خوش ڪري ٿو جن کيس ڪٽرايو ۽ پنهنجو فائدو حاصل ڪري ايندڙ اليڪشن جي تياري ڪري ٿو. وقتي طور تي حڪومت ڌر لاءِ اها ڳالهه بهتر آهي، پر اهي پارٽيون جيڪي پاڻ کي جمهوريت جو چئمپين چورائن ٿيون انهن کي ايندڙ وقت ۾ اهڙو جهٽڪو لڳندو جو اڇي پٽ تي ڪرنديون، عوام سان انهن جو رشتو ٻنهه ختم ٿيندو ۽ اليڪشن ۾ صرف مقتدر ڌرين جي رحم ۽ ڪرم تي هونديون ته جنهن کي اهي ڌريون کٽرائين. جيئن اسان جي وڏيرن جي سياست هئي هاڻ اها ڪٽي آهي؟ سنڌن اها طاقت انهيءَ ڪري ختم ٿي جو انهن ٻه عوام سان ناتو ختم ڪيو ۽ صرف سگهارين قوتن جي آسري تي رهيا هاڻي همراهه ڦهڪا ڪريو پيا ڪرن، پر جتي ٻه جن ماڻهن جو عوام سان رابطو آهي اتي اهڙي انڌ هوندي ٻه انهن ماڻهن پاڻ ملهايو آهي، پر اٿي ۾ لوڻ برابر. هن سڄي وايو منڊل ۾ نون ليگ ته غائب رهي خبر نه آهي ته ڪٿان ڪو ڪائونسلر ٿيو ٻه يا نه. پي. ٽي. آءِ ڪجهه سيٽون ڪنيون بلڪ ننگر پارڪر جي ٽائون ڪاميٽي ٻه غني کوسي جي ڪري پي. ٽي. آءِ ڪٽي ورتي آهي. نون ليگ جو لوڪل گورنمينٽ اليڪشن ۾ نه هجڻ يا سنڌ جي سياست ۾ برجستو ڪردار نه ادا ڪرڻ ۾ ٻه پ پ جو تمام گهڻو فائدو آهي. عام ووٽر ڪنهن جي آڌار ۽ آسري تي ووٽ ڏيندو آهي ته اگر ڪو ان سان مسئلو ٿئي، ڪير ته ان جي واهر ڪري. جڏهن پ پ ۽ نون ليگ جو اتحاد پڻ آهي، پر نون ليگ جو تازين چونڊن ۾ نه هجڻ نون ليگ کي سنڌ مان آئوٽ ڪرڻ جي برابر آهي. نون ليگ جي لاءِ لمحه فڪريه ضرور آهي. قومپرست پارٽين ڪجهه ٻوٽو ٻاريو، Q.A.T اياز لطيف جي اميدوارن ۽ S.U.P جي اميدوارن ڪجهه سيٽون کٽيون آهن، پر اهي ٻه نالي ماتر، پر پوءِ ٻه ميدان ۾ هئا. هن وقت اليڪشن ايتري مهانگي آهي جو يقين ڪريو ته عام ڪائونسلر جيڪو حڪومتي ڌر جو ٻه هو پوءِ ٻه ان جو خرچ ٻه لک کان وڌيڪ آيو ڪٽي ته پنج پنج لک خرچ ڪري همراهه ڪٽي آيا آهن. اتي اگر ڪو پ پ مخالف برياني وڪرو ڪندڙ ڪو مزدور ڪائونسلر ٿئي يا ڪنهن گڏهه گاڏو هلائيندڙ مزدور جي ڏيءَ حڪومتي اميدوار کان ڪٽي وڃي ته اهو مثال ٻين جي لاءِ اتساهيندڙ آهي. مطلب ته شڪست ڏيئي سگهجي ٿي ڌاڍي کي. هاڻي جولاءِ ۾ اليڪشن جي ٻئي مرحلي جو انتظار رهندو جڏهن پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جو مقابلو ٿيندو، حال ته ايم ڪيو ايم جا ٻه پورا آهن. هن ئي مهيني ڪراچي ۾ ٿيل قومي اسيمبلي جي سيٽ تي 10683 ووٽ ڪٽي سگهيا آهن مطلب انهن کي عوام موٽ نٿو ڏئي. جڏهن ته اتي 529000 ووٽ داخل ٿيل هئا.

ايندڙ سال جون عام چونڊون ٻه پري نه آهن خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙي جتي حڪومتي مخالف اميدوارن کي اگر اليڪشن ۾ ڪٽڻو آهي يا سخت مقابلو ڪرڻو آهي ته گهر ۾ ويٺل 70 سيڪڙو عوام کي ايڪٽو ڪرڻو پوندو ۽ ان کي پولنگ اسٽيشن تائين آڻڻو پوندو، ظاهر آهي خرچ ٻه ڪرڻو پوندو، پر ايئن ٿيندي نظر نٿو اچي! وري ٻه پ پ سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ڪامياب ٿيندي سواءِ ڪجهه حلقن جي. سو سرڪار لطيف ٺيڪ چيو آهي، پيري پيري پوڳ پينر هن پنيور ۾.

# سياسي ۽ معاشي بحران



اختر حفيظ




**ملڪ** ۾ سياسي ۽ معاشي بحران گڏگڏ هلي رهيا آهن. اقتدار مان تڙجڻ ڪانپوءِ عمران خان لاڳيتو ادارن تي حملي آور آهي. سنڌس اڳوڻا وزير مشير به ساڳي ٻولي استعمال ڪري رهيا آهن. اهي جيڪي ساراهه ڪندي ڪونه ٿڪبا هئا، اڄ اهي ساڳي اسٽيبلشمينٽ سان مهاڏو اٽڪائي رهيا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو ته اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليه سياسي ڌريون آهن. اهي ڪڏهن به نيوٽرل نه رهيون آهن. اهي ڪنهن نه ڪنهن پارٽيءَ سان گڏ هونديون آهن. اسين رڳو پاڻ کي بچائڻ لاءِ چوندا رهيا آهيون ته اهي نيوٽرل آهن، پر اهي ڪنهن به ريت نيوٽرل نه آهن.

سياست کان وٺي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪو فرد، ڪو ادارو يا ملڪ ڪڏهن به غير جانبدار نه هوندو آهي. هن وقت به "ڪمپني بهادر" اهو چئي ٿي ته اها غير سياسي آهي، پر ان ڳالهه کي به سياسي ڳالهه سمجهڻ گهرجي. چاڪاڻ ته ملڪي تاريخ ۾ اسين ڏسندا آيا آهيون ته ڪهڙي ريت ادارا سياسي انجنيئرنگ ڪندي پارٽيون ٺاهيندي ۽ انهن کي اقتدار ۾ آڻيندا رهيا آهن. ڪيئن ان مختلف دورن ۾ سياسي بُت اڏي انهن کي عوام آڏو پيش ڪيو، پر انهن جون ڏوريون اسٽيبلشمينٽ جي هٿن ۾ هيون. عمران خان اقتدار ته ماڻي ويو، پر هن وٽ ڪو به اهڙو سياسي اختيار نه هو، جنهن وسيلي هو آزاديءَ سان فيصلا ڪري سگهندو هجي. جنهن جي نتيجي ۾ هن جي نالي سان رڳو وزيراعظم جو ٺپو لڳي ويو. هاڻ هو اڳوڻو وزيراعظم چورائيندو. تازو عمران خان پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن هو نومبر تائين هجي ها ته ميرٽ جي بنياد تي آرمي چيف جي مقرري ڪري ها. هن جنرل فيض حميد جو ذڪر ڪندي چيو ته هنن کي ڊپ هو ته هو جنرل فيض حميد کي نئون آرمي چيف مقرر ڪري ڇڏيندو. ان ڳالهه جا چٽا امڪان هئا ته اهو ائين ئي ڪندو. چاڪاڻ ته نومبر جي مهيني ۾ جڏهن نئين ڊي جي آءِ ايس آءِ جي مقرري ٿيڻي هئي ته عمران خان ان معاملي کي تڪراري بڻائي ڇڏيو. جتان کان معاملا خراب ٿيڻ لڳا. عمران خان جي ان فيصلي سنڌس سڄي سياسي راند کي ڦٽائي ڇڏيو. هن جو پلان اهو هو ته اڃان ڪجهه مهينا جنرل فيض حميد ڊي جي آءِ ايس آءِ طور رهي ته جيئن هو پنهنجي سياسي مخالفن کي وڌيڪ چٽي سگهي ۽ ڪيس ايندڙ وقت ۾ نئون آرمي چيف مقرر ڪري پاڻ کي وري وزيراعظم طور چونڊرائي وٺي، پر اهو پلان تحريڪ عدم اعتماد وسيلي ناڪام ڪيو ويو. جڏهن ته اسٽيبلشمينٽ مارشل لا لڳائڻ بدران اقتدار نئين حڪومت کي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ملڪي اسٽيبلشمينٽ جهڙي ريت هاڻوڪي حڪومت سان آهي، ان مان لڳي ٿو ته هيءُ معاملو گهٽ ۾ گهٽ نومبر تائين آرام سان هلي ويندو. چاڪاڻ ته نومبر ۾ هاڻوڪي آرمي چيف جي رٽائرمينٽ آهي ۽ ان ڪانپوءِ نئين آرمي چيف جي مقرري به ٿيڻي آهي. ان ڪانپوءِ عبوري سيٽ اپ آڻي، نيون چونڊون نئين سال جي شروع ۾ ٿي سگهن ٿيون. ان وقت جي اسٽيبلشمينٽ جي حمايت جنهن پارٽي کي حاصل هوندي، اها چونڊون کٽي نئين حڪومت جي جوڙجڪ ڪندي.

پي ٽي آءِ جي سياسي مستقبل جو فيصلو نه رڳو ايندڙ چونڊن ۾ ٿيندو، پر ان کان اڳ ٿي ويندو. جڏهن ان پارٽيءَ جي اندران ڪجهه ٻيا سياسي اڳواڻ پارٽيءَ کان ڌار ٿي ويندا ۽ اهي سياسي پناهه لاءِ ٻين پارٽين جا جاچيندا رهندا. تڏهن اهي انهن سياسي اختلافن جو ذڪر ڪندا، جيڪي هيستائين اهي ظاهر ڪونه پيا ڪن. ان ڪانسواءِ شيخ رشيد جهڙا عمران خان جي ساراهه ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ لڳي ٿو ته هو اڳڪٿيون ڪندي عمران خان لاءِ سياسي اسپيس سوڙهو ڪندو ويندو، اهو به ممڪن آهي ته شيخ رشيد پنهنجي گهر جي سيٽ ئي هارائي وڃي.

هاڻوڪي حڪومت جهڙي ريت بدحال معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي، ان ڪري نه رڳو مهانگائي وڌي آهي، پر عام ماڻهو لاءِ معاشي پريشانيون پڻ وڌي ويون آهن. پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پي ڊي ايم جي وجود ۾ آيل حڪومت جو حال به عمران خان جي حڪومت جهڙو آهي، جنهن جو سڄو زور ملڪ ۾ مهانگائي وڌائڻ ۽ عوام تي ٽيڪس مڙهڻ آهي. جڏهن چونڊن جو وقت ايندو ته هاڻوڪي حڪومت کي عوام لاءِ ڪنهن وڏي رليف پيڪيج جو اعلان ڪرڻو پوندو، چاڪاڻ ته چونڊون کٽڻ لاءِ عوام کان ووٽ وٺڻ لاءِ پهريان عوام کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه هجڻ گهرجي. اهو معاشي رليف عوام کي تڏهن ملي سگهي ٿو، جڏهن ملڪ کي ڪو معاشي رليف ملندو. ملڪ قرض جي ڏهڻ مان نڪري سگهندو يا نه اهو هڪ الڳ سوال آهي، پر ان کان اهم ڳالهه اها آهي ته ڪٿي ملڪ جي هاڻوڪي صورتحال وڌيڪ جاري رهي ٿي ته ان سان سريلنڪا وارو حال نه ٿي وڃي، سو عوام لاءِ ڪا سٺي خبر نه هوندي. معيشت جي صورتحال کي عوام تي ڳرا ٽيڪس هڻي بهتر نٿو ڪري سگهجي، پر ان لاءِ پيداواري ذريعا وڌائڻا پوندا. جنهن جا امڪان نظر نٿا اچن. چاڪاڻ ته اصل حاڪمن جا پنهنجا ارادا آهن ۽ جڏهن رياست کي سيڪيورٽي اسٽيٽ بڻايو وڃي ته اتي عوام جي خوشحاليءَ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

ملڪ کي درپيش چيلنج ٻاهرين بدران گهرو وڌيڪ آهن. ملڪ کي هن صورتحال تائين پهچائڻ جا ذميوار سياستدان نه پر اسٽيبلشمينٽ آهي. جيڪا ملڪ جي سياست ۾ نوان تجربا ڪندي رهندي آهي. عمران خان وارو تجربو ملڪ کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، پر لڳي ائين ٿو ته اسٽيبلشمينٽ عمران خان واري تجربي مان به سکيو ناهي. تنهنڪري سياسي پارٽين کي پنهنجي سياسي آزاديءَ لاءِ ويڙهه ڪرڻي پوندي ته جيئن اهي ملڪ ۾ وري نئين هائبرڊ حڪومت کان بچي سگهن.

***

حصو پهريون

# چين جو سپر پاور ٿيڻ وارو خواب



ڊاڪٽر جاويد قاضي

چين هڪ نئين حڪمت عملي اها جوڙي ته پنهنجي ساموندي رستن جي نگهداشت جو جامع انتظام ڪري هنن هڪ اهم ڪم اهو ڪيو، جنهن ڪي S l O G نظام جنهن جي معنيٰ آهي Stretegic Sea Lines Communications هنن جو مقصد هو ته سمند اندر جيڪا پائريسي ۽ دهشتگردي ٿي رهي هئي ان کي ٻنجو ڏيئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته ساموندي رستن جو اهو حال وڃي ٿيو هو جو بحري قذاق، بحري جهازن کي روڪي ماڻهن کي يرغمال ڪري پنهنجا مقصد پورا ڪندا هئا. ان قدم کڻڻ سان هاڻي چين وٽ سمند ۾ اينٽي ايئر ڪرافٽ ڪيريئر جهازن سان گڏ ASW اينٽي سب مرين، واريئرس ٻيا هوندا هئا. A A W اينٽي ايئر ٽو ايئر، واريئر جيڪي هوائي حملي جي صورت ۾ دفاع ڪري سگهن.

ٽيان هئا M C M مائين ڪائونٽر مرين، چوٿان هئا AM W مرين واريئرس انهن سيني اطلاعن کڻڻ سان چين جو ساموندي خطو خاصو محفوظ ٿي چڪو هو. چين پوري طرح تياري ڪري چڪو هو ته جيئن دنيا جي مرڪزي اسٽيج تي اچي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. خاص ڪري جڏهن ٽرمپ جي اليڪشن هارائڻ ڪانپوءِ جيڪو گهوٽالو ٿيو ۽ بريڪسٽ واري مهم ڪانپوءِ برطانيه جو يورپي يونين کان پاسيرو ٿي وڃڻ آهي، سڀ سبب هئا جنهنڪري چين دنيا جي ان بدلجندڙ صورتحال کي ڏسي رهيو هو جو بين الاقوامي طاقتن جو توازن بگڙجڻ لڳو هو، تنهنڪري چين جو نظريو آهي ته هاڻي ضرورت آهي ورلڊ آرڊر ۾ بين الاقوامي امور اندر سنجيده ترميمون ٿيڻ گهرجن. هاڻي آمريڪا خود نه چاهيندو ته سڄي دنيا جي ملڪن کي سلامتي ڏيڻ جو ذمو پنهنجن ڪلهن تي کڻي، ان ساڳئي مد ۾ زائو فينگ Zhu Feng جيڪو نانجنگ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر آهي ان هڪ جاءِ ته تبصرو ڪندي چيو ته مغربي ملڪ هاڻي پنهنجن اندروني مسئلن سان منهن ڏيئي رهيا آهن. جڏهن ته هاڻي مشرق پڻ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ مغرب جي سرسي جيڪا نظر ايندي هئي هاڻي مغرب ۽ مشرق ۾ ترقي ۾ گهٽ فرق وڃي رهيو آهي. هڪ ٻئي ڏاهي جيڪو GAO Zughi جيڪو انٽرنيشنل اسٽريٽجي انسٽيٽيوٽ جو ڊين آهي ته آمريڪا کي هاڻي پنهنجي ملڪ اندر ايترن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جو هاڻي دنيا اندر بين الاقوامي صورتحال تي نظر ته رکندو پيو اچي، پر ان ۾ گهڻو Involve ٿيڻ نه چاهيندو. هن چيو ته اها سڪٽي لفاظي ناهي، پر حقيقت ۾ اها دنيا اندر نکرندڙ ڪيترن ئي ريسرچ پيپرن ۾ ڏنل آهي ۽ انهن جي چين جي باري ۾ جيڪا راءِ آهي اها ته چين پنهنجي مارڪسسٽ نظرئي تحت پنهنجي معيشت جي ڍانچي (بنيادي گهاڙيٽي) کي تبديل



ڪيو آهي. جڏهن ته مغربي ملڪ چين متعلق صرف اها پروپيگنڊا ڪرڻ ۾ رڌل آهن ته چين اندر انساني حقن جي آزادي ڪانهي اهي يڪسانيت جا شڪار آهن. انفارميشن ٽيڪنالاجي جي وهڪري کي آزاد ناهي رکيو ويو وغيره وغيره. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي ته نام نهاد جمهوريت جو ڍنڍورو ڏيندڙ طاقتور سرمائيدار طبقن جي ٺاهيل سياسي پارٽين ذريعي هڪ اهڙو نظام جوڙيو آهي جنهن ۾ طاقت ۽ حڪمراني انهن چند شاهوڪار سياسي پارٽين کي واري واري ملندي ٿي رهي ۽ هو هڪ اهڙي اڻبرابري واري معيشت کي هٿي ڏيندا هلائيندا ٿا رهن، جنهن ۾ طاقتور طبقي جو فائدو ئي رهندو ٿو اچي، جنهن کي هو جمهوريت جو نالو ڏين ٿا. هنن چيو ته اسان جي صدر شي کي اهو چوڻ جي ڪا ضرورت پيش نه اچي ها ته هو دنيا جي آڏو اچي اها دعويٰ ڪري ته چين هاڻي معاشي طرح ۽ فوجي لحاظ کان پاڻيرو ٿي چڪو آهي. ڇاڪاڻ ته هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اصولن تحت هلڻو پوندو آهي جيڪي اصول ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٿنڪ ٽئنڪ هن کي هدايت ڏيندي سندن صدر کي ڏنا ڪيس اهوئي ڪرڻو پوندو آهي. ان طرح موجوده قيادت پڻ چيني ٿنڪ ٽئنڪ جي حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهي. چين جي خواهش آهي ته دنيا جي ڪار وهنوار Global Governance System ۾ حصو وٺي ۽ ان ۾ مثبت تبديليون آڻي. چينين 2019ع ۾ هڪ وائٽ پيپر شايع ڪيو هو، جنهن ۾ هنن گهڻي باريڪيءَ سان اهو سمجهائڻ پئي چاهيو ته وقت جي ضرورت آهي ته United Nations جي ذريعي ڪيئن دنيا جو ڪار وهنوار هلائڻ لاءِ تبديليون ڪرڻيون پونديون جيڪي (ناگزير آهن) يعني جن جي اشد ضرورت آهي. تنهنڪري ڪين هنن جي راءِ کي وزن ڏيڻو پوندو جنهن ۾ دنيا ۽ مڙيوئي سيني ملڪن جي ڀلائي پڻ آهي.

موجوده دور ۾ چين جي وڏي ڪاميابي آهي BRI بيلٽ ۽ روڊ انيشيئيٽو جيڪو بيجنگ جو گلوبل ڪميونٽي لاءِ هڪ ماسٽر پلان جو حصو آهي. چين دنيا جي ڏيهان ڏيهي پاليسي اندر يو. اين. ٺو سان ايترو سهڪاري رويو رکيو آهي جو هنن دنيا جي پندرهن وڏن عهدن مان چار چين جي حوالي ڪيا آهن، جيڪو چين جو دنيا جي ڪار وهنوار ۾ حصيداريءَ کي تسليم ڪرڻ جو هڪ اظهار آهي. 2016ع کان وٺي چين کي يو. اين. او ۾ ڪافي هنڌن تي شراڪتداري ڏني ويئي جن ۾ UNESCO، UNHIR، UNICEF انهن سيني ادارن چين سان نه صرف سهڪار ڪيو بلڪ BRI بيلٽ روڊ انيشئيٽو پروگرام جي پٺڀرائي پڻ ڪئي. ان کان علاوه چين اهڙا اپاءُ پڻ ورتا جن کي ساراهيو ويو. گهڻين ادارن ۾ چين کي نمائندگي پڻ ڏني ويئي.

I D O يو اين انڊسٽريل آرگنائيزيشن.

I C A O يو اين انٽرنيشنل سول ايويئيشن آرگنائيزيشن.

ITU انٽرنيشنل ٽيليڪميونيڪيشن يونين.

F A O فوڊ ۽ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن.

D E S A يو اين ڊپارٽمينٽ آف اڪنامڪس ۽ سوشل ويلفيئر.

چين پنهنجي نئين پاليسي تحت هن خيال سان ملڪن سان سهڪار ڪرڻ جا معاهدا پڻ ڪيا. اهڙن معاهدن جو باقائده اعلان زنجيانگ Xinjiang ۽ هانگ ڪانگ Hongkong ۾ الڳ الگ ڪيو ويو. جڏهن چين Human Rights Organization انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ واري اداري کي چين اندر اچڻ جي اجازت ڏني ۽ کين يقين ڏياريو ته هو انساني حقن جي باقائدي پاسداري ڪري رهيا آهن. هنن جي ان ڳالهه جو ثبوت اهو هو ته ڪووڊ جي وبائي صورتحال ۾ دنيا جي غريب ملڪن ۽ آفريڪا جي غريب ملڪن کي پڻ ڪووڊ بچاءُ لاءِ مفت ويڪسين پهچائي وئي. چين جي هڪ اخبار پيپلز ڊيلي هڪ پڌرائيءَ ۾ چيو ته دنيا ۾ مغرب افراتفري پکيڙي رهيو آهي، آمريڪا، يورپ ۽ رشيا ورلڊ آرڊر تي پنهنجي مرضيءَ گهرجن تحت رول ماڊل ڪري هلائيندو رهيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته چين پڻ دنيا جي ڪاروهنوار هلائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. توهان ڏٺو هوندو ته ڪووڊ جي وبا آمريڪا کي هڪ امتحان ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سندس سپر پاور هجڻ واري دعويٰ جي پت وائکي ٿي پئي ۽ سندس سپر پاور وارو Image ٽٽي چڪو آهي.

**معيشت سڌارڻ جا وسيلا، ٽيڪنالاجي ۽ ناڻي جي واڌ:**


شيپنگ لي 2018ع ۾ پنهنجي تقرير ۾ بيان ڪيو ته هن دور ۾ ترقيءَ جا پئمانا بدلجي چڪا آهن. پهريون انقلاب جيڪو 18 صديءَ ۾ آيو هو ان کي صنعتي انقلاب سڏجي ٿو. ٻيو دور جيڪو 19 صديءَ ۾ ٿي گذريو ان کي مشيني انقلاب سڏيو ويندو آهي. ٽيون دور ويهين صديءَ جو آهي جنهن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي جو دور سڏجي ٿو. انهن سيني دورن روح زمين جي شڪل ئي مٽي ڇڏي. صدر شي چيو اسان چين وارا آئنده ڏهن سالن ۾ هڪ چوٿين دور ۾ پهچڻ وارا آهيون جنهن جو مقصد آهي ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ اسان جو مقصد آهي ته اسان دنيا جي ڪار وهنوار ۾ پنهنجو حصو ملائڻ ۽ اڳواڻي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا آهيون. آئنده ڏهاڪو سالن جو تمام وڏي اهميت جو حامل آهي. اهو موقعو اسان کي وقت حالتن اسان جي محنت اسان کي ڏنو آهي ته اسان يورپ سان ڇتا پيٽيءَ ۾ اچون ۽ پنهنجو رول ادا ڪريون. 2015ع ۾ چين کي world Economic Forum ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو هو، پر هي دور جديد ترين ٽيڪنالاجيءَ جو دور سڏبو جنهن ۾ AI آرٽيفيشل انٽيليجنس، سمارٽ مينو فيڪچرنگ، بايو ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل ڪرنسيز، انهن سيني دنيا ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. صدر شي جنپنگ چيو ٽيڪنالاجيءَ جي زور تي مارڪيٽ اندر ترت رسائي واپاري ذريعن کي جديد مواصلاتي نظام تحت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ اسان جي معاشي گهڻ بهتري آندي آهي.

انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڊيٽا جو تيز تر وهڪرو پڻ هڪ اهم قدمن مان آهي، اسان کي اطمينان آهي ته ان سڄي ڊوڙ ۾ پڻ چين اڳي کان اڳڀرو نظر ايندو. اسان جي نظر ۾ اسان جي معاشرتي نظام کي سگهارو بنائڻ لاءِ ان ٽيڪنالاجيءَ ۾ اسان جو پاڻ پرو ٿيڻ ۾ اهم حصو آهي. اسان هاڻي يورپ ۽ آمريڪا جي پيٺ ۾ پنتي ناهيون رهيا تڏهن ته اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان دنيا جي اڳواڻي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون. بلڪل ايئن جيئن گذريل دور ۾ يورپ ۽ آمريڪا دنيا جي رهنمائي پئي ڪئي. اهي سڀ خيال چين جي ڏينهان ڏيهي تعلقات واري اداري International Affairs جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ماهرن جا آهن. هاڻي جديد ٽيڪنالاجي ئي اصل تياري آهي جنهن ذريعي زمين تي وڏيون تبديليون ڏسڻ ۾ اينديون. هڪ ٻئي ماهر، Jincansong جنڪينزانگ آهي، ان جو چوڻ آهي آئنده ڏهن سالن ۾ اهو جديد ٽيڪنالاجيءَ جو انقلاب آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ڇتا پيٽيءَ کي تيز ڪندو. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اها هڪ اهڙي تبديلي هوندي جيڪا اوهان گذريل 500 سالن ۾ ڪونه ڏٺي هوندي. پهريائين 500 سال اڳ جيڪا انقلابي تبديلي آئي هئي اها مغرب ۾ ٿي هئي، هاڻي ان جو دائرو مغرب کان نڪري اچي مشرق تائين رسيو آهي. ڪنهن ٻه سماج جي ارتقا ۽ واڌ ويجهه سالن ۾ نه پر صدين جي عرصي ڪانپوءِ ئي پختي ٿيندي ۽ شڪل وٺي سگهندي آهي. دنيا ۾ اسپين اندر جيڪو اوائلي بادشاهي حڪمرانيءَ جو نظام هو پوءِ اڳتي هلي ان جاگيرداراڻي نظام جي شڪل ورتي، اجان پوءِ سرمائيداراڻه نظام رائج ٿيو. صدين ڪانپوءِ ئي دنيا پارلياماني نظام تائين پهتي. آمريڪا جيڪو وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو اهو جديد ۽ وسيع ڪارخانن جو سسٽم آهي جن ۾ وڏين اسيمبلي لائينن جو قيام جنهن جي ڪري پيداوار ۾ تيز رفتاري ۽ تيز رفتاريءَ سان دنيا اندر جديد مارڪيٽنگ نظام ٺاهڻ آهي اهو يورپ ۽ برطانيه کان مختلف ۽ بهتر پڻ آهي. هن دور ۾ يو. ايس. اي کي خود ڪيترن ئي مشڪلن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. سندن حڪمراني واري نظام ۾ ڪيترائي تضاد اڀريا آهن ۽ نقص پيدا ٿي چڪا آهن. Neoliberalism تحت جيڪا بهتري اچڻي هئي اها اچي چڪي آهي، پر هاڻي اهو نظام پڻ پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي پيو آهي. يورپ اندر ڪيترائي سياسي ڌڙا جنم وٺي چڪا آهن ۽ ڪيتريون ئي نيون طاقتون اڀريون آهن. هتي نانجنگ يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسرZ hu feng تبصرو ڪندي ٻڌايو ته ٽيڪنالاجي دنيا جي سياست سان گڏ خطي جي جاگرافيءَ جي مطابقت سان اثر وجهڻ شروع ڪيا آهن. هاڻي جيئن ته چين چڱي خاصي پيش قدمي ڪئي آهي ۽ ان ڏس ۾ سرسي حاصل ڪئي آهي ۽ سائنٽيفڪ ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪري ورتو آهي، جنهنڪري ملڪ ۾ هر سطح تي اسان جي طاقتور هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. ان ڪري

موجوده قوتن ۾ دنيا ۾ سپر پاور سڏرائيندڙ ملڪن سان خاص ڪري چٽا پيٽيءَ واري جنگ جهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي آهي.Yan Xuetong ڪليل لفظن ۾ چيو ته هاڻي دنيا Bipolar ٿي چڪي آهي. هڪ طرف آمريڪا آهي ته ٻئي طرف چين آهي. سچ پچ ته ٻنهي جي وچ ۾ ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ چٽا پيٽي هڪ رسا ڪشيءَ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي.

هاڻي جيڪا بين الاقوامي سياست دنيا ۾ هلي رهي آهي ان جو مقصد آهي صرف ۽ صرف ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ ان کي اڳتي وڌائڻ ۽ ان کي پنهنجي ضابطي هيٺ يعني پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ. چين حقيقت ۾ آمريڪا جو هڪ ورق هنئين سان هنڊايو اهو هو آمريڪا جي Basic Sciences بنيادي سائنسي علمن تي تحقيق ۽ انهن ۾ مسلسل واڌارو. آمريڪا جيڪڏهن ائين نه ڪري ها ته هن منزل تي رسي نه سگهي ها. نيشنل سائنس فائونڊيشن جي انگن اکرن مطابق چين جي R&D جي بجيٽ آمريڪا جي ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ واري بجيٽ جي برابر ٿي آهي. حالانڪ چين جي معاشي سگهه ۽ حيثيت آمريڪا کان گهڻي گهٽ آهي، پر هڪ ڳالهه جو ذڪر هتي ضروري آهي ته چين جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مد ۾ خاص ڪري ڪوانٽم ڪمپيوٽنگ جي ريسرچ تي تمام گهڻي سيڙپڪاري ڪئي آهي، جيڪا آمريڪا کان ڏهه حصا وڌيڪ آهي. اهي انگ اکر George Town's University of Emerging Technology بيان ڪيا آهن. چين جي ٻي حڪمت عملي آهي ته رياست کي سماج جي سسٽم اندر موجود مارڪيٽن جي گهرجن مطابق پنهنجي پيداواري صلاحيتن جي مسلسل واڌ ڪندي رهي. ائين ڪرڻ سان چين اندر آمريڪا جي گهٽ معياد واري رٿا بندي کان بهتر نتيجا نڪرندا. چين کي پلي پٽ ڄاڻ آهي ته هن وٽ اهو ئي رستو آهي جنهن جي ذريعي چين موجوده چوٿين انڊسٽريل ريووليوشن ۾ ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪري منزل ماڻي پاڻ موڪي سگهي ٿو. چين جا هڪ سئو کان وڌيڪ اهڙا پروجيڪٽ آهن جيڪي تحقيقي مرحلا طئي ڪري رهيا آهن، جن تي چين جي سيڙپڪاري ٿيل آهي. هنن جو هدف آهي ته 2025 تائين هاءِ ٽيڪ انڊسٽري تي عبور حاصل ڪريون ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي مارڪيٽن تائين رسائي حاصل ڪريون جيئن اسان ان ڏس ۾ هڪ اهڙو ڪم ڪري وجهون جيئن مارڪيٽ ۾ پنهنجي هاءِ ٽيڪ پراڊڪٽ کي صارفين تائين پهچائي سگهون. يورپ ۽ آمريڪا جي پابندين جي باوجود چين 2016 کان ميگا پروجيڪٽ تيار ڪيا آهن جيڪي چين اندر ڪونه هئا. چين جو چوڻ آهي ته سن 2030ع تائين دنيا اندر AI (آرٽيفيشل انٽيليجنس) ايتري جاءِ والاريندي ۽ هنن وٽ ماسٽر پلان تيار آهي ته ڪجهه ئي سالن ۾ هو پنهنجي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ G5 نيٽ ورڪ کي مروج ڪري چڪو هوندو. چين هاڻي بيسڪ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ايترو سگهارو ٿي چڪو آهي جو هر طرح جي بنيادي انڊسٽري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي سگهي ٿو. ايتري تائين جو ائٽمي بجلي گهر پڻ دنيا ۾ تيار ڪري رهيو آهي، جنهن جي ڪري ان انڊسٽري جي اچڻ ڪري ماحول ۾ ڪاربان جو اخراج زيرو ٿي پوي ٿو ۽ دنيا ۾ ماحولياتي گدلاڻ تي پڻ ڪنٽرول رکي سگهجي ٿو. Damon Ma جيڪو Paulson institute جو هڪ ماهر آهي ته دنيا ۾ اسان جو قائم ٿيل آن لائين خريداريءَ جو نيٽ ورڪ جيڪو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي چڪو آهي اهو اسان جي ڪاميابي ۽ مارڪيٽنگ جو زنده مثال آهي. آمريڪا ڪجهه ٻه ڪرڻ چاهي ته Amazon stores جي نيٽ ورڪ کي روڪي نٿو سگهي جو چين اندر اهڙي صلاحيت آهي جو دنيا جي سيني قومن ۽ ماڻهن لاءِ هر شيءِ تيار ڪري سگهي ٿو ۽ سندن در تائين پهچائي سگهي ٿو. چين هينئر دنيا ۾ پوريون بنيادي انڊسٽريز وڏي مهارت سان بيهاري سگهي ٿو. چين 2035ع تائين جيڪو پلان طئي ڪيو آهي جنهن کيGPP3 جنهن جي مراد آهي ٿرڊ جنريشن پارٽنر دنيا جي هڪ وڏي ڪمپني ITU انٽرنيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن يونين چين جي هڪ وڏي ڪمپني ZTE کي هڪ وڏو ٺيڪو ڏنو آهي ته جيڪو اسٽريٽ لائيٽ جي نظام ۾ اهڙو آرڪيٽيڪچر جوڙيندي جنهن ۾ وڊيو مانيٽرنگ ذريعي فيس رڪگنيشن جو استعمال ڪيو ويندو ۽ Demographic Data سان جوڙيو ويندو ۽ بايو ميٽرڪس سان جوڙيو ۽ ميچ ڪيو ويندو ۽ ان کي انٽرنيٽ ذريعي هڪ مرڪز ۾ Save ڪري محفوظ بڻائي سگهبو. نه صرف ايترو، پر ان جديد انٽرنيٽ جي چار مان اهو فائدو ٻه وٺي سگهبو! مانيٽرنگ سان گڏ ايڊيٽنگ، لوڪيشن سرفنگ ذريعي قانون نافذ ڪندڙن ادارن جي رهنمائي ڪري سگهبي.

...(هلندڙ)...



# دانشور ٿيڻ جو شارٽ ڪورس ۽ شارٽ ڪٽ!



شوڪت لوهار
shoukatali.lohar@gmail.com




**اهو**

اسان عام طور تي ڏٺو آهي تہ گھٽن شعبن ۾ وڏيون ڊگريون حاصل ڪرڻ بجاءِ، ڪجھہ ننڍڙا ننڍڙا هڪ ڏينهان، هڪ هفتي جا، مهينن ۽ ڇهن مهينن جا شارٽ ڪورس ڪرايا ويندا آهن ۽ ڪوڙ دوست اهي شارٽ ڪورس ڪري پنهنجي سڪيي ستابي زندگي گذاري رهيا آهن، اهي هاڻ روبي ۽ ارشاد جي گاني مان مزو وٺي رهيا آهن. هرو ڀرو وڏيون وڏيون ڊگريون ڪري مٿو اڇو ڪرڻ جي ايڏي ضرورت آهي ڪونہ. جڏهن هڪ ڇئن سيڪنڊن تي ٻڌل وڊيو ”يي هم هين، يي هماري ڪار هي اور يهان هماري پارٽي هو رهي هي“ توهان کي راتون رات هڪ عام سادي ماڻهو مان سيليبرٽي بڻايو ڇڏي تہ پوءِ ڇو اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون ۽ وري اڌ صدي تائين ڪتب خانن ۾ اُٺ ڪتابن جا پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. چوندڻ اوهان جي پنهنجي آهي، مرضي جا مالڪ آهيو جيڪو وٺي ڪري سگهو ٿا. بهتر آهي تہ ڪاميابي لاءِ ڪو شارٽ ڪٽ ۽ شارٽ ڪورس ڳوليو. ڇاڪاڻ تہ جن ڊگهي جدوجهد، هڻ هٽان ۽ صدين تائين مٿا ڪُٽ پئي ڪئي آهي ان کي بس صرف تاريخ ئي ياد رکيو آهي ۽ اڄڪلهہ تاريخ پڙهندو ڪير آهي. ماڻهن کي دنيا جي تاريخ سان ڪابہ دلچسپي نہ هوندي آهي، بلڪ هر ڪنهن سرڪاري ملازم کي مهيني جي تاريخ سان ايڏي محبت هوندي آهي جهڙي گڏهہ کي اوڙ سان. هوميوپيٿڪ جو شارٽ ڪورس ڪريو، ماڻهو وڃي ڊاڪٽر ٿا ٿين، هر طرف کان، ڊاڪٽر صاحب ڊاڪٽر صاحب لڳي پئي آهي. اوهان رياضي جون ڏکيون مساواتون حل ڪندي ڪندي خود مساوات بڻجي ٿا وڃو، ڪوبہ اوهان کي ڊاڪٽر نٿو سڏي! ڇو تہ اوهان کي ڏانءُ ڪونهي، اوهان ۾ ڍنگ ناهي، محنت ڪرڻ جدوجهد ڪرڻ، وڏي ويڙهہ ڪرڻ جي صد ئي ڪونہ آهي. اهو دور ويو جڏهن راڻو اُٺ تي جيسلمير کان مومل کي ملڻ لاءِ مومل جي ماڙي تائين رسندو هو، هاڻ اهو ڪم واٽس ايپ ۽ زوم سان ٿي وڃي ٿو، بلڪ ڪجھہ سالن کانپوءِ اهو بہ ختم ٿي ويندو ۽ ڪنهن بہ مومل کي ڪنهن راڻي جي ضرورت ئي نہ پوندي.

ست سال ڊاڪٽري پڙهو، وري پنج سال سي سي ايس ڪريو، باقي بچندو ڇا قبر ۾ پير همراهہ اجان پڙهي پيو. وڃي ڪنهن هڻ ڪڻ ڊاڪٽر وٽ ڪلاڪ ڪن ڪم سکو پوءِ شهر ڳوٺ، واهڻ وستي جتي وٽي وڃي عاليشان اسپتال کوليو، منو ڳالهايو، منيون گوريون ڏيو، واسطا وڏايو، پوليس آفيسر ۽ وڏيرن، ننڍيرن جو مفت ۾ علاج ڪريو، غريب غربي جي ڪل لاهيو مجال آهي جو ڪير اوهان جو نالو ئي ڪٽي وٺي. هر پاسي کان ڊاڪٽر صاحب ڊاڪٽر صاحب لڳي پئي هوندي، نسخو آزمايو ڪم نہ ٿئي تہ برقي ٽپال ذريعي مون کي شڪايت ڪريو.

اوهان وانگر مون بہ وڏا وڏا خواب ڏٺا هئا، ايڏا وڏا جيڏو پيسيفڪ سمنڊ آهي، جيڏو برج العرب آهي، ڇا جا؟ دانشور ٿيڻ جا، دانش جي ور چڙهڻ جا، هن ضعيفي ۾ دانش مهدي سان ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي، هو منهنجو ڀاءُ آهي، پر هو ايستائين وٺندو هو جيستائين هن ٽي وي تي اچڻ جي خودڪشي ڪونہ ڪئي هئي. جڏهن کان ٽي وي تي ”صاحبو“ سان گڏ هن کي روبرو ڏٺم اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن ”صاحبو!“ ختم شد! گهٽي شهرت ماري يا ڪاري. مان عاشقي ٿو جي ڳالهہ بلڪل بہ ڪونہ ٿو ڪريان ۽ نہ ئي منهنجو مطلب اهو آهي تہ عامر لياقت کي پنهنجي اصليت ڏيکارڻ تي صدارتي ايوارڊ اڄان تائين ڇو نہ ڏنو ويو آهي. مون کي اصل ننڍڙي لاڪون ڊمشور ٿيڻ جو وڏو شونق هو، اصل اوهان کي حقيقت ٻڌائيندي ٻڌائيندي منهنجي اکين مان لڙڪ لڙيو پون، پر مان بہ عاشق جيئان مجبور آهيان، اوهان کي سچ جي روبرو ضرور ڪندس. مان ننڍي لاڪون، گل ڦل، گلڙا وغيره ۾ سچار چوڪر جون آکاڻيون پڙهندو ۽ لکندو دانشوري ڏانهن وکون وڌائي رهيو هئس، ٻيا ٻار اسڪول ۾ پيا راند روند ڪندا هئا، تڏهن بہ مان ڪٿ هي ڪٿ آهي، پڳ هي پڳ آهي، جُتي پاءُ جهاز ڏس، سنهي چوڪري، سنها اکر لک، سوير سُمهج، سوير اُٿ، تون منهنجو پاءُ، مان تنهنجي پيڻ جهڙا عظيم دانشوري وارا سبق پڙهندو رهندو هئس. بعد ۾ وڏا امتحان ڏنم، پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڏاڍو شوق هو. لالٽين ٻاري بہ سبق ياد پيو ڪندو هئس. ڪتب خانن ۾ ويهي اصل



ٽين ڪڙڪائي ڇڏيم، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون هر جاءِ تي پنهنجي داشوري جا ڌاڪا چلما ٻم وري ”ساڄي ڌر“ وارن سان واسطو ٿيو ٻهشتي زيور، نسيم حجازي، عمرو عيار ۽ جنت ڪي پتي سڀ پڙهي پورا ڪيم، پر اڃان ٻه دانشوري ۾ شايد ڪجهه ڪتل هو. خبر ناهي ڇا؟ شاعري ڪيم وڏن نالي وارن فنڪارن منهنجي شاعري ڳائي، پر اڃان تائين مڪمل دانشور نه ٿي سگهيس. وري هلي هلي کاٻي ڌر وارن سان واسطو ٿيو، سڄو ڏينهن مارڪس جو داس ڪيپيٽال، چي گويرا جي ٽي شرٽ پائي پئي پڙهيس، ڪميونسٽ مينوفيسٽو ٻه پڙهيس، پر اڃان تائين دانشور سڏجڻ جي مرتبي کان ٿورو پري هئس. ادب ۾ ٽين ڪڙڪائي ڇڏيم، هومر کان وٺي ڪيٽسب بائرن، شيلي، ڊڪسن، ڊان برائون، دوستو وسڪي، او هينري سڀ پڙهيم ڪنهن ٻڌايو ته پنهنجو ڪو تخلص بلڪ فرضي نالو ٻه رک زخمي، پٽيل، ڇيريل، جبل سنڌي، ارڏو سنڌي وغيره اهو ٻه رکيم ادبي سنگت ۾ سنگت سان گڏجي سنڌي ٻولي قومي ٻولي احتجاجن ۾ حصو ٻه ورتم. هاڻ وجي ڪجهه ڪجهه دانشوري واريون خوبيون پيدا ٿيڻ لڳيون. سرڪاري نوڪري ملي ويئي، ان دوران ئي قوم پرستي ۽ ڌرتي جو قرض ۽ فرض ٻه اچي مٿان پيو. سيد، آريسر، پليجي جا سڀ ڪتاب پاڻي وانگر پي ويس، چار ڏوڪڙ اچي ويا ته ماڻهو ٻه عزت ڪرڻ لڳا، نوم چومسڪي زيزيڪ پڙهيم پوءِ وري اين جي اوز جي دنيا وجي وسايم، اين جي او لاءِ غريب عوام ۽ غربت جو هجڻ لازمي آهي، جيڪا شيءِ سنڌ ۾ وافر مقدار ۾ موجود آهي. غريبن جا فوٽو، انهن بابت رپورٽون، ٿاريلين جي چوڙي واريون تصويرون پريزنٽيشن ۾ ناهي، جهاز ۾ چڙهي يورپ ۽ آمريڪا جي مهانگين هوٽلن ۾ انگريزن کي ڏيکاريم ۽ سنڌ ڌرتي لاءِ رت جا ڳوڙها روئڻ جي ايڪٽنگ ڪيم، ڪوڙ پراجيڪٽ مليا، اصل مالا مال ٿي ويس، سنڌ جي درد ۽ ڏکن ڏوجهرن تي لکيل منهنجون لکڻيون ڇپيون، پبلشرن کي جهجها پئسا ڏيئي خوبصورت پني ۽ ٽائيٽل وارا ڪتاب ڇپرايم، وڏن مهانگين هوٽلن ۾ انهن ڪتابن جي مهورت ڪرايم، وڏن وڏن مهان اديبن کي مهورت لاءِ مدعو ڪيم، هر پاسي سنڌ جي ڏکن ڏوجهرن جي پرچار ڪيم، پنهنجي ڪتابن لينن، مائوزيتنگ، سارتر جا حوالا ۽ چي جون قربانيون سڀ حوالن طور ڪم آندم، تڏهن وڃي حقيقي معنيٰ ۾ دانشور ٿيس. سرڪار وڏا انعام اڪرام ڏنا، لطيف، سچل، قلندر، ادبي ايوارڊ، ڌرتي جو اصلو پٽ دانشور جهڙا لقب مليا، ڪوڙ ڪمپنين جا ٺيڪا مليا، هائوسنگ اسڪيمن ۾ بنگلا بڪ ڪرايم ۽ پنهنجي فيملي کي آمريڪا، ڪئناڊا سيٽل ڪرايم، پٽن کي آسٽريليا، آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم ڏياريم. وڏيون گاڏيون، وڏو پروٽوڪول هر طرف کان مهان سنڌي دانشور واهه واهه. منهنجي اڻ ٿڪ محنت رنگ لاٿو، هينئر ملڪ جي هر ننڍي وڏي، ٿڌي گرم شهر ۾ منهنجو گهر آهي، ڪيترائي فارم هائوس آهن، ڪيترائي پرڏيهي دوست آهن، ڪيترائي سياستدان، وڏيرا، چوڌري، نواب، خان بهادر مون کان صلاحون وٺندا آهن، هر جاءِ تي منهنجي هاڪ آهي، هر پروگرام ۾ مان وڏو پيل پائو ٿي ڦيرايو ويس، هاڻ مان سنڌ جو، ملڪ جو بلڪ ڪجهه حد تائين ننڍي کنڊ جو وڏو دانشور ٿي چڪو هئس. وڏيون وڏيون ڪمپنيون، وڏيون ڪارپوريشن مون سان صلاح مصلحت ڪرڻ لڳيون، ڪن کي سنڌ ۾ سون لڌو، ڪن کي گاسليٽ جا ذخيرا مليا، ڪن کي ڪارونجهر جبل جو پٿر پيو ڪم اچي، ڪن کي وري سنڌ جي غير آباد زمين ٿي ڪپي، مون پنهنجي دانشوري استعمال ڪري، ساڄي ڌر، کاٻي ڌر، قوم پرستي، ادبي مطالعو سڀ ڏات ڪم آڻي سنڌ ڌرتي جي ماڻهن کي قائل ڪيم، راضي ڪيم ته بابا اوهان غارن ۾ رهو ٿا، اوهان انڪم سپورٽ جي پئسن تي هلو ٿا، اوهان جي حالت، ايٿوپيا ۽ سوڊان جهڙن ملڪن کان ٻه ويل آهي، اوهان کي ڇتا ڪتا ٿا پٽين، اوهان کي ايڊز ۽ ڪورونا آهي، ڪورونا لاءِ اوهان وٽ اسپتال نه آهي، اوهان وٽ آڪسيجن نه آهي، اوهان وٽ وينٽيليٽر نه آهن، سياڻا ٿيو هي پراڻا غيرآباد پڊ، جنهن جي بدلي ۾ اوهان کي هي ڪمپنيون هيترا هيترا ڏوڪڙ ڏين ٿيون، اهي ڏيئي ڇڏيو، اوهان جون غيرآباد زمينون جن ۾ اڌ کان وڌيڪ قبرستان آهن، اوهان جي کهڙي ڪم جون آهن؟ هي ڪونيٽ ۽ ڪرڙ جا وڻ اوهان ڇا ته ڪندئو، پئسا وٺو وڃي ڪنهن ٻي شهر ۾ رهو، ڪراچي ۾ آباد ٿيو، لاهور ۾ آباد ٿيو، نوان ڪاروبار ڪريو، خوامخواهه هتي وينا آهيو، ترقي جي اڳيان رنڊڪ ڇو ٿا بڻجو، هتي نوان پلازه ٺهندا، نوان نوان شاپنگ مال ٺهندا، فيڪٽريون ۽ ڪارخانا لڳندا، ڪلب ۽ هال ٺهندا، جتي راتيون رنگين ٿينديون، بوتلن جا ٻوچ کلندا ۽ جواني جواني سان ٽڪرائجندي!!! اوهان خواهه مخواهه ان ۾ رنڊنڪ ڇو ٿا وجهو اوهان ان ۾ روڙا ڇو ٿا اٽڪايو. مون عظيم دانشور ۽ مون جهڙن، ٻين ڪلاڪارن جي ڳالهه مڃي وٺو، اهو توهان جي فائدي ۾ آهي، ڏسو مون ۽ مون جهڙن ڪوڙ ڪامريڊن وڏا وڏا ڪتاب پڙهيا آهن، اوهان جو دماغ ننڍڙو آهي، اوهان اڻ پڙهيا چٽ ماڻهو آهيو، اوهان کي کهڙي خبر ”صابو هار ڏنا، ڏني هار پاتا“ ڇا ٿيندو آهي؟

اهڙي ريت منهنجي دانشوري ڪم اچي ويئي ۽ ڪوڙ اصلوڪن دراڙن منهنجي ڳالهه مڃي ورتي ۽ پنهنجي گڏهه ۽ ڪجهه سامان ڪٺي روانا ٿي ويا. گهڻن کي تيل ڪمپنيون ايئن ئي روز ٽرڪائينديون رهيون، جن ٿوري گهڻي ضد ڪئي انهن کي رئيس جهان خان جي مدد سان، صوبيدار صيبت خان جي حوالي ڪرايوسين، ڪجهه مٿي ڦريا اڃان ٻه اهڙين ڪمپنين جي خلاف آهن ۽ سنڌ جي ترقي نٿا چاهين، اهي سمجهن ٿا ته هي اباڻا قبرستان آهن،

ماڻهو جي اصل شناخت، يادگيري ان جي زمين ٿيندي آهي، هنن کان پڇو پيلا ايئن به ڪڏهن ٿيو سڀ ڪجهه پئسو ٿئي ٿو، مون کان پڇو، مان سنڌ جو وڏو دانشور آهيان، مون کي خبر آهي، مارڪس کان ٿا شروع ڪريون، ٻار دفنائڻ لاءِ وٿس ڪجهه ڪونه هو، اخبارن ۾ ٻار کي ويڙهي ٿي رکيائين، ڪوٽ وڪڻي گذر ٿي ڪيائين، جيني نه هجيس ها ته حال ڪهڙو ٿيس ها. چي گويرا کي ڪهڙي ڪُتي ڪنيو جو ڪيوبا جي انقلاب ڪانپوءِ وري بليويا ۾ وڃي پنهنجي مزاحمتي تحريڪون هلرايائين، نيٽ سي، آءِ، اي جي هٿان ماريو ويو. لينن مائو، سڀ جي تاريخ پڙهو، بابا پاڻ ڏاڍي سان وڙهيو ٿورو ئي آهي، ڪتابن ۾ جيڪو لکيل آهي، اهو ٿورو ڪيو آهي، ضد ڪندئو ته پوءِ علي بابا وانگر اڪيلا هوندئو، سياڻا ٿيو! ڪنهن اوهان کي چيو آهي ته ادب مزاحمت لاءِ استعمال ٿيندو آهي؟ ادب پئسا ڪمائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ايئن نه ته ڪتاب لکي مفت ورهايو، بلڪ وڏين ڪمپني سرڪار ۽ سنڌ ۾ سيڙپ ڪندڙ ڪارپوريشن جي منشي گيري ڪرڻ سان اوهان ارب پتي بڻجي سگهو ٿا، اوهان تي سرڪاري اديب هجڻ جو مونوگرام لڳي ويندو. سڀ درٻاري ۽ سرڪاري هئا، ان ۾ پيلا ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. غالب، امير خسرو، اسپينسر، شيڪسپيئر، بيڪن، سڀ درٻار ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ سرڪاري درٻاري شهزادن ۽ شهزادين کي لطيفا ٻڌائيندا هئا، جي اسان ڪٿي ساڻ ويهي ملاقات ڪئي ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ هي جيڪي نوجوان ٽوئيٽر تي ٽرينڊ پيا هلائين، اهي پڻ چپ ڪري ويندا. چاڪاڻ ته ضرورتون سيني کي پياريون آهن.

ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن سنڌ جي هڪ مهان افسانه نگار تي هلان ٿي ته اسان سڀ وڃي سرڪار جي حاضري ڀري ۽ ڪين ان افسانه نگار جي حمايت ڪرڻ لاءِ ميڙ منٿ ڪئي. جيتوڻيڪ انهن شهزادن ۽ سرڪاري ڪمدارن واعدو ڪيو ته دوسو ساڻ ڪري دهل ڪٽي شهر ۾ اعلان ڪرائينداسون ته اهو افسانه نگار غريب ماڻهو آهي ۽ اسان جو پنهنجو آهي، ان کي ڪجهه نه چئو، پر ٿي سگهي ٿو سرڪاري ڪم ڪار جي گهٽائي جي انهن کان اها ڳالهه وسري وئي هجي، ڪا ڳالهه ناهي پيلا انهيءَ بهاني ڪجهه سيلفيون ته ٿي ويون!!! هي هائبرڊ دور آهي، هائبرڊ سچ جو دور آهي، مون کي صرف منهنجي تعريف وڻندي آهي، مون کي منهنجي تذليل ڪونه ٿي وڻي، سنڌ جي ڪندر ۽ غيرآباد زمين مٿان پيلا جي عاليشان بنگلا ٺهندا ته انهيءَ سان سنڌ ترقي نه ڪندي ڇا؟ ڪيترن ماڻهن کي روزگار ملندو، هاڻ به مليو آهي، روزاني ٻيٽي ڏهاڙي، سرويئر ڊمپر ڊرائيور ۽ ٽريني انجنيئر وغيره اجان ته ترقي جون راهون روشن ٿيڻيون آهن، هي وري چون ٿا ته دنيا ڪوئلي تي هلندڙ شيون بند پئي ڪري جو ان سان ماحوليات، حيوانات، نباتات، چرند، پرند تباهه ٿئي ٿي. مان چوان ٿو ته اسان ٻڪ ويٺا مرون، سائيبريا مان آيل پکين کي پکين جون ڪئستون ڀري ويٺا ڦاسايون اهو نيڪ آهي، باقي ڪوئلو خراب آهي، ان ڪري خراب آهي جو رنگ جو ڪارو آهي، توهان کي خبر آهي ته اهو ڪوئلو ۽ هيرو هڪ ئي فارمي جي پيداوار آهن، يعني اوهان لاءِ اهو صرف ڪوئلو آهي ۽ اسان لاءِ ۽ اهو ڪوئلو ڪيندڙ ڪمپنين لاءِ اهو هيرو آهي. شروع شروع ۾ مون به وڏيون انقلابي ڳالهيون ڪيون هيون پوءِ آهستي آهستي سمجهي ويس ته انقلاب ڏانهن ويندڙ رستو، ڪراچي ڪانوڙ پُل کان ٿيندو، ٿر جي ڪوئلي وٽ اچي دنگ ڪري ٿو. باقي جيڪڏهن اوهان دانشوري جو سچو ڪورس پڙهي پوءِ به سيد، پليجو، آريسر، نذير عباسي، ڪاسترو، چي ٿيڻ چاهيو ته اوهان جي مرضي آهي. چاڪاڻ ته زندگي تمام مختصر آهي، دانشور ٿيو، سنڌ کپايو، سنڌين تي تنقيد ڪريو، سچي ڳالهه اٿئو، ان جو وڏو اسڪوپ آهي. هي ماروئڙا جهانگيڙا اوهان کي ڇا ڪري ڏيندا، اڄو مان اوهان کي هينئر ئي هائوسنگ اسڪيم ۾ گارڊ لڳرايان ٿو يا اوهان کي ڪوئلي ڪوٺائي واري ڪاڻ ۾ ڪٽي ڪا سٺي نوڪري وٺي ڏيان ٿو، هرو پرو جيڪڏهن اوهان کي پنهنجو شوق آهي ياسر عرفات ٿيڻ جو، نيلسن منڊيلا ٿيڻ جو، پلي وڃي ڏڪا کائو، گهٽ ۾ گهٽ مون ته درسي ڪتاب ۽ انقلاب ڪتابن مان اهو ئي سکيو آهي ته سنڌ ۾ زمينن جي هول سيل جاري آهي، اڄو ۽ سنڌ جا مالڪ بڻجي وڃو، ٻيا ٻار جڏهن راند روند پيا ڪندا هئا تڏهن مان جيڪو سبق پيو پڙهندو هئس ان جو اصل مطلب اهو هو:

ادا آءُ، پلي آءُ، سنڌ کاءُ



# امداد حسيني جي نظم ”حملو“ جو جائزو



مشتاق گبول

**امداد** جي آزاد نظمن جو ترنم ۽ آهنگ، منفرد اسلوب، لفظي سٽاءَ ۽ موضوع نوان ۽ جديد دور جي نمائندگي ڪندڙ آهن. سندس آزاد نظمن جو علامتي ۽ استعاراتي نظام، سنڌيءَ نظم جي اسلوب ۾ انقلابي حيثيت رکي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ رائج آزاد نظم جي روايتي تصور کي تبديل ڪري، هن اُن کي پنهنجي جوڙيل نئين روايت جو نئون ۽ اڻ ڇُهيل وسيع ميدان ڏنو. جيڪي هن جي جديد فني تجربن جا حسين نمونا آهن.

”سندس آزاد نظم ۽ اُن ۾ هيئت جا جديد تجربا
توڙي معنوي
۽ علامتي اشارا سندس فن کي حياتِ دوام بخشي
چُڪا آهن.“

(گرامي، مهراڻ 2،1، 517:1969)

امداد جا ڪيترائي آزاد نظم، هڪ تخليقڪار جي شڪوه ۽ احتجاج جا مظهر ۽ نئين حسيت جا ترجمان آهن. هن جي آزاد نظمن جو دائرو وسيع ۽ آفاقي آهي. امداد جي نظمن ۾ استعاراتي ۽ علامتي نظام ذريعي جيڪا معنوي وسعت پيدا ٿي آهي، اهڙي معنوي وسعت ورلي ئي ڪنهن شاعر جي آزاد نظمن ۾ پيدا ٿي سگهي آهي.

امداد جا آزاد نظم ٻن ڪيفيتن، ٻن وارداتن ۽ ٻن ڪهاڻين ۾ ورهايل آهن. سندس نظم ”حملو“ ۾ ٻه ٻه ڪيفيتون ۽ ڪهاڻيون آهن. پهرئين ڪيفيت ۽ ڪهاڻيءَ ۾ انساني تاريخ ۽ وقت جي جبر، مختلف ڪردارن تي ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت، انساني بيوسي، بي حسي ۽ شهر جو الميو نمودار ٿئي ٿو. ٻي ڪهاڻي نظم جي اندر مان علامتي ۽ استعاراتي نظام ذريعي جنم وٺي ٿي. جنهن ۾ تخليقڪار، وجود جي اذيت، پنهنجي ذات جي اڪيلائيءَ جا احساس سمائيندي پنهنجي شناخت جو متلاشي نظر اچي ٿو.

نظم ۾ اهميت ٻنهي ڪهاڻين جي آهي، پر نظم جو بنيادي محرڪ، وجودي اذيت، ذات جي تنهائي ۽ فرد جي شناخت آهي.

لافاني ۽ آفاقي حقيقتن ۾ پنهنجي وجود، پنهنجي تشخص، پنهنجي Identification، پنهنجي شناخت ڳوليندو آهي. تڏهن ئي هُو اهڃاڻن symbols جو سهارو وٺندو آهي.

(سحر، 152:2008)

”حملو“ ۾ حق ۽ سچ تي ٿيندڙ وار، زندگيءَ جي حسين قدرن جي خاتمي ۽ وجودي اذيت جي اظهار سان گڏ فڪري بُلندي (آفاقيت ۽ عالمگيريت)، تهذيب، معاشري، تاريخ جي گهري شعور جي عڪاسي به ملي ٿي ۽ ماحول ۾ ٻوڙندڙ موت، خوف ۽ دهشت، حق ۽ سچ لاءِ قربان ٿيندڙ ڪردارن، عقيدي ۽ معاشري جي تنگ نظري، زندگيءَ جي حُسناڪيءَ جي خاتمي، بيوسي، بي حسي، تاريخ، وقت، خارجي حالتن جي جبر کي تخليقي رنگ ڏيڻ لاءِ هن آفاقي ۽ عالمگير، تاريخي، تهذيبي ۽ وجودي استعارن ۽ علامتن ذريعي نظم کي عصري شعور ڏئي ڇڏيو آهي.

**وقت شبخون هڻي، تِيره شبيءَ جو خنجر،**
**دهر جي سينئہ بيدار ۾ قبضي تائين،**
**حسبِ معمُول هنيو صرف ڪري سڀ طاقت،**
**روئي ۽ چپ ٿي وئي گنبذِ مسجد ۾ اذان،**
**مُورتي ٻُڌ جي مِيوزيم ۾ هئي اونڌي مُنهن،**
**بانسري ٽڪرا هئي، چپ هئا نوحا، نغما،**
**زهر کي پي ويو يونان جو ڏاهو انسان.**

”وقت“ هتي ٻن معنائن ۾ ڪتب آيو آهي. هڪ معنيٰ ۾ وقت هڪ خوني ۽ حملي آور طور آيل آهي. وقت جو اهو خونخوار فلسفو، ٽين دنيا جي پُٺتي پيل سماجن ۾ حاڪم ۽ جابر قوتن ڏانهن اگر سَچي ٿو. وقت کي، حاڪم ۽ وحشي قوتن جي هٿن ۾ اوزار طور پيش ڪيو ويو آهي.

ٻي معنيٰ ۾ وقت جو تخليقي تصور پيش ڪيل آهي. جيڪو لمحي کي صدين ۾ ۽ صدين کي لمحي ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. وقت جي هن تخليقي تصور کي دائميت حاصل آهي. وقت جو پهريون تصور، عارضي آهي، اهو ”قبضي“ تائين آهي ۽ قبضو هميشہ عارضي وقت لاءِ هوندو آهي.

نظم ۾ وقت کي هڪ ڪردار طور پيش ڪيو ويو آهي. جنهن جا ٻہ مختلف روپ ڏيکاريا ويا آهن. هن حصي ۾ بيان ڪيل حالتن جو ذميوار ”وقت“ کي چيو ويو آهي. ڇو تہ وقت جي ڦيري سان ئي زندگيءَ جون حُسناڪيون ختم ٿي چڪيون آهن. هتي وقت جبر طور ڪتب آيو آهي، جيڪو وقت بابت هڪ عام تصور آهي.

”تِيره شبيءَ جو خنجر“ هڪ اهڙو استعارو آهي، جيڪو اوندهہ، ظلم ۽ بربريت جو اهڃاڻ آهي. اوندهہ کي بقا ناهي، جيڪو وقت جي جبر کي ظاهر ڪري ٿو ۽ انسان جي بيوسيءَ کي بہ بيان ڪري ٿو. تاريخي شعور سان گڏ اهو احساس بہ آهي تہ انسان جي وجود جو عذاب، تاريخ جي هر دور ۾ مختلف ڪردارن ذريعي روشني ۽ اوندهہ جي ٻہ واٽي تي بيٺل انسان جو مقدر رهيو آهي. اها عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ هوندي آهي. نظم ۾ فطرتي تبديلي ڏينهن رات



(اوندهه، روشني) پنهان آهن. انساني استحصال جي کهاڻيءَ سان نظم جي ابتدا ٿي آهي. جنهن ۾ لفظ ”قبضو“ استحصالي ۽ ظالم قوتن جي عڪاسي ڪري ٿو. بعد ۾ نظم ۾ انساني استحصال ۽ وقت جي جبر ڪي بيان ڪيو ويو آهي. استحصالي قوتون مذهب، ذات پات، رنگ نسل ناهن ڏسنديون. اهي پنهنجي مفاد خاطر هر آواز ڪي دٻائي ڇڏينديون آهن. آواز ۽ ساز، زندگيءَ جي علامت آهن. ”آواز جو چُپ ٿيڻ“، ”بانسريءَ جو ٽُڪرا ٿيڻ“ ۽ نوحن ۽ نغمن جو چُپ هئڻ“، موت جهڙي ماٺار ۽ حملي جي شدت کي عيان ڪن ٿا. موت جهڙي ماٺار جي احساس ۽ تاثر کي اُڀاري شاعر نظم کي اڳتي وڌائي ٿو.

**شهر جي لاش تان پئجي وئي ڪاري چادر،**
**۽ وڪوڙي وئي هر روح کي تاريڪي قبر،**
**هر طرف ڪاهي پيا درد ۽ تنهائيءَ جا ديوَ،**
**۽ گهٽين کي ائين ويساهه وسوڙل سمجهي،**
**آيا ويرانيءَ جا ڏاڙيل ۽ خاموشيءَ جا چور،**
**سرد ۽ تيز هوائن ٿي ڪڙا ڪڙڪايا،**
**تہ ڪو انسان بہ ٿئي شهر جي ماتم ۾ شريڪ،**
**تہ ڪي چيخون بہ هجن جشنِ جهنم ۾ شريڪ.**

شهر، نظم جو خاص ۽ اهم استعارو آهي. جنهن جي بنياد تي نظم جي عمارت ڪڙي ڪئي وئي آهي. شهر جي استعاري جي اڳتي هلي اڪيل ڪبي.

نظم جي ابتدا ”تِيره شبيءَ جو خنجر“ سان ٿي هئي، هن حصي ۾ نظم ”ڪاري چادر“ جي استعاري تائين پهتو آهي.

”تنهائيءَ جا ديوَ“ ويرانيءَ جا ڏاڙيل،“ ۽ ”خاموشيءَ جا چور“ جهڙن استعارن سان اڪيلائي، ويراني ۽ خاموشيءَ جي انتها کي پينٽ ڪيو ويو آهي. متحرڪ زندگيءَ کي جامد بڻائي، اڪيلائي، ويراني ۽ خاموشي ۽ حملي جي تصور کي شدت سان اُڀاريو ويو آهي. شاعر، پنهنجي اندر جي تنهائي ۽ وجود جي اذيت کي فني ڪاريگريءَ سان بيان ڪيو آهي.

**در ۽ ديوار جي خاموشيءَ کي ٽوڙڻ خاطر،**
**صرف ٿاور جي نڪائڻ ٿي متو ٽڪرايو،**
**بيوهه چوواٽي تي بيٺا رهيا انڌا سگنلز،**
**پنهنجو ئي ماس پٽيندا رهيا پاگل ڪُتا!**
**۽ الائي ڪٿي پيرن جا سُمهي پيا آواز،**
**۽ الائي ڪٿي چوڙين جا مري ويا نغما،**
**۽ الائي ڪٿي سينن ۾ اجهامي وئي دل،**
**۽ الائي ڪٿي اکڙين جا سُڪي ويا جهرڻا،**
**۽ الائي ڪٿي برباد هئا سونهن ۽ سچ، سوز ۽ ساز،**
**هار سينگار چِتائن ۾ جلي رک ٿي ويا،**
**۽ الائي ڪٿي جهلجي ويا هن شهر جا مرد،**
**۽ الائي ڪٿي رقاصا جا مدهوش قدم،**
**تڙپندا رقص ڪندا جاڳندا سمهندا ڪلندا،**
**قيد خانن ۾ اجهامي ويا سُڏڪي سُڏڪي،**
**۽ الائي ڪٿي رنگن جو سُمهي پيو جاڳڻ،**
**۽ الائي ڪٿي خوشبوءَ جو هِنيو ڦاٽي پيو،**
**شاهي رستن تي سڙيل تيز گٽر جي بدبُو،**

**اهڙي دوزخ جي انڌيرن ۾ ڪٿي ڪير پساهه،**
**۽ الائي ڪٿي ساقيءَ جون اکيون روئي پيون،**
**۽ الائي ڪٿي پيماني کي آئي الٽي،**
**رات جلاد هئي، پيئندي رهي خونِ شراب،**
**رات قاتل هئي، مردود هئي، قهر هئي،**
**رات ظالم هئي، سنگين هئي، زهر هئي،**
**شهر جي موت تي ڪو پار ڪيڻ وارو نہ هو،**
**ڪو رُئڻ وارو نہ هو، ڪو بہ رُئڻ وارو نہ هو.**

نظم جي هن حصي ۾ ماضيءَ جو ذڪر، حال جي حقيقت کي واضح ڪري ٿو. جنهن سان نظم جي فڪري حيثيت جو تعين بہ ٿئي ٿو. هتي وقت، متڪلم جي يادگيري آهي. هڪ اهڙي يادگيري، جيڪا انفرادي تہ آهي ئي، پر اجتماعي بہ آهي. ان لاءِ اها يادگيري فردِ واحد (متڪلم) کان ٿي شهرن ۽ قومن جي تقدير جو الميو بڻجي وئي آهي.



شاعر رات جو جيڪا پيڙا ڀوڳي آهي، ان پيڙا کي ڪنهن وارِدات سان ملائي پيش ڪيو آهي. شهر هڪ استعارو آهي ۽ شهر جو موت هڪ ترڪيب آهي. جنهن ذريعي شاعر وجود جي پيڙا کي بيان ڪرڻ سان گڏ رات جي هڪ الميي کي اظهار جو وسيلو بڻايو آهي. هڪ اهڙي سنگين رات، جنهن ۾ موت جهڙي ويراني ۽ خاموشي آهي. ماڻهو ۽ گاڏيون نظر نہ پيون اچن. ماڻهن ۽ گاڏين جي غير موجودگيءَ کي ”بيوهه چوواٽا“ ۽ ”انڌا سگنلز“ جي اميجري ۽ نين علامتن سان اظهاريو ويو آهي.

نظم ۾ شاعر پنهنجي وجود جي پيڙا کي شهر جي موت جهڙي خاموشيءَ سان پيٽي نوَن نوَن استعارن ذريعي تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

”پيرن جي آوازن جو سُمهڻ،“ ”چوڙين جي نغمن جو مرڻ،“ ”سينن ۾ دل جو اُجهامڻ،“ ”اکين جي جهرڻن جو سُڪڻ،“ ”هار سينگار جو چتائن ۾ جلڻ،“ ”رنگن جو سُمهڻ،“ ”خوشبوءَ جو هِنيو ڦاٽڻ،“ ”دوزخ جا انڌيرا،“ ”پيمانن کي اُلٽي اچڻ،“ ۽ ”رات جو خونِ شراب پيئڻ“ جهڙا استعارا شهر جي خاموشيءَ ۽ ويرانيءَ کي سگهاري انداز ۾ پينٽ ڪري خوفناڪ ۽ هِنيانءُ ڏاريندڙ ماحول تخليق ڪن ٿا. ان ريت شاعر جي وجود جي اڪيلائي ۽ پيڙا، خارجي حقيقتن جو روپ وٺي ظاهر ٿئي ٿي.

امداد، شهر جي خاموشيءَ ۽ ويرانيءَ سان گڏ پنهنجي من جي دنيا جو نقشو پڻ چٽيو آهي. هن جي ذات وڪريل آهي. هُو پنهنجي پاڻ کي اڪيلو ۽ بيوس محسوس ڪري ٿو. هن جي ذات هڪ وڏي عذاب ۾ مبتلا آهي ۽ اڪيلائيءَ ۽ خاموشيءَ جو شڪار ٿي رهي آهي. هن پنهنجي ذات جي اڪيلائي ۽ ڀوڳنا کي عصري شعور سان ملائي پيش ڪيو آهي. اهو الميو اها اڪيلائي ۽ پيڙا فرد جي ذات کان ٿي سموري دنيا جي شهرن جو الميو، خاموشي بڻجي چُڪي آهي.

نظم ۾ شاعر سماجي تهذيبي قدرن جي خاتمي کي يادگيريءَ جو حصو بڻائي، سماجي ۽ تهذيبي قدرن کي معنويت ڏني آهي. جنهن ۾ مختلف واقعن ۽ حالتن کي ماضيءَ جو قصو ڄاڻائي، حال جي الميي ۽ ماضيءَ جي سماجي ۽ تهذيبي تاريخ کي نئين رخ سان بيان ڪيو آهي.

نظم ابتدا ۾ ئي زمان ۽ مڪان جي قيد مان نڪري وڃي ٿو. نظم، عارضي وقت (حالت ۽ ڪيفيت) کان دائمي وقت ڏانهن، وحشت کان انسانيت ڏانهن، ويرانيءَ ۽ خاموشيءَ کان آبادي ۽ گوڙ ڏانهن، اونداهيءَ کان روشني ڏانهن ۽ مڪان کان لامڪان ڏانهن سفر ڪري ٿو. ان جاءِ جو ان ۾ عالمگيري عنصر ۽ آفاقي قدر آهن، پر اهم محرڪ فرد جي ڀوڳنا ۽ ان جي اڪيلائي آهي.

**ڪير هن لاش کي زم زم سان اچي ڏيندو غسل،**
**ڪير هن لاش کي پارائيندو ڪعبي جو غلاف،**
**ڪير هن لاش کي سينگار ڪندو، پيار ڪندو،**
**ڪير هن لاش جي پيشانيءَ کي چُمندو رئندو،**
**ڪير هن لاش جو ديدار ڪندو آخري بار،**
**سرد رخسار تان وارن کي هٽائيندو ڪير،**
**ڪير هن لاش تي پائيندو گلن جي چادر،**
**عود لوبان جي خوشبوءَ کي جلائيندو ڪير،**
**ڪو تہ هن شهر جو همدرد ۽ همدم هوندو،**
**ڪو تہ هن شهر جو همراز ۽ ساٿي هوندو،**
**ڪو تہ هن شهر جو معشوق ۽ جاني هوندو،**
**ڪا تہ هن شهر جي دلبر جي جواني هوندي،**
**ڪا تہ هن شهر جي عاشق جي نشاني هوندي،**
**ڪو تہ هن شهر جي ٻالڪ جو تبسم هوندو،**
**ڪو تہ هن شهر جي لوليءَ جو ترنم هوندو.**

نظم ۾ شهر اهم استعارو آهي، جيڪو ظاهري معنيٰ ۾ هڪ ماڳ طور آيل آهي. نظم جي اصل جوهر مطابق شهر محبت آهي، ڪو ماڻهو آهي، شناخت آهي. ڪو رشتو آهي، ڪو وشواس آهي، دل جي بربادي آهي يا هڪ دور آهي، جيڪو هاڻي ختم ٿي

چڪو آهي. شهر جو موت، هڪ ماڳ جو خاتمو ناهي، پر هڪڙي تهذيب، هڪڙي دور جي پُڄاڻي آهي. اميد ۽ ويساهه جو خاتمو ئي شهر جو موت آهي. اهي سڀئي شيون مادي وجود نٿيون رکن ۽ مادي وجود رکندڙ انسان جون ئي آخري رسمون مذهبي رسمن مطابق ادا ڪيون وينديون آهن. ان لاءِ ئي ته شهر جي غُسل ڪفن کي موضوع بڻائي سوال اُٿاريا ويا آهن.

ٻي معنيٰ ۾ شهر، زندگيءَ جي علامت طور آيو آهي. جيڪا پنهنجي اصل جوهر سميت ختم ٿي چڪي آهي. شهر جو مرڻ، زندگيءَ جي جوهر جي خاتمي ڏانهن اشارو آهي. زندگي پنهنجي جوهر سميت زوال پذيريءَ جي آخري ڏاڪي تي پهچي پنهنجي عظمت وڃائي ويٺي آهي. وقت جي جبر ۽ سفاڪيءَ جو عڪس به نظم ۾ موجود آهي.

نظم ۾ معنيٰ پوبان معنيٰ لڪل آهي. ان لاءِ شهر جي ڪابه هڪ معنيٰ نٿي ٿي سگهي، اهو هڪ لفظ ڪيترن ئي معنائن ۾ ورهايل آهي. هڪ لفظ ۾ معنائن جو هڪڙي پوري دنيا سمائڻ، امداد جي تخيل جو ڪرشمو آهي.

نظم جي هن حصي ۾ لاش جي غُسل ۽ ڪفن جي موضوع کي عقيدي ۽ تهذيبي قدرن، ريتن ۽ رسمن جي لحاظ کان ورتايو ويو آهي.

نظم ۾ شهر جي لاوارثي، ڪنهن شيءِ جي خاتمي جي اذيت کي پيش منظر طور بيان ڪيو ويو آهي ۽ پسمنظر ۾ (جنهن ۾ نظم جو اصل جوهر پوشيده آهي) تخليقڪار جي اذيت ۽ اڪيلائپ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

شهر جي لاوارثي ۽ ويراني هڪ طرف شاعر جي اذيت جو سبب آهي ته ٻئي طرف هڪ تخليقي عمل آهي. نظم جي هن حصي ۾ لاوارثيءَ، ويرانيءَ، پنهنجي ذات جي تنهائيءَ ۽ اڪيلائيءَ کي تخليقي وجود ڏنو ويو آهي.

نظم جي هن حصي ۾ شاعر پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت آهي. دراصل شهر جو درد، هن جي ذات جو درد آهي. نظم ابتدا ۾ زمان ۽ مڪان جون سرحدون لتاڙي، پوري دنيا جو سفر ڪري، پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿو. نظم ۾ ڪٿي به هُو پنهنجي اصل کان ڇڳو ناهي.

نظم شاعر جي وجود جي پيڙا آهي، جنهن کي هن وجودي پيڙا مان ڪڍي حقيقت جو روپ ڏنو آهي، پر نظم جي تخليق جو اصل محرڪ شاعر جي وجود جو اذيت ناڪ احساس آهي. هن پنهنجي وجود جي ڪرب کي نئين معنيٰ ڏني آهي. نظم ۾ ڪجهه وڃائڻ ۽ محروميءَ جو احساس به پسمنظر ۽ پيش منظر ۾ سِڌي ۽ اڻ سِڌي طرح موجود آهي.

ظاهري طور نظم ۾ شهر، زندگيءَ جي علامت طور آيل آهي. شهر جي سُڃاڻپ، تحرڪ آهي ۽ تحرڪ ئي زندگيءَ جي موجودگيءَ جو احساس ڏياري ٿي. تحرڪ سان ئي شهر جي بي جان جسم ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. تحرڪ، زندگيءَ جو روح يا جوهر آهي. جنهن کانسواءِ شهر، لاش وانگي مُئل حالت ۾ پيل آهي.

نظم جو اصل جوهر، پنهنجي علامتي ۽ استعاراتي نظام ۾ لڪل آهي.

**ٿورڙي دير ڪانپوءِ... قيد جي ڪوٺين مان ڪڍي،**
**چنڊ ويچاري کي زنجير ستارن جي وجهي،**
**رسن ۽ دار فلڪ تي وري لڙڪايو ويو،**
**۽ وري لاٿو ويو ياد جي تابوت ۾ ذهن،**
**دل جي بغداد کي تاتاري لٽيندا ئي رهيا،**
**سنڌ جي سينڌ ۾ پئجي وئي گهوڙا گهوڙا،**
**مست اکڙين جي جميلا ۾ نه ڪو لڙڪ نه مُرڪ،**
**خون ۾ لال هو سيني جو مقدس ڪانگو،**
**هيرو شيما تي وسايا ويا ايٽم جا دجال،**
**آرفوئن جي ثريا کي ملي ويئي طلاق،**
**شوخ جوين جي ڪنيديءَ کي لڳي وئي گولي،**
**تاج محلن جا ڪنول ديپ سوين کي رُنا.**

هن حصي ۾ تخيل ۽ تصور جي سگهه سان نظم ابتدا وانگر پاڻ ۾ عالمگيريت سمائي، خونخوار، ظالم ۽ سفاڪ قوتن کي ظاهر ڪيو آهي. شاعر وقت جو تخليقي ۽ تاريخي تصور ڏنو آهي. هر سِٽ سان دور ۽ زمانو تبديل ٿئي ٿو. هر سٽ کي هڪ الڳ تاريخي تسلسل آهي. هر سِٽ ظالم ۽ سفاڪ قوتن کي اُگهاڙو ڪري مظلوم تي ٿيندڙ ظلمن جو هڪ الڳ داستان رکندڙ آهي.

هن حصي ۾ نظم پنهنجي مرڪزي خيال ڏانهن موٽ ڪائي ٿو. ”ياد جي تابوت ۾ ذهن لاهڻ“ ڪانپوءِ نظم هڪ طرف تاريخ ڏانهن سفر ڪري ٿو ته ٻي طرف شاعر جي وجود جي اذيت جي انتها جو عڪس چٽي ٿو. هن حصي جون علامتون ۽ استعارا هڪ طَرف عالمي تاريخي واقعن کي بيان ڪن ٿا ته ٻئي طرف شاعر جي وجود جي پيڙا به بيان ڪن ٿا. علامتي ۽ استعاراتي نظام کي ٻن حصن ۾ فني ڪاريگريءَ سان ورهايو ويو آهي.

”مست اکڙين جي جميلا ۾ لُڙڪ يا مُرڪ نه هئڻ،“ ”دل جو بغداد،“ ”سيني جو مقدس ڪانگو،“ ”آرزوئن جي ثريا کي مليل طلاق،“ ۽ ”شوخ جوين جي ڪنيديءَ کي گولي لڳڻ“ جهڙا استعارا شاعر جي وجود جي اذيتناڪ گهڙين جي انتها جا عڪس آهن. هن حصي ۾ شاعر پنهنجي پيڙا سان گڏ پوري دنيا جي اذيت کي پوڄي ٿو. دنيا جي درد کي پنهنجو درد سمجهي، مظلوم جو پرجهلو ٿي بيٺو آهي. تڏهن ته الياس عشقي هن نظم کي انٽرنيشنل ڪوٺيو هو:

مان اهو ٿو چوان ته هي انٽرنيشنل نظم آهي. بين الاقوامي
خيالات آهن هن ۾، ۽ هي محدود ڪونهي. عشقي، (221:2012)

نظم ۾ شامل تاريخي حوالن کي جهاتي پائي ڏسنداسين ته خبر پوندي ته، تاتارين بغداد تي 1258ع تي حملو ڪيو هو. حملي ۾ انسانيت جون سڀ حدون اورانگهيون ويون. بغداد اُن وقت علم ۽ ادب جو مرڪز هو. هڪ تحقيق موجب ان وقت بغداد ۾ هڪ هزار تحقيقي مرڪز علمي موضوعن تي ڪوجنا ڪري رهيا هئا. اهي سڀ تحقيقي مرڪز ختم ڪري، سموري علم ۽ ادب کي دريا حوالي ڪيو ويو هو.

نادر شاهه افغاني، احمد شاهه ابدالي ۽ مدد علي پٺاڻ جي دور ۾ سانڌ تي جيڪي حملا ٿيا، جيڪا قتل و غارت ٿي ”گهوڙا گهوڙا“ انهيءَ تاريخي پسمنظر ۾ آيل آهي.

”ڪانگو“ ۾ رجعت پرست ليڊر ”شومبي“ سامراجي ٽيڪر تي ”لُمَمبا“ کي ماريو ويو. لُمَمبا 1960ع ۾ ڪانگوءَ جو پهريون وزيراعظم ٿيو هو. هن جو تختو اونڌو ڪري ڪيس 1961ع ۾ قتل ڪيو ويو. ”سيني جو مقدس ڪانگو“ جهڙي سِٽ، ان مظلوم جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿي.

ٻي عالمي جنگ ۾ آمريڪا 1945ع ۾ جاپان جي شهر هيرو شيما تي ايٽم بم اُڇلايو. انهيءَ ايٽمي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چاليهه هزار ماڻهو مارجي ويا هئا.

جان ايف ڪينيڊي آمريڪا جو نوجوان صدر هو، جنهن کي جوڀن رُت ۾ 1963ع ۾ گوليءَ جو ڪاچ بڻايو ويو هو.

نظم ۾ آيل تاريخي واقعا، مظلوميت جي ڪٿا آهن. جن کي نظم ۾ نهايت ئي آرٽ ۽ ڪاريگريءَ سان اُڻيو ويو آهي.

نظم جا استعارا هڪ پاسي مظلوم ڪردارن جي عڪاسي ڪن ٿا ته ٻئي پاسي شاعر جي ذات جي اذيت کي شدت سان بيان ڪن ٿا.

نظم جي هن حصي تي اچي سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر اهو سڀ ڪجهه شاعر ڪهڙي مقصد خاطر بيان ڪري رهيو آهي. ان جو جواب نظم جي آخري سِٽن ۾ ملي ٿو. آخري سِٽن ۾ نظم جو مرڪزي خيال واضح ٿئي ٿو:

**هر گنهگارِ محبت جو اهو ئي انجام!**
**هر طرفدارِ صداقت تي اها ئي تهمت!**
**هر وفادارِ محبت تي اهو ئي الزام!**

نظم جي پُڄاڻي، جنهن حيرت سان ڪئي وئي آهي، اُتان ئي نظم نئون جنم وٺي، نئين سر شروع ٿئي ٿو. نظم جي پُڄاڻي ئي، نظم جي ابتدا آهي. ڇو ته ڪنهن به شاهڪار ۽ عظيم تخليق جي پُڄاڻي نٿي ٿئي، بلڪ ان جي پُڄاڻيءَ ۾ ئي ان جي ابتدا پنهان هوندي آهي. نظم جون آخري سٽون شاعر جي اذيت، مجبوري ۽ بيوسيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون. نظم جي آخري سٽن جي شروع ۾ ”هر“ لفظ جون تارون وڃي تاريخي واقعن ۽ ڪردارن سان ملن ٿيون. نظم فڪر سان گڏ فني ڪاريگريءَ جو به شاهڪار آهي. هر لفظ جي ڪنهن نه ڪنهن ڪردار، واقعي، جذبي يا احساس سان ڪو نه ڪو نسبت ڏنل آهي. نظم ۾ شاعر متڪلم جي صورت ۾ زمان ۽ مڪان کان ماورا ٿي پنهنجي ذات جي اڪيلائي ۽ وجودي واردات جي نمائندگي ڪئي آهي. ٻي معنيٰ ۾ شاعر تخليقي سطح تي آفاقيت، عالمگيريت، وجوديت، نيو تاريخيت، حالتن، واقعن ۽ منظرن ذريعي محبت، صداقت ۽ وفا جي موٽ ۾ ان جي انجام جو تصور تشڪيل ڏنو آهي.

# ٻاراڻي ادب ۾ اديب، استاد ۽ نصاب جو ڪردار



ڊاڪٽر ذوالفقار
علي جلباڻي

## تعارف

تعارف: هن مضمون کان اڳ ۾ اسان جو موضوع هو: ”ٻاراڻي ادب جي اوسر ۾ نصاب جو ڪردار“ مذڪوره مضمون ۽ اڳئين مضمون جي هڪ ڪڙي سمجهڻ گهرجي.

هن مضمون لکڻ جو بنيادي مقصد هي آهي ته اسان کي پنهنجي هلندڙ دور ۽ مستقبل لاءِ اهڙا انسان گهرجن جن وٽ ايمانداري، شرافت، انسانيت، علم ۽ عقل جا خزانا هجن. اهڙا انسان تڏهن ئي تيار ڪري سگهنداسين، جڏهن اسان جا اديب ۽ استاد پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندا. غلام مصطفيٰ سولنگي لکي ٿو ته: ”ٻار انساني سماج جي خوبصورت وٽ ۽ ڪارائتو سرمايو آهن. ٻارن سان نه رڳو انساني سماج جي سونهن برقرار آهي، پر ٻار انساني نسل جي ارتقا جا مظهر پڻ آهن. انساني سماج ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت سڀ کان اهم ۽ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته ٻار ئي مستقبل جا معمار آهن ۽ اهي ئي مستقبل ۾ اهم ذميواريون سنڀالين ٿا. ان ڪري انهن جي صحيح تربيت لاءِ گهڻ پاسائين ڌيان جي ضرورت آهي.“ (1) جيترو اسان جو اديب باشعور هوندو ۽ اسان جو استاد ٽريننگ يافته علم ۽ عقل جو اڪابر هوندو، اسان جي قوم کي اهڙو نسل تيار ڪري ڏيندو جنهن سان ڇئني طبقن ۾ اسان جي قوم جو نالو روشن ٿيندو. اسان وٽ ٿئي ڇا ٿو جو استاد جي مسئلن ڏانهن توجهه گهٽ ڏنو وڃي ٿو ۽ مجبورن هن/هنن کي روڊن ۽ رستن ڏانهن اچڻو پوي ٿو، آخر ڇو؟ ان جا سبب ۽ ڪارڻ اسان جي آفيسر شاهي آهي جو انهن کي پنهنجي جائز مسئلن لاءِ به پريشان ۽ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻا پون ٿا ۽ ٻارن جي تعليم ۾ رڪاوٽ پوي ٿي. بهرحال استاد جو ڪم ئي اسڪول ۾ موجود هجڻ سان گڏ تعليم ڏانهن ڌيان ڏرڻ آهي. جونيئر استادن جي سينئر استاد ۽ سڀا آفيسر انهن جي مانيٽرنگ ڪن ته هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن توڙي يونيورسٽين ۾ استادن ۽ شاگردن جا ڪهڙا مسئلا آهن. سکيا جي عمل کان ويندي ڪورس جي ڪتابن تائين ڇا ٿو پڙهايو وڃي. نصابي ڪتاب ۽ انهيءَ ۾ موجود مواد جي وڏي اهميت آهي ۽ انهيءَ تي به نگاهه وڌي وڃي.

**ڪتابن جا تخليقڪار يعني اديب جو ڪردار:**

اسان جي هن مضمون لکڻ جو خاص مقصد هي آهي ته سنڌي ۾ زبان شروعاتي ڪهڙا ڪتاب هئا جن تان اسان جا استاد، شاگرد ۽ عام پڙهندڙ استفادو حاصل ڪندا هئا. پروفيسر منگها رام ملڪاڻي لکي ٿو ته: ”مفيد الصبيان“ ميران محمد شاهه اول (1861ع) جو هيءُ ڪتاب ٻارن لاءِ آکاڻين جو پهريون مجموعو هو، جنهن ۾ وندرائيندڙ ۽ فائديمند آکاڻيون ڏنل هيون ۽ هنديءَ تان ورتل هو.“ (2) مذڪوره ڪتاب کان اڳ ۾ ڪي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن انهن ڪهاڻين ۾، غلام حسين قريشي جي ’پنيي زميندار جي ڳالهه‘ (1854ع)، ميران محمد شاهه (اول) جي ’سڌا توري ڪڌا توري‘ (1855ع) مٿيون ٻئي ڪهاڻيون بنسي ڌر چرنجي لال جي هندي قصن تان ورتل هيون ۽ سنڌيءَ ۾ اوائلي آکاڻين مان هيون.“ (3) جڏهن شروع ۾ ڪي ايترا ڇپائيءَ جا مرڪز نه هئا ته آکاڻين، قصن ۽ ڪهاڻين کي گهر ۾ ڪي وڏڙيون ۽ وڏڙا ٻارن کي وندارئڻ لاءِ زباني ڪلامي قصا ۽ آکاڻيون جيڪي پکين ۽ جانورن متعلق هونديون هيون سي پڻ ٻڌائيندا هئا. جڏهن ته هن وقت دنيا جا رنگ ۽ ڍنگ تيزي سان بدلجي رهيا آهن ۽ دنيا جي جديد توڙي قديم ادب کي وقت ۽ حالات جي روشنيءَ ۾ پرکڻو، ڏسڻو ۽ تپاسڻو پوندو. ماضيءَ جي ادب جي اڀياس مان جا ڳالهه آڏو اچي ٿي ته دنيا جي ٻولين جي ادب جي شروعات نظم کان ٿي آهي. اهو ادب اڪثر ڪري ڏند ڪٿائي انداز جو آهي، انهيءَ ڏند ڪٿائي ادب ۾ موجود ڪهاڻين ۽ قصن جا ٺاهيندڙ ۽ جوڙيندڙ ڪير هئا. اهڙين ڪهاڻين ۽ قصن جوڙيندڙن جو ڪونه ڪو مقصد ۽ مراد ضرور هوندو. مقصد بنا ڪا ڳالهه ٿي نه ٿي سگهي. اُهي قصا ۽ ڪي



ڪهاڻيون جن جا جوڙيندڙ گمنام آهن ڪنهن کي معلومات نہ آهي ڇاڪاڻ جو انهن آکاڻيڪارن بابت ڪابہ لکت نٿي ملي جنهن مان معلوم ٿي سگهي تہ اُهي آکاڻيون ڪنهن جوڙيون آهن. پروفيسر منگها رام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: ”چٽي سانپر آهي، مثال: ڪي ڪهاڻيون نانين ڏاڏين ٻڌايون ’الڙ بلڙ‘، ’هيتلي ڪيتلي‘، ’جهرڪ ۽ جهرڪي‘ ۽ ’ونڊر ۽ ريڇھ‘ ڪهاڻيون جي نهايت ئي ڏکڏائڪ يا نهايت کلائيندڙ هونديون هيون جن جو اثر وڏي ڄمار تائين بہ دل تي چانيو پيو آهي.“ (4) سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ مختلف رسالن ۾ سنڌ جي ادبي تاريخن جي اڀياس مان هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻاراڻيون آکاڻيون جيڪي ٻارن لاءِ نهايت ئي سبق آموز سمجهاڻين سان گڏ انهن جي سوچ ۽ احساس ۾ واڌارو ڪن ٿيون سي، انگريزن جي حڪومت جي ابتدائي زماني ۾ منظر عام تي اچڻ شروع ٿيون. ”سنڌيءَ ۾ پهرين نثري آکاڻي جا ڇاپي ۾ آئي، سا هئي مشهور لوڪ- ڪهاڻي تي ٻڌل آکاڻي ’راءِ ڏياچ ۽ سورٺ‘ جي، جنهن جو لکندڙ ڪجھ عرصو گمنام هو، پر پوءِ جناب محمد صديق ميمڻ جي لکيل ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ (1937ع) مان معلوم ٿيو تہ اهو سنڌي نثر جو پايو وجهندڙن مان هڪڙو، منشي اڌارام ٿانور داس هو. اها آکاڻي ڪئپٽن اسٽئڪ جي ”سنڌي گرامر“ (1849ع) ۾ ضميمي طور ڏنل هئي، جو ديو ناگري لپيءَ ۾ ڇپيو هو، ڇو جو عربي لپي تيار ئي 1853ع ۾ ٿي. هي آکاڻي نيٺ ۽ نبار سنڌيءَ ۾ لکيل هئي جنهن مان جهوني زماني جو هڳاءُ پيو اچي. سن 1861ع ۾ اها آکاڻي بين ڏهن فارسي ۽ اردو تان ترجمو ڪيل مزيدار نقلن سان شامل ڪري منشي اُڌا رام نئين صورتخطيءَ ۾ هڪ مجموعو ڇپايو هو. اها پهرين سنڌي آکاڻي هڪ مجموعي درسي ڪتاب ۾ ڇپيل نندي هوندي اسڪول ۾ ڏاڍي چاھ سان پڙهندا هئاسين.“ (5) سنڌ جي ادبي تاريخن جي مطالعي مان هي بہ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ديوان ڪوڙي مل چندن مل ٻاراڻي ادب تي پلو ڪم ڪيو آهي. سن 1891ع ۾ ديوان سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪيون آکاڻيون جوڙيندڙ ۽ لکندڙ اديب هو جنهن جي آکاڻين ۾ سهڻي سمجهاڻي ڏنل آهي جنهن مان هرڪو پڙهندڙ ۽ خاص طور ٻار استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا. انهيءَ سان گڏ سندس سُرل ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ آکاڻي ڪٺڻ جو ڍنگ ڏيکاري ٿو:

”هڪڙو هو جهنگ، انهيءَ جهنگ ۾ هُيون بہ هرڻيون. هڪڙي هئي وڏي ٻي هئي ننڍڙي. وڏڙي هرڻي هئي ننڍڙي هرڻي جي ماءُ. هڪڙي ڏينهن اُپ ۾ گهڻا ڪڪر ٿيا ۽ واءُ لڳو. وڏيءَ هرڻيءَ چيو ننڍڙي هرڻي کي، اڄ مان جهنگ مان ٻاهر ڪينَ وينديس. اڄ ڏينهن آهي ٿڌو سو ماڻهو بندوقون کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرڻي ڏسندا تہ بندوقون هڻي ماري وجهندا. تون بہ اڄ ٻاهر متان نڪرين! پر ننڍڙي هرڻيءَ ماءُ جو چيو ڪينَ ڪيو.“ (6) هن آکاڻي ذريعي ٻارن کي سمجهاڻي ڏيڻ واسطي جانورن ۽ پکين کان ڳالهرائي انهن جي شعور ۾ پختگي سان گڏ اهو پڻ احساس ڏياريو ويو آهي تہ اهڙن معصوم ۽ بي زبان جانورن تي رحم ڪرڻ گهرجي. ٻاراڻو ادب جيترو سنو ۽ من موهيندڙ هوندو، ٻار اُن کان ايترو اثر قبول ڪندو آهي، ۽ اهو ٻار جڏهن وڏو ٿئي تہ ان جي عمر سان گڏ سوچ ويچار ۾ جيئن جيئن پختگي اچي ٿي تيئن تيئن اُن جي دل ۽ دماغ تي رحمدليءَ جو احساس اڀري ٿو. گناھ کي گناھ ۽ ثواب کي ثواب سمجهڻ جي لائق ٿي وڃي ٿو اهو ئي ٻارُ وڏو ٿي پنهنجي ملڪ، قوم ۽ سماج لاءِ ڪارگر انسان ٿي اڀري ٿو. جن ٻارن سنو نصاب پڙهيو ۽ بهترين استاد مليو تن دنيا ۾ وڏو نالو ڇڏيو آهي. اهو سمورو سهرو اديب، استاد ۽ نصاب ڏانهن وڃي ٿو. سنڌي ٻاراڻي ادب بابت شروعاتي ڪتابن ۾ ٻار کي گهٽي کان گهٽو مرڪز ٺاهيو ويو ۽ انهن ڪتابن جي ذريعي نون اديبن ۽ استادن جي معلومات ۽ اصلاح خاطر بهترين ڪتابن جي ڇپائي ٿي، جن ۾ استادن جي سکيا کي بہ مد نظر رکيو ويو تہ هڪ استاد کي نظم ڪيئن پڙهائڻ کپي، نثري آکاڻيون ٻارن کي ڪيئن سمجهائيبيون ۽ پڙهائيبيون آهن؟ ڪن مشهور شخصيتن جي عظمتن ۽ ڪارنامن کي ڪهڙي ريت بيان ڪجي. جيڪڏهن ڪهاڻي پڙهائجي ٿي تہ اُن جي اهم نقطن تي گهڻو ڌيان ڇڪرائڻ سان گڏ ڪهاڻي جي مکيہ مقصد کان ويندي استاد کي ان بابت اڳواٽ سني تياري ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو هُو جن ٻارن کي پڙهائي رهيو آهي اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ انهن وٽ عمر جي حساب سان ڪيتري سمجهڻ جي صلاحيت آهي، پوءِ پنهنجي مخصوص انداز سان ٻارن کي سمجهائڻ کانپوءِ، سوال پڇڻ گهرجي تہ اوهان هن ڪهاڻي مان ڇا حاصل ڪيو ۽ هن ڪهاڻيءَ جو ڪهڙو مطلب، نقطو ۽ اسان هي ڪهاڻي ڇا لاءِ پڙهيسين ۽ ڪهڙو فائدو ٿيو؟ يقينن استاد سبق سيکارڻ کان پهرين اڳواٽ تياري ڪري ۽ پنهنجي ذهن ۾ هڪ خاڪو تيار ڪري ٿو تہ سياڻي مون کي، ڪلاس ۾ ڪهڙو سبق پڙهائڻو آهي ۽ سبق ۾ ڪهڙا نوان لفظ آهن جن بابت ٻارن کي ڄاڻ ناهي، ان جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهائڻو آهي ۽ آخر ۾ مشق ڪرائڻي آهي. سبق پڙهائڻ دوران نون لفظن سان گڏ ڪن اصطلاحن، پهاڪن، محاورن، چوڻين ۽ اشتقاقن متعلق ٻارن کي معلومات ڏيڻ کان ويندي جيڪڏهن بيت ۽ نظم پڙهائڻو آهي تہ اُن جي مرڪزي خيال تي ڌيان ڏئي ٻارن کي اهڙي انداز ۾ سيکارڻو آهي جو ٻارن جي دلچسپي ۽ ڌيان استاد کي ٻڌڻ ۽ ان کي سمجهڻ ڏانهن ڇڪي وڃي. استاد جي شخصيت ۽ ڪردار جو ٻار تي وڏو اثر ٿيندو آهي. سبق پڙهندي ۽ سکندي سکندي پاڻ کي استاد جي ڪردار ۾ محسوس ڪن ٿا.

استاد تي وڏيون ذميواريون آهن. هُو سماج سُڌاريندڙ هڪ پيءَ جو رول ادا ڪري ٿو. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب تي چڱو خاصو مواد موجود آهي. نصابي ڪاميٽي سٺن سبقن جي چونڊ سان گڏ ٻارن جي عمر ۽ نفسيات کي مد نظر رکيو آهي جيئن مٿي هڪ آکاڻيءَ جو ٽڪرو ڏنو اٿم. جنهن ۾ هڪ نصيحت شامل آهي تہ هميشہ وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو وڏن جي عمر پنهنجي حياتي جا ڪيئي لاها چاڙها ڏسي چڪي هوندي آهي ۽ انهن کي زماني جون چڱايون ۽ برايون سڀ سامهون ٿي گذريون هونديون آهن جنهنڪري انهن جون نصيحتون ننڍڙن ٻارن لاءِ اهميت جوڳيون هونديون آهن. اهي وڏڙا ۽ وڏڙيون زماني جي آزمودن ۽ تجربن مان گذري گذري گهڻي ڪان گهڻو مشاهدو حاصل ڪري پرائيندا ۽ ذهنن ۾ محفوظ ڪري رکندا آهن. جيڪو ننڍن لاءِ مددگار ثابت ٿيندو آهي. ٻارن جا ذهن اڇي ڪاغذ مثل هوندا آهن، انهن کي سکيا لاءِ وڏن جي تربيت جي ضرورت هوندي آهي، اها ضرورت ڪتابن ۽ زباني طور ٻڌائڻ سان ٻارن ۽ نوجوانن ۾ سوچ ويچار ۾ اضافو ڪندي آهي. ٻار ننڍن ننڍن جانورن ۽ پکين ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا آهن، انهيءَ ڪري اسان جا اديب ٻار جي نفسيات ۽ چرپر ۽ دلچسپين کي سامهون رکي ڪهاڻيون، آکاڻيون، نظم ۽ بيت اهڙا جوڙيندا آهن جن ۾ ٻارن جي گهري دلچسپي قائم رهي. فطرت ۾ موجود وڻن، ٻوٽن، جانورن، پکين ۽ انساني جسم جي اهم عضون اکين، پيرن، هٿن، ٻانهن وغيره جي تصويرن کي ڏسي بہ خوش ٿيندا آهن. اسان جي استادن ۽ تعليمي ماهرن، ٻارن جي ذهني ۽ فڪري اوسر کي ذهن ۾ رکي، انهن جي سکيا واري عمارت جو بنياد مضبوط ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي آهي. آزاديءَ کان اڳ ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا سي ئي ڪتاب، اسان جي ٻاراڻي ادب جي مضبوط ۽ مربوط عمارت کي اڏڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن.

سن 1902ع کان ڪيترين ئي سکيا پريون آکاڻيون لکيون ويون ۽ هينيان اڳاٽا اهم ڪتاب آهن:

مرزا قليچ بيگ- ’ٻاراڻا شعر‘ 1870ع

ديوان ڪوڙو مل- ’سنڌي ڳجهارتون‘ 1888ع

ديوان ڪوڙو مل- ’ٻاراڻا گيت‘ 1891ع

مرزا قليچ بيگ- ’ٻارن جي وندر يا پروليون‘ 1922ع.“ (7)

پروفيسر منگها رام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: ”نئين سنڌي لائبريري“ جا آخري اکين ڏٺا ڪتاب: پروفيسر منگها رام ملڪاڻي جو ’ٻاراڻيون ٻوليون‘ (1926ع) ۽ گرڌاري ڪرپالاڻيءَ جو ’رابندر ناٿ جون آکاڻيون‘ (1927ع) تائين ڏسڻ ۾ اچن.“ (8) انگريزن جي دور ۾ هر قسم جا ٻارن لاءِ ڪتاب لکيا ويا. ٻاراڻين ڪهاڻين جا ڪتاب ڪڍڻ ۽ ٻارن لاءِ لائبريري ٺاهڻ جي مکيہ ڪوشش ڪرڻ جو شرف ’سندر ساهتيہ منڊل‘ کي ملڻ کپي. هيءُ پهرين ٻاراڻي ساهت ڪڍڻ جو سلسلو 1925ع ڌاري شروع ڪيو ويو ۽ 1947ع تائين هلندو آيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ ’گل ڦل‘ نالي رسالو ڪڍيو ويو.“ (9) ٻاراڻو ادب جيترو نصيحت ڀريو هوندو، اوترو ئي صحتمند معاشرو تعمير پائيندو ۽ اڳتي وڌندو ترقي ڪندو رهندو. اسان جي اديبن، استادن ۽ تعليمي ماهرن تي وڏيون ذميواريون آهن تہ هُو ٻاراڻي ادب ۽ نصاب کي تر و تازو رکندا اچن جو هر دور جي نمائندگي ٿيندي رهي ۽ اسان جو ٻار وڏو ٿي دنيا جي سمورن شعبن ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري. اهڙو ادب



ننڍڙن توڙي نوجوان ٻارن لاءِ وندر سان گڏ ذهني پرورش بہ مهيا ڪري ٿو. علمي ۽ ادبي لحاظ کان نظم، گيت ۽ بيت توڙي نصيحت ڀريا سبق جي اڄ گهرن ۾ جي نٿا ٻڌايا وڃن تہ اسان وٽ ٻيا بہ ذريعا آهن. اخبارون، ٽيليويزن، رسالا، فيس بڪ، واٽس ايپ وغيره وغيره اچي وڃن ٿا. ڪو دور هو جنهن ڪي ماضي قريب چئون جو نانيون، ڏاڏيون، مائرون ۽ وڏين عمرين جي بزرگ عورتن جون ٻڌايل زباني آکاڻيون وڏي اهميت واريون هونديون هيون، جنهن سان ٻارن جي ذهني ۽ فڪري تربيت ٿيندي هئي. اڄ گهرن ۾ انهن ٻڍڙين جون ڳالهيون گهٽ ٻڌيون وڃن ٿيون. ننڍا ٻار بہ موبائل، ڪمپيوٽر ۽ ليپ ٽاپ جو استعمال ڪن ٿا. ڪنهن وٽ بہ ڪنهن لاءِ وقت ڪونهي هر ڪو پنهنجي مصروفيتن ۾ گم سُم آهي. اهو دور هو جو گهرن، اوطاقن توڙي ذاتي ڪچهرين ۾ ماڻهو هڪٻئي سان مٽن مائٽن، اوڙي پاڙي، راڄ ڀاڳ ۽ دوستين جي ڀرم ڪي بحال رکڻ جون ڳالهيون ٿينديون هُيون سي سڀ تبديل ٿي ويون آهن. هر دور جي پنهنجي گهرج هوندي آهي. اڳيون دور اسان موٽائي تہ نٿا سگهون، پر انهيءَ ڪي ساري ۽ ياد ڪري، هن جديد دور ۾ ڪي سٺا اخلاقي قدر قائم ڪري سگهون ٿا. سماجي ۽ اخلاقي قدر مهمان نوازي، اٿڻ ويهڻ جا آداب، مٽن مائٽن جو قدر ڪرڻ، اَبي ۽ امان جي ساڃاهہ رکڻ، ڀائرن ۽ ڀينرن ڪي عزت ڏيڻ ۽ انهن جي ڏک سُک ۾ سڏ ڏيڻ، جِي چوڻ، اوڙي پاڙي جي ننگ ۽ ناموس جو خيال رکڻ، جيڪي اسان وڃائي ڇڏيا آهن سي نئين انداز سان بحال ڪري سگهون ٿا. اوطاقن ۾ مردن جون ڪچهريون ۽ گهرن ۾ عورتن جو ڪچهريون نہ رهيون آهن ۽ نہ ئي وري ڪچهرين ۾ پيش ڪيل اخلاقي قدر سيکاريندڙ ڳجهارتن ۽ پرولين جو رواج عام آهي. اُهي ڪچهريون جيڪي موڪلائينديون موڪلائينديون آخري هڏڪيون ۽ سُڏڪا ڀري رهيون آهن سي سڀ ٻارن لاءِ اٿڻ ويهڻ جا آداب ۽ هرهڪ جي وڻندڙ ۽ ذهني خوراڪ بہ هُئي سا اکيُن کان ڏور ٿيندي پئي وڃي. اڄ انهن ڪچهرين جي ڪري ئي لغت جو ذخيرو محفوظ ٿي پيو آهي.

**ٻارن لاءِ ڳجهارت:**

”گلن جي ڪاري، ڪنهن ڪي اڏ تہ ڪنهن ڪي ساري

جواب: ماءُ پيءُ

ڏس قادر جي ڪَل، ٻاهران گوشت اندران ڪل

جواب: ڀَڪِيءَ جي ٻُڪِي

گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ، وٺي زور تہ وٺي چوٽ

جواب: ٽانڊو

**ٻارن لاءِ پروليون:**

نچي ٿو ناچوءَ وانگر ناچو بہ نہ آهي، ڀَڙِي پائي ٻار وانگر، ٻار بہ نہ آهي، لٽ ڪٽي ڪلهي تي، ميهار بہ نہ آهي، ٻڌايو تہ ڇا آهي؟

جواب: پولڙو

سنڌي ادب ۾ اهڙي قسم جو ادب ٻارن جي دلچسپي سان گڏ ذهني آزمائش ڏانهن بہ اشارو آهي تہ هُو پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ سوالن جا جواب ڳولڻ جو هيراڪ بڻجي. اسان جڏهن پرائمري درجي جي ٻارن جي سنڌي نصاب جو اڀياس ڪريون ٿا تہ اسان ڪي ٻارن لاءِ لکيل لا جواب نظم ۽ بيت ملن ٿا. هت هيٺ هڪ نظم ڪشنچند ’بيوس‘ جو ڏيون ٿا جنهن مان ان جي سهڻي سوچ ۽ فڪر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

**سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ، قدرت وارا!**
**نرمل جوتي نور نظارا**
**ڪوٽان ڪوٽ بڻايئي ڌرتيون،**
**سهسين سج چـنڊ تارا ڪتيون،**
**جن جو انت نہ پارا-قدرت وارا**
**گلن انـدر سُرهاڻ ڌرين ٿو،**
**موتين سان مهراڻ ڀريـن ٿو،**
**هيرا لعل هزارا-قدرت وارا!**
**جڏهن وٽن تـي واءُ اچي ٿو،**
**پن پن مان پڙ لاءُ اچي ٿو،**
**چم چم جا چمڪارا-قدرت وارا**
**ڇهنب ڇتن ۽ ڇيهن ڪولِي،**
**بلبل ڪوئل ٻُولِي ٻولِي،**
**مور نچن ناميارا-قدرت وارا**
**عجب بنايا بجليُون، بادل**
**بوندون برس برس ڪن ٿادل،**
**واڄڻ ڪن وسڪارا-قدرت وارا**
**ملڪ مڙيوئي مندر آهي،**
**آ ڳو سڀ جي اندر آهي،**
**ديهن منجهہ دئارا-قدرت وارا**
**ساهہ اندر جو ساهہ ڪجي ٿو،**
**’بيوس‘ سائين ناد وڄي ٿو،**
**برپٽ نينهن نقارا-قدرت وارا**. (10)

ٻئي طرف ٻاراڻي ادب تي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ديني حوالي سان چڱو ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ نعتون لکيون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ليکڪ نواز علي ’نياز‘ جو هڪ نظم جيڪو چوٿين درجي جي سنڌيءَ تي رکيل آهي جنهن جو شروعاتي بند هيٺ ڏجي ٿو:

**وطن جي حُب جي دل ۾ نہ ٿي، ايمانُ ڪهڙو ٿيو؟**
**عمل جي ناهي انسان ۾، تہ پوءِ انسان ڪهڙو ٿيو؟**

اهڙين سهڻين سٽن جو تخليق ٿيڻ ۽ وطن جي اهميت بابت ٻارن ڪي معلومات ڏيڻ ڪيڏو نہ لاپائتو لڳي ٿو، جنهن سان ٻار جي اندر مان وطن جي حُب اڌما ڏئي ٻاهر اچي ٿي تہ وطن ڪيڏي نہ پياري شيءِ آهي. اهڙن نظمن ڪي نصاب ۾ جاءِ ڏيڻ سان ٻارن تي سٺو اثر ٿئي ٿو. اهڙي طرح ننڍن ٻارن لاءِ وطن سان محبت بابت سليم ’ڳاڙهوي‘ جو نظم عنوان: ’هَلو سَبز پَرچَم اُڏاري هلو‘ هڪ لاجواب نظم آهي جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

**وطن جي چمن ڪي سنواري هلو،**
**سنواري سـڌاري اجاري هلو.**
**سخا جي نظر سان نهاري هلو،**
**وفا جي اکر ڪي اچاري هلو.**
**سوين سِڄَ اُڀَ تي اڀاري هلو،**
**سڄو ساڻ ساري سنڀاري هلو.**
**ڪدورت ۽ ڪيني ڪي دل مان ڪڍي،**
**فقط ديس جو ڌيان ڌاري هلو.**
**جبل، جهنگ، دريا لتاڙي لنگهو،**

**ڏکن جي ڏونگر کي ڏاري هلو.**
**کچائي، ڪُپت، ڪوڙ ڪوري ڪيو،**
**صداقت ۽ سچ جي سهاري هلو.**
**بلنديءَ جي عظمت جاڪوڙي عَلَمَ،**
**زماني کي حيرت ڏياري هلو.**
**ڪنارا اچي نيٺ چمندا قدم،**
**تَوڪل جي تُرهي کي تاري هلو.**
**هلڻ جو، وڌڻ جو، بگلُ ٿو وڄي،**
**اُٿو قافلي کي اُٿاري هلو.**
**امانت اوهان کي، ٿي سونهي 'سليم'،**
**هلو سبز پرچم اڏاري هلو.**

اهڙي طرح سليم ڳاڙهوي جو 'پيارا وطن' پڻ هڪ سنو نظم آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي وطن کي اکڙين جا تارا سڏيو آهي ۽ وطن مٿان سر ساهه گهوري ڇڏڻ جو نياپو ڏنو آهي ۽ وطن لاءِ دعا ڪندي هڪ بند ۾ چوي ٿو:

**سکيو ستابو شل رهين، ڪوسو لڳي نه توکي واءُ،**
**ماکي ۽ مصريءَ کان مِٺا، اي جان کان پيارا وطن!**

۽ هڪ ٻئي بند ۾ چوي ٿو:

**تنهنجي مٽيءَ ۾ مُشڪُ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هڳاءُ،**
**مهراڻ جي هر موج، ڄڻ امرت سندي ڌارا وطن!**

اهڙيءَ طرح سليم 'هالائي' امداد حسيني، علي دوست 'عاجز' ۽ ٻين جا ٻاراڻي ادب لاءِ نظم ۽ آکاڻين وارو ڪم مثالي نظر اچي رهيو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ ديني ڳالهين جي سمجهاڻي کي به اهميت حاصل آهي، ٻاراڻي ادب ۾، الله تعاليٰ جي نعمتن، روزن، مذهبي ڏينهن جو ذڪر ملي ٿو. ملڪي ۽ قومي جهنڊي جي عزت و احترام سان گڏ حڪومت سان محبت ۽ قائد اعظم جي شخصيت کان ويندي، تاريخي ڳوٺن، شهرن، ڳوٺاڻي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيو ويو ته ٻئي طرف صوبن جي ثقافتي احترام جو ڀرپور ذڪر ملي ٿو. وقت گذرندي جيڪي تبديليون آيون آهن انهن کي مرڪز بڻايو ويو آهي، هڪ پاسي ڳوٺاڻي زندگيءَ جو عڪس ملي ٿو ته ٻئي طرف شهري زندگي پسي سگهجي ٿي. نصابي سبقن ۾ ماڻهن جا ڏنڌا، هڪٻئي جو خيال رکڻ، اسان جا حق ۽ ذميواريون، عزت ۽ وقار جي لحاظ کان اسان سڀ برابر پيدا ٿيا آهيون، ٻين کي معاف ڪرڻ، قدرتي وسيلن، اسان جي ڌرتي، اسان جو ماحول، قدرتي وسيلا ۽ زميني وسيلن بابت، زمين، ميدان، پٽ، جبل، ٻيلا، زمين جا مسئلا ۽ اسين انهيءَ تي ڇا ڇا ڪري سگهون ٿا، پاڻي ۽ ان جا وسيلا، اسان جي گهرن تي پاڻي ڪيئن ٿو پهچي، پاڻيءَ جي اهميت، پاڻيءَ جو استعمال ۽ سنڀال وغيره تي اسان جو ٻاراڻو ادب نصاب ۾ شامل ٿيڻ لڳو آهي. نصابي ڪتابن ۽ ادبي تاريخن ۾ موجود نظم ۽ نثر جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته اسان جو ٻاراڻو ادب اڃان گهڻو ڪجهه گهري ٿو. سنڌي نصاب ۾ جيڪي نظم ۽ نثر بابت مختلف موضوعن تي جيڪي سبق شامل آهن تن کي هن دور ۾ تجديد جي ضرورت درڪار آهي. اڄ جا ٻار سڀاڻي جي روشن مستقبل جي ضمانت ڏيندا تن جي ذهني ۽ فڪري سوچ ويچار ۽ عمر کي سامهون رکي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو ٻاراڻو ادب تخليق ڪجي سو سوچي سمجهي زماني وقت ۽ حالات مطابق تخليق ڪجي، جنهن مان ٻارن جي علمي ادبي اوسر درست طرح ٿي سگهي، ان لاءِ وڌ ۾ وڌ اجا وڌيڪ اضافي ويچار جي ضرورت محسوس ڪجي ٿي. اڳ وارو نصاب پنهنجي زماني جي حساب سان درست هو. ننڍو ٻار هيئينءَ بيت وانگر آهي:

**روئندو آهين دنيا ۾، جڏهن ڪيو وطن،**
**ٻيا سڀ ٿي کِليا، هو خوش سندن جان تن،**
**اڄ ره تون ايئن جو، جي سڀاڻي تون وڃين،**
**ڪلندين تون وڃين ۽ ٻيا سڀئي روئندا رهن.**" (11)

**عورتن جو ٻاراڻي ادب تي ڪيل ڪم:**

جتي مرد اديبن ٻاراڻي ادب تي ڪم ڪيو آهي، اُتي آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ليکڪائن ٻاراڻي ادب تي نهايت ئي سهڻو ۽ سليقي سان ڪم ڪيو آهي. ڇاڪاڻ جو جيترو ٻارن جي نفسياتي ڪيفيت عورت سمجهي ٿي، شايد ڪو مرد ايئن سمجهي سگهي. رسالي 'گل ڦل' جي ڇهين ايڊيٽر: نجم پنهور آهي، جنهن ٻاراڻي ادب کي تمام گهڻي هٿي وٺرائي ۽ ٻاراڻي ادب تي سٺيون آکاڻيون لکيون آهن. آپا شمس عباسي سن 1983ع ڌاري، ميموريل سوسائٽي قائم ڪئي ۽ سوسائٽي وسيلي ڪيترائي پروگرام ڪرائي تعليمي جاڳرتا مهم هلايائين. هن جي زندگيءَ جو سمورو سفر جدوجهد ۾ گذريو. هن تعليم جي واڌاري لاءِ به خانگي اسڪول 'عقيل برائيٽ اڪيڊمي پاڪستان' ۽ 'برائيٽ ڪڊس اڪيڊمي لطيف آباد' جي نالي سان قائم ڪيا جن جي نگراني پاڻ ڪندي هئي." (12)

**ارم محبوب:**

هن ننڍي ڄمار ۾ ئي نثر ۽ شاعري شروع ڪئي. هن شروع ۾ روزاني 'هلال پاڪستان' ڪراچيءَ جي ٻارڙن جي صفحي 'گلڙن جهڙا ٻارڙا' ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون... ڪجهه وقت ٻارڙن جي اردو رسالن 'نونهال' اور 'بچون ڪي دنيا' "ٽوٽ بٽوٽ" ۽ "جگنو" ٻارن لاءِ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن." (13) ان علاوه بانو محبوب جوکيو ٻارڙن لاءِ ڪي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ شاعري به ڪئي آهي.

**پڙهيءَ وارا ٻار**
**استاد پيو آرام ڪري**
**مانيٽر تي ٻار.**"(14)

اهڙيءَ طرح ٻين عورتن ۾ تانيا ٽيٻو جون ٻاراڻي ادب بابت ڪي ڪهاڻيون ۽ شاعري ملي ٿي. زاهده تاج ابڙو جون ٻاراڻي ادب لاءِ ڪوششون قابل تعريف آهين، ساڳيءَ طرح شبنم گل ڪيترائي ٻارن بابت پروگرام ڪرائي ٻارن ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ننڍپڻ کان سٺي ماحول ملڻ ڪري لکڻ شروع ڪيو جو اڃان تائين لکي رهي آهي. مريم مجيدي، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، موتيا چنا، مهرالنساءِ لاڙڪ، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، نجمه نور ڦلپوٽو وغيره وغيره ٻارن جي ادب تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ومي سدا رنگاڻي سنڌي ادب ۾، ٻاراڻي ادب تي بي مثال ڪم ڪيو آهي. "وِمي سدا رنگاڻي جنهن 1994ع ۾، سنڌي ٻيو ڪتاب، 'مکڙيون' ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ، 'ٻليءَ جو اسڪول' ٻارن لاءِ شاعري سن 1998ع، 'سڀاجهي راڻي' ٻارن لاءِ ڪهاڻيون: 1998ع وغيره لکي ٻارن جي ادب ۾ نهايت ئي سهڻو ڪم ڪيو آهي. وِمي سدارنگاڻيءَ جو ٻارن لاءِ ايترو لکڻ، هُن جي ٻارَن سان پيار جي شاهدي آهي. هن جي من اندر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو ابهم ٻار وسي ٿو." (15) ٻارن جو ادب هميشه انهن جي نفسيات ۽ عمر مطابق تخليق ڪرڻ گهرجي انهيءَ ادب کي عورت ئي سٺي نموني سمجهي ۽ لکي سگهي ٿي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته: "گهرن جو وڏڙيون، ننڍڙن نونهالن کي هنج تي کڻي يا ٻانهن سان مٿي جهلي، عجيب غريب نموني ڪڏائينديون آهن. ڪوڏائڻ مهل ڏاڏيءَ جي دل ڇا نه چاهيندي هوندي، نانيءَ جي دل ڪيئن نه ٺرندي. ماءُ جي دل ڪهڙا نه عمدا نازڪ ۽ نفيس خيال ڪندي هوندي مطلب ته ٻچڙي لاءِ هر قسم جون دعائون گهرندي هوندي. پلا ماءُ کي ٻچي ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي وندر ۽ ورونهن هوندي آهي: ڪيڏائيندي ڪڏائيندي الاهي دعائون ڪري ويندي! عرش مان اڏبين، ڪوسو واءُ نه لڳندءِ، ٻه جڳ جيئندين ۽ مندو مُنهن نه لڳندئي وغيره وغيره." (16)

**حوالا:**


1. سولنگي، غلام مصطفيٰ، سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو استعمال (ڇاپو پهريون)، سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ. 2020ع، ص: 9)
2. ملڪاڻي منگها رام، سنڌي نثر جي تاريخ (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن حيدرآباد/ڪنڊيارو، 1993ع، ص: 35
3. ايضاً، ص: 34
4. ايضاً، ص: 37
5. ايضاً، ص: 38
6. ايضاً، ص: 43
7. ايضاً، ص: 44 (فوٽ نوٽ)
8. ايضاً، ص: 51
9. ايضاً، ص: 55
10. ڪشنچند 'بيوس' شيرين شعر (ڇاپو ٻيو)، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/لاڙڪاڻو، آگسٽ 2006ع، ص: 12، 13
11. دائودپوٽو، علامه شمس العلماء، "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ"، ٽماهي 'سنڌي ٻولي' (خاص نمبر)، سهيڙيندڙ: تاج جويو ۽ امين لغاري، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1997ع، ص: 12
12. آريسر، علي نواز سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو (ڇاپو پهريون)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، سنڌ، 2016ع، ص: 32، 33
13. ايضاً، ص: 41، 42
14. ايضاً، ص: 89، 90
15. ايضاً، ص: 493، 494
16. سنديلو، عبدالڪريم، (ڊاڪٽر)، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو (ڇاپو پهريون)، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي، 2016ع، ص: 326

❊❊❊

# ڳالهيون الاهي بخش سومرو جون



نسيم بخاري



**الاهي بخش سومرو**

حاجي مولا بخش سومري جي گهر 16 مئي 1926ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. 1935ع ۾ سندس چاچي شهيد الله سومرو ڪيس ۽ پنهنجي اولاد کي وڌيڪ تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪراچي موڪليو. اين. اي. ڊي يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، پر هن سان مسئلو اهو پيش آيو ته هن جي جيڪا سنگت هئي سا ڪنهن ٻي ليول ۾ هئي ۽ هي يار جنهن بيچ ۾ هو اتي هن جو ڪو واقف ئي نه هو، سو هن اهو سور پنهنجي چاچي سان سَليو جيڪو ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ هو. هن اين. اي. ڊي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر کي فون ڪري ان سان ملڻ لاءِ وقت گهريو، وائيس چانسلر کيس چيو ته سائين ٻه ڏينهن ته صفا مصروف آهيان ٽئين ڏينهن اوهان اچي مون سان ملي سگهو ٿا. سو ٽئين ڏينهن تي وائيس چانسلر جي آفيس وڃي ڪيس سڄي ماجرا ٻڌايائين، جنهن الاهي بخش سومرو کي ان بيچ ۾ شامل ڪيو، جنهن ۾ هن جا سنگتي شامل هئا. اهڙيءَ ريت الاهي بخش سومرو اين. اي. ڊي يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئر بڻجي ويو. پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏنائين ۽ اهليت جي بنياد تي هو پاس به ٿيو. 19 سالن جي عمر ۾ والدين جي مرضيءَ کانسواءِ هن هڪ هندو ناريءَ کي مسلمان بڻائي پيار جو پرڻو ڪيو. جنهن جو والد شڪارپوري هو ۽ امڙ حيدرآباد جي هئي. هن پنهنجي پيار جو احوال جڏهن ڪوئيٽا ۾ موجود پنهنجي مرشد سان ڪيو ۽ عشق هٿان بي انتها مجبوريءَ وارو داستان ٻڌايو ته هن ڪيس چيو ته تون ڪوئيٽا هليو اچ هتي ناريءَ کي ڪلمو پڙهائينداسين ۽ تنهنجو نڪاح به ڪرائينداسين. اهڙيءَ ريت تنهنجو والد به تو تي اسان جي مداخلت ۽ شفقت جي ڪري گهٽ ناراض ٿيندو. الاهي بخش سومرو ڪوئيٽا ۾ هڪ سنگتيءَ وٽ رهيو ۽ هن ڪان هن جو والد پورا پنج سال ڪاوڙيل رهيو ۽ ڪاوڙ ان ڪري هئي ته هن ڪنهن خاندان جي نياڻي پڄائي جيڪا شادي ڪئي آهي سا ڳالهه اخلاقي ۽ سماجي حوالي سان ڪنهن به طرح سان ٺيڪ نه هئي. بهرحال الاهي بخش کي جڏهن اولاد ٿيو ته هن جي والد جي دل ۾ نرمي پيدا ٿي. هو پنهنجي نُنهن سان ته پيار سان ملندو هو، پر پورا پنج سال پٽ پيءُ جي ڪاوڙ جي خوف سبب هن جي منهن نه چڙهيو. الاهي بخش سومري جو هندو ناريءَ سان پيار جو پيچ اڙجڻ پويان هن جي پريميڪا جي ڀاءُ سان دوستيءَ ۽ گڏ پڙهڻ جو وڏو عمل دخل رهيو. جنهن روايتي غيرتي ڀاءُ بڻجڻ بدران الاهي بخش سان دوستيءَ جو پورو پورو حق ادا ڪيو ۽ هن سان هن جي پيار جي شاديءَ واري سپني جي ساڀيان ۾ ڀرپور سهڪار ڪيو. الاهي بخش کي پنهنجي گهرواري زندگيءَ جي هر دور ۾ ايتري پياري رهي جو سر عام اهو چوندي ٻڌو ويو ته جيڪڏهن مون کي ڪا ٻي زندگي ملي ۽ ان ۾ زال جي چونڊ جو چيو وڃي ته آئون پنهنجي محبوب گهرواريءَ کي ترجيح ڏيندس.

الاهي بخش سومرو جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان لا اينجلس آمريڪا



۾ پهرين ملاقات ٿي هئي. جيڪا بعد ۾ دوستيءَ ۾ بدلجي وئي هئي. لنڊن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن اي. ڪي بروهيءَ وٽ وڪالت جي پريڪٽس ڪندو هو ته اڪثر الاهي بخش سومرو هن سان گڏ ويندو ۽ گڏ موٽندو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي نصرت ڀٽو سان شاديءَ جا انتظام به الاهي بخش سومرو پنهنجي ۽ ڀٽي جي گڏيل دوست مرحوم ڪريمداد جوڻيجو سان گڏجي ڪيا هئا. ڪريمداد جوڻيجو، خير محمد جوڻيجو ۽ علي خان جوڻيجو جو پاءُ هو جيڪي وزير به رهيا آهن. ذوالفقار علي ڀٽي ئي پنهنجي وزارت عظميٰ دوران الاهي بخش سومرو کي 1975ع کان 1977ع تائين لنڊن جو ڊپٽي هاءِ ڪمشنر بڻايو هو. ڀٽي جي حڪومت جي ضياءُ الحق پاران تختي اونڌي ڪرڻ تائين الاهي بخش سومرو لنڊن سفارت خاني ۾ ئي هو. ضياءُ الحق جا ڪن ڀريا ويا ته لنڊن سفارت خاني ۾ متعين ماڻهو سنڌي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جو ويجهو دوست آهي. اهڙي رپورٽ ملڻ تي ضياءُ الحق الاهي بخش سومرو کي تڏي تي هٿائي ڇڏيو. پوءِ جڏهن حاجي مولا بخش سومرو جي دعوت تي هو آيو هو ته ڪيس اهو معلوم ٿيو ته جنهن شخص کي ڀٽي دشمنيءَ جي ڪري عهدي تان فارغ ڪيو ويو هو سو ڪو ٻيو نه پر حاجي مولا بخش سومري جو فرزند ئي هو. اهڙي انڪشاف ٿيڻ تي ضياءُ الحق کي شرمندگي به ٿي ته پڇتاءُ به ۽ هن مولا بخش سومرو کي ٿهه پهه چئي ڏنو هو ته جنهن وقت مون الاهي بخش کي هٽايو ٿي، تڏهن توهان مون سان ڳالهه چو نه ڪئي هئي. موٽ ۾ مولا بخش کيس چيو هو ته توهان پڇو ئي نه هو. ساڳي ئي وقت اها به حقيقت آهي ته ڀٽي جڏهن پيپلز پارٽي ٺاهي هئي ۽ ان ۾ حاجي مولا بخش سومري شموليت کان انڪار ڪيو هو ته اها ڳالهه ڀٽي کي پسند نه آئي هئي، ان ڪري اهو ڪاوڙجي پيو هو ۽ جن سوين ملازمن کي هن نوڪريءَ مان ڪڍيو هو، تن ۾ الاهي بخش سومرو به عتاب هيٺ آيو هو. نه رڳو ايترو، پر هن تي پنهنجي مل جي هڪ ملازم جي قتل جي ارادي جي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي به پوري پوري ڪوشش ڪئي وئي هئي، پر جڏهن اها ڪارگر نه ٿي ته الاهي بخش سومرو تي پاڪستان ڊفينس وارو ڪيس داخل ڪري 4/5 مهينا جيل جي هوا کارائي وئي هئي. جڏهن هي آزاد ٿيو هو ته اهو رات جو وقت هو ۽ رات جي وقت الاهي بخش سومرو آزاد ٿيڻ نه پئي گهريو. ڇو ته انهن ڏينهن ۾ تازو تازو فقير عاقل کي رات جو جيل مان ڪڍي ماريو ويو هو. ان ڪري الاهي بخش کي به امڪاني خطرن جو ڊپ ٿي رهيو هو، پر کيس ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر پهچايو ويو هو. جتي ذوالفقار علي ڀٽي هن کان حال احوال پڇو هو ته موٽ ۾ مرڪي جواب ڏنو هئائين ۽ ذوالفقار علي ڀٽي کيس گهر وڃڻ جو اشارو ڪيو هو.

1980ع کان سياست ۾ ايندڙ الاهي بخش سومرو انڊس واٽر ڊسپيوٽ جو سنڌ مان ميمبر بڻجي لنڊن به ويو هو. جتي سنڌ جي پاڻي ڪيس جي نمائندگي به ڪئي هئائين.

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر رهندڙ الاهي بخش سومرو جو خيال آهي ته فردن بدران ادارا مضبوط هئڻ گهرجن. ڇو ته فرد جڏهن طاقتور ٿين ٿا ته فرعون بڻجي وڃن ٿا. هن کي ڏينهون ڏينهن غريب جو غريب ٿيڻ ۽ امير جو امير ٿيڻ به تڪليف ڏئي ٿو.

انٽرنيٽ پل ته الاهي بخش سومرو جي حوالي سان اها معلومات ڏيندو هجي ته هو اين. اي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ جو پرنسپال ۽ ڪراچي ترقياتي اداري جو ڊائريڪٽر جنرل به رهي چڪو آهي. 1995ع ۾ ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ پهريون ڀيرو وفاقي وزير رهيو ۽ 1985ع وارين چونڊن ۾ بنا مقابلي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر به چونڊيو ويو. جڏهن 29 مئي 1988ع تي جنرل ضياءُ الحق محمد خان جوڻيجي جي حڪومت برطرف ڪري نگران ڪابينا ٺاهي ته ان ۾ کيس اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير بڻايو ويو هو. 1990ع ۽ 1997ع ۾ مسلم (ن) جي ٽڪيٽ تان قومي اسيمبلي ميمبر به چونڊيو ويو، پر اسان جيڪي مٿي تفصيل بيان ڪري آيا آهيون سي نه ته ڪنهن ٻڌ سُڌ تي مشتمل آهن نه ئي وري ڪا سنڌي شخصيتن واري ويب سائيٽ تان ڪنيل ڄاڻ آهي. اهي ڳالهيون الاهي بخش سومرو جي خود پنهنجي زبان سان چيل آهن ۽ يوٽيوب تي موجود سندس انٽرويوز ۾ آهن.

ايئن به ٿي سگهي ٿو ته الاهي بخش سومرو جي حوالي سان ڳالهين بيان ڪرڻ جي ترتيب ۾ ڪا هيٺانهين ۽ مٿانهين ٿي هجي، پر اهي ڳالهيون سئو سيڪڙو سچ آهن.

الاهي بخش سومرو جي بيماري جي مسلسل ايندڙ خبرن ۽ بعد ۾ طبيعت جي ڪجهه بهتريءَ ۽ گهر منتقليءَ وارا اطلاع ملندا رهيا ته دل چيو ٿورو وقت ڪڍي الاهي بخش جي شخصيت کان واقفيت حاصل ڪجي ۽ اها واقفيت وري پنهنجي پڙهندڙن سان به ونڊجي.

بحث ان ڳالهه تي نه آهي ته ڪنهن جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي، پر جنهن جي جيڪا به سڃاڻپ رهي آهي، اها سڃاڻپ تاريخ جو حوالو آهي ۽ اهو هر وقت پنهنجي پوري تعارف سان موجود رهڻو آهي. الاهي بخش سومرو جي جيون ۾ جهاتي پائڻ سان کوڙ ساريون اهڙيون ڳالهيون نڪري نروار ٿين ٿيون جن سان عام طور تي هر عام و خاص ماڻهوءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪي ڪنهن به طبقاتي تضاد تائين محدود نه آهن نه ئي وري ڪن حد بندين ۾ انهن کي قيد ڪري سگهجي ٿو. الاهي بخش سومري جي سياسي حوالن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، پر سندس ذاتي حوالا نه رڳو منفرد، پر دلچسپ به آهن اهي عام به آهن، سادا به آهن ۽ انساني فطرت ۽ احساسن جا ڀرپور عڪاس به آهن.

***

باب ايڪيهون

ليکڪ: جيمس ڪليئر

# سٺين عادتن اپنائڻ جو منفي پاسو



سنڌيڪار:
فضا قريشي




## عادتون

مهارتن جو بنياد وجهندڙ آهن. شطرنج ۾ مهرن جون بنيادي چالون جڏهن خودڪار بڻجي وينديون آهن تڏهن ئي شاطر رانديگر ان جي بئي ڏاکي تي فوڪس ڪري سگهندو آهي. معلومات جي هر حصي کي ياداشت تي نقش ٿيڻ ڪانپوءِ ذهن ۾ ايتري جاءِ خالي هوندي آهي جو اهو وڌيڪ گهري سوچ ويچار ڪري سگهي. اهو اصول ڪنهن به ڳالهه تي لاڳو ٿي سگهي ٿو. جڏهن سادين حرڪتن تي اوهان دسترس حاصل ڪري وٺندا آهيو ۽ رواني سان بنا سوچڻ جي ان کي ڪري سگهندا آهيو ته پوءِ ان جي وڌيڪ نازڪ پاسن تي توجهه ڏيڻ جي گنجائش پيدا ٿي پوندي آهي. ان لحاظ کان ڪنهن به ڪم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ عادتون ڪرنگهي جي هڏي مثل آهن.

جڏهن ته عادتن جي فائدن جي قيمت پڻ ادا ڪرڻي پوندي آهي. شروع ۾ هر دفعي جو ورجاءَ رفتار ۽ مهارت پيدا ڪري ٿو، پر جڏهن عادت خودڪار بڻجي پوي ته پوءِ اوهان فيڊ بيڪ يا ان جي جائزي ۽ ان تي مثبت تنقيد بابت ايترا حساس نه رهندا آهيو. چاڪاڻ جو اوهان سوچڻ سمجهڻ بغير ورجائڻ جي عادت تحت هلندا رهندا آهيو. جڏهن توهين ڪوبه ڪم خودڪار طريقي سان بهتر نموني سرانجام ڏيندا رهو ته اوهان پاڻ کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ترڪ ڪري ڇڏيندا آهيو.

عادت جو مثبت پاسو اهو آهي ته اوهان ان کي بغير سوچڻ جي ڪري ڇڏيندا آهيو جڏهن ته ان جو منفي پاسو اهو آهي ته اوهان هڪڙي خاص طرز عمل جا هيراڪ ٿي ويندا آهيو ۽ ننڍين ننڍين غلطين تي توجهه ڏيڻ ڇڏي ڏيندا آهيو. اوهان اهو فرض ڪري وٺندا آهيو ته جيئن ته اوهان کي تجربو حاصل ٿئي پيو، ان ڪري اوهان بهتر پيا ٿيندا وڃو. در حقيقت اوهان پنهنجي موجوده عادتن کي مضبوط ڪري رهيا هوندا آهيو، نڪي انهن کي بهتر ڪري رهيا هوندا آهيو. هڪڙي تحقيق مان اهو ثابت ٿيو آهي ته جڏهن ڪنهن هنر ۾ مهارت حاصل ٿي ويندي آهي ته وقت سان گڏوگڏ ڪارڪردگي عام طور تي ٿوري گهٽي متاثر ٿيندي آهي.

عام حالتن ۾ اها ننڍڙي هيٺانهين مٿانهين ڪو خاص فرق پيدا نه پئي ڪندي آهي. اوهان ڪيتري سٺي نموني پنهنجا ڏند صاف ڪريو ٿا يا وري پنهنجي جوتن جا ڪشا ٻڌو ٿا يا صبح جي چانهن ناهيو ٿا. انهن ڪمن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ اوهان کي ڪنهن به سسٽم جي ضرورت ناهي هوندي. اهڙيون عادتون جيڪڏهن گهٽي دير تائين بهتر نموني هلنديون رهن ته اوهان به مطمئن رهندا آهيو. ننڍين ننڍين فيصلن تي جيتري گهٽ توانائي خرچ ڪجي اوترو ئي وڏن ڪمن لاءِ ان کي بچائي سگهجي ٿو.

پر جيڪڏهن اوهان پنهنجي صلاحيتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ ڪارڪردگي جي اعليٰ معيار تي رسڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان جو طرز عمل ڪجهه مختلف هجڻ گهرجي. بنان سوچڻ سمجهڻ جي ساڳيو ڪم ڪندي رهڻ سان اوهان غير معمولي مهارت حاصل ڪري نٿا سگهو. عادتون ضروري آهن، پر مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ فقط ان عادت جو هجڻ ڪافي ناهي. جنهن شيءِ جي اوهان کي ضرورت آهي سا آهي خودڪار عادتن سان گڏوگڏ سوچيل سمجهيل مشق.


**عادتون + سوچيل سمجهيل مشق = مهارت:**

عظيم بڻجڻ لاءِ ڪجهه شين کي خودڪار بڻائڻو پوندو آهي. سرجنن کي ڀهريون چير ڏيڻ جي مشق ايترا ڀيرا ڪرڻي پوندي آهي جو اهي اکيون بند ڪري به ان کي ڪري سگهن. ايئن ڪرڻ سان ڪين سرجري جي دوران پيش ايندڙ ٻين ڪيترين صورتحالن کي منهن ڏيڻ لاءِ گنجائش ملي ويندي آهي، پر هڪڙي عادت کي روان ڪرڻ ڪانپوءِ اوهان کي ڪم جي محنت طلب حصي ڏانهن اچڻو پوندو آهي ۽ ان سان گڏ ئي اڳتي واري عادت اپنائڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي.

مهارت جو مطلب اهو آهي ته اوهان ڪاميابي جي هڪڙي ننڍڙي حصي تي فوڪس ڪريو. ان کي ايترا ڀيرا دهرايو جو اهو ڪم اوهان جي خودڪار روز مره جي زندگي جو حصو بڻجي پوي ۽ پوءِ ان نئين

عادت جي مدد سان مهارت جي اڳيئين سطح ڏانهن پيش قدمي ڪريو. پراڻي ڪم کي بيهر ڪرڻ آسان هوندو آهي، پر مجموعي طرح آساني حاصل ناهي ٿيندي ڇاڪاڻ جو پوءِ اوهان وري بي چيلنج تي وقت ۽ توانائي لڳائي رهيا هوندا آهيو. هر عادت پرفارمنس جي بئي ڏاڪي طرف وڃڻ جي راهه کولي ٿي. اهو هڪڙو نه ختم ٿيندڙ چڪر آهي.




مهارت حاصل ڪرڻ جي عمل جي تقاضا اها هوندي آهي ته اوهان بهتري جي ٿهن کي هڪ بئي مٿان سٽيندا وڃو. هر عادت، پراڻي عادت جي وڏل بنياد تي بينل هجي ايتري تائين جو ڪارڪردگي جي هڪ نئين سطح يا منزل حاصل ٿي وڃي ۽ هنرمندي جو هڪ وسيع مجموعو اوهان جي هٿن ۾ اچي وڃي.

جينوٽيڪ عادت ۾ وڏي طاقت آهي، پر اوهان جي ضرورت اها آهي ته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڪارڪردگي تي نظر رکو ته جيئن ان جي بهتري جو سلسلو جاري رهي. جڏهن اوهان کي محسوس ٿئي ته اوهان ڪنهن ڪم ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي آهي، جڏهن ڪم خودڪار ٿي وڃي ۽ اوهان کي اطمينان جو احساس ٿيڻ لڳي، بس ان ئي وقت اوهان کي وڌيڪ هوشيار ٿيڻ جي ضرورت آهي ته جيئڻ حد کان وڌيڪ اطمينان جي جار ۾ ڦاسي نه پئجي. ان جو حل ڇا آهي؟ حل اهو آهي ته نظرثاني ۽ جائزي جو هڪڙو نظام تيار ڪجي.

**عادتن تي نظرثاني ڪرڻ ۽ اصلاح جو طريقيڪار:**

1986 ۾ لاس اينجلس ليڪرز وٽ تاريخ جي بهترين ٽيمن منجهان هڪڙي ٽيم هئي، پر ان ٽيم کي ان حوالي کان ياد نئو رکيو وڃي. ان ٽيم 86-1985 جي سيزن جي شروعات 29_5 جي حيران ڪندڙ رڪارڊ سان ڪئي. ماهر اهو چئي رهيا هئا ته شايد اها باسڪٽ بال جي تاريخ جي بهترين ٽيم هئي. سيزن ڪانپوءِ هيڊ ڪوچ پيٽ رائلي چيو ته حيرت انگيز طور تي 1986 جي پلي آف ميچن ۾ ليڪرز جي ٽيم ڊانواڊول ٿي ويئي هئي ۽ ويسٽرن ڪانفرنس جي فائنل ۾ شڪست ڪانپوءِ ان جي سيزن ختم ٿي ويئي هئي. باسڪٽ بال جي تاريخ جي بهترين ٽيم ان وقت اين بي اي جي چيمپيئن شپ به کيڏي نه سگهي، پر ان جهٽڪي ڪانپوءِ رائلي اهو بڏي بڏي تنگ اچي چڪو هو ته سندس ٽيم جي رانديگرن ۾ ڪيترو ٽيلنٽ آهي ۽ سندس ٽيم سان ڪيترين اميدون وابسته هيون. هن غير معمولي راندين ڪانپوءِ ڪارڪردگي ۾ آهستي آهستي نمودار ٿيندڙ زوال ڏسڻ نٿي چاهيو. هن چاهيو ٿي ته ليڪرز هر ميچ ۾ پنهنجي بهترين صلاحيتن جو مظاهرو ڪري. 1986 جي گرمين ۾، هن ان حوالي کان هڪڙو پلان تيار ڪيو. هڪ اهڙو سسٽم جنهن کي هن "ڪيريئر جي بهترين ڪوشش" (سي بي اي يا ڪيريئر بيسٽ ايفرٽ) جي پروگرام جو نالو ڏنو. ان پروگرام بابت بڌائيندي رائلي چيو ته "جڏهن رانديگر پهريون ڀيرو ليڪرز ۾ شامل ٿيندا آهن ته اسين هاءِ اسڪول کان وٺي ان وقت تائين جو سندس باسڪٽ بال جي راندين جي انگن اکرن جو جائزو وٺندا آهيون. ان عمل کي آئون سندن نمبر حاصل ڪرڻ جو نالو ڏيندو آهيان. ان طريقي سان اسين رانديگر جي اهليت جي سطح يا پيمانو جاچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. پوءِ اسين پنهنجي ٽيم جي پلان ۾ ان خيال کان ڪيس شامل ڪندا آهيون ته هو پنهنجي سراسري ڪارڪردگي برقرار رکندو ۽ پوءِ ان ۾ بهتري آڻيندو."

رانديگرن جي سراسري جي تعين ڪرڻ ڪانپوءِ، رائلي هڪڙو اهم مرحلو شروع ڪيو. هن هر رانديگر کي چيو ته سڄي سيزن جي دوران پنهنجي ڪارڪردگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو بهتري آڻي. جيڪڏهن هو ان ۾ ڪامياب ٿين ٿا ته پوءِ اها انهن جي "ڪيريئر جي بهترين ڪوشش" يعني سي بي اي هوندي. برطانوي ٽيم جيان، جنهن تي اسان پهرئين باب ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي، ليڪرز تمام ننڍڙي بهتري آڻي ڪارڪردگي جو اعليٰ ترين معيار حاصل ڪرڻ گهريو ٿي.

رائلي ان نقطي تي زور ڏنو ته سي بي اي جو تعلق محض پوائنٽن يا انگن اکرن سان ناهي، پر ان جو اصل تعلق روحاني، جسماني ۽ ذهني طور تي پنهنجي بهترين ڪوشش ڪرڻ سان آهي. رانديگرن کي شاباس سان گڏ ڪريڊٽ ملندو هو جڏهن هو مخالف رانديگر کي جاڻي واڻي ساڻن ٽڪرائڻ ڏيندا هئا ته جيئن انهن جي خلاف فائول ڏنو وڃي. لوز بالن کي پڪڙڻ لاءِ وڏو ٽپو ڏيڻ يا ري بائونڊن جي پنيان وڃڻ تي پوءِ پلي اهو انهن جي هٿ ۾ اچي يا نه. ان وقت پنهنجي ساٿي جي مدد لاءِ اچڻ جڏهن مخالف ان کي ڊاج ڏيئي رهيو هجي ۽ اهڙن بين ننڍن ننڍن ڪمن تي ڪين شاباس ملڻ لڳي جن تي اڳي ڪين داد ڪونه ملندو هو.

رائلي ٻڌايو ته "اسان ٽيم جي رانديگرن کي انهن مخالف رانديگرن سان گڏ رکندا آهيون جيڪي انهي پوزيشن تي کيڏندا آهن ۽ جن کي ٽيم ۾ اهو ئي ڪردار ڏنو ويو آهي."

اسپورٽس جي ليک جيڪي ميڪ ملن جو چوڻ آهي ته "رائلي هر هفتي ليگ جي بهترين رانديگرن جا انگ اکر بليڪ بورڊ تي وڏن اکرن ۾ لکي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي ٽيم ۾ شامل سندن هم منصب رانديگرن سان سندن ڀيٽ ڪندو هو. سٺا قابل اعتماد رانديگر عام طور تي تقريبن 600 پوائنٽ ڪٽندا هئا جڏهن ته بهترين رانديگر گهٽ ۾ گهٽ 800 پوائنٽن جو اسڪور ڪندا هئا."

سي بي اي جي ڊيٽا جي تاريخ وار جائزي ذريعي ليڪرز سال سال جي ڪارڪردگي تي به زور ڏيندو هو. رائلي جو چوڻ هو ته "اسان نومبر 1986 جي ڊيٽا ۽ نومبر 1985 جي ڊيٽا گڏ گڏ رکي ۽ رانديگرن کي ڏيکاريو ته سندن ڪارڪردگي ۾ بهتري آئي آهي يا ڪمي. پوءِ اسان ڪين اهو به ڏيکاريو ته نومبر جي مقابلي ۾ ڊسمبر ۾ سندن ڪارڪردگي ڪيئن رهي آهي."

ليڪرز سي بي اي پروگرام جو آغاز 1986 ۾ ڪيو. ان مهينن ڪانپوءِ اهي اين بي اي جا چيمپيئن بڻجي چڪا هئا. بي سال رائلي جي اڳواڻي ۾ هنن هڪڙي بي چيمپيئن شپ کٽي ۽ ويهن سالن ۾ ليڪرز لڳاتار به دفعا اين بي اي چيمپيئن شپ ڪٽيندڙ پهرين ٽيم بڻجي وئي. ان ڪانپوءِ رائلي چيو ته "ڪنهن به ڪم ۾ محنت جي ليول يا سطح برقرار رکڻ سڀ کان اهم شيءِ آهي. ڪامياب ٿيڻ جو طريقو اهو آهي ته ڪم کي صحيح نموني ڪرڻ جو ڏانءُ سکيو وڃي ۽ پوءِ هر ڀيري ان ڪم کي ان ئي ريت انجام ڏنو وڃي."

**تت:**

- عادتن جو مثبت پاسو اهو آهي ته اسين بنا سوچڻ سمجهڻ جي اهو ڪم خودڪار نموني پيا ڪندا آهيون. ان جو منفي پاسو اهو آهي ته اسين ننڍين ننڍين غلطين تي توجهه ڏيڻ ڇڏي ڏيندا آهيون.
- عادتون + سوچيل سمجهيل مشق = مهارت
- جائزو ۽ نظرثاني هڪڙو اهڙو عمل آهي جيڪو وقت سان گڏوگڏ اوهان کي پنهنجي ڪارڪردگي کان آگاهه رکي ٿو.

***

# ميئين شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام جو مختصر اڀياس



عابد مهيسر

سنڌي شاعري بہ سنڌي ٻوليءَ جيتري تاريخي قدامت رکندڙ آهي، پر نهايت ئي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪا خاص حيثيت ۽ اهميت نہ ملي سگهي، جنهنڪري قديم دور ۾ سنڌي شاعري محفوظ نہ ٿي سگهي. سنڌ ۾ سومرن جي حڪمرانيءَ جي ڏينهن ۾ ٺهندڙ شاعريءَ جو ڪجهہ حصو صدري روايتن مان ۽ قلمي نسخن مان اخذ ٿي سگهيو آهي ۽ سما دور ۾ ماموئي فقير، شيخ حماد جمالي ۽ سندس جوڙ جي ڪجهہ شاعرن جي شاعري جو جو اڌپورو احوال ملي سگهيو آهي. نہ تہ گهڻو ڪري قديم سنڌي شاعري ناپيد ۽ ناياب ٿي چڪي آهي يا وري ذڪر ڪيل قلمي نسخن جي صورت ۾ مخصوص شخصيتن، گهراڻن، خاندانن، خانقائن يا درسگاهن تائين محدود ۽ محصور ٿي گمنام بڻجي وئي ۽ ڇپجڻ يا منظر عام تي اچڻ کان رهجي وئي. البتہ پوءِ بہ اهو عالم آشڪار آهي تہ سنڌي شاعري بہ قديم دور کان جديد دور تائين هلندي رهي آهي ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جا مورخ ۽ محقق سرگردان آهن. سڀ کان پهرئين قاضي قادن جا "بيت" لکت ۾ مليا ۽ سڀ کان پهرئين ميئين شاهه عنات رضويءَ "ڪافي" لکت ملي ۽ گڏوگڏ ميئين شاهه عنات رضويءَ جو پورو ڪلام ئي سڀ کان پهرئين سُرن جي مڪمل سِٽاءُ سان سرجيل مليو ۽ سنڌ جي تاريخي قصن ڪردارن ۽ ماڳن مڪانن جو احوال بہ سڀ کان پهرئين ميئين شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ مليو. سندس سرن جي ترتيب ۾ چيل ڪلام ڪجهہ هن طرح ڏنل آهي:

1 . سرود ڪلياڻ:

**اسِين بندا تنهنجا، تون اسان جو ڏڻي**
**ڏِنا ڏوهه بخشين، خاڪين تان ڪڻي**
**مڙيئي ڏول نهارئان، جانُ هيئين ساڻ هڻي**
**تان سَپِنئان ئي گهڻي، رحمت تنهنجي راڃيا!**

ڪلياڻ سرَ سان ميئين شاهه عنات جي شاعريءَ جي شروعات ٿئي ٿي ۽ ڪلياڻ جي معنيٰ ۽ مفهوم سان سندس هن سر جي سٽاءُ سان جڙيل شاعري جو گهرو سٻنڌ آهي ۽ ان بيت ۾ پاڻ پنهنجي خالق مالڪ جي وڏائي، هيڪڙائي ۽ رحمت نعمتن جو ذڪر ڪندي پنهنجي خالق اڳيان پنهنجي بندگيءَ جو ۽ پالڻهار جي رحم و ڪرم ۽ بندن جا گناهه معاف ڪرڻ ۽ بندن کي نعمتن سان نوازڻ کي ساراهيندي اهو مڃي ٿو تہ خالق اڪبر ڪانسواءِ ڪوبہ سندس سار نہ لهي ٿو ۽ نہ لهي سگهندو ۽ هو تہ وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي.

2. سرود جمن:

**رهِين پاس پرين، تہ ڪوهه طبيب طلبئين**
**اَندَرِ جا، عناتُ چئي، ڏيکارِ مَ ڏڏَنِ**
**هٿئون حَبِيبنَ، دِلِ جو درد دفع ٿئي.**

هنن سٽن ۾ پرينءَ سان مخاطب ٿي ڪيس اهو چئي ٿو تہ جي جيءَ کي ويجهو هجين تہ منهنجي اندر جي گهرن گهائن کي ڏسين ۽ ڪچائين ۽ بي علميءَ جي ڪارڻ دل جي درد کي محسوس ڪرين ۽ ڪنهن علاج ڪندڙ کي گهرائڻ جي صلاح ڏين ۽ ان طرح محبوب جي ئي مدد سان دل جا درد ختم ٿي وڃن ۽ ساهه ۾ سڻائي ۽ سڪون سمائجي.



3. سرود ڪنيات:

**پرهَ جو پانڌي پڇان، اُڪنڊي اَئُون**
**سڄ سونهارا، سيد چئي، خبر ڏجاهُون**
**هِت آهِين اُتاهون، هُتِ تو پَسين پرين ڪي.**

هتي محبوب جي سڪ ۽ اوسيئڙي ۾ ۽ وڇوڙي جي دردناڪ ڪيفيت ۾ پرهه ڦٽيءَ ۾ سڄ جي اڀرڻ جي آرزوءَ سان پاڻ کي مخاطب ٿي چئي ٿو ته، سيد کي بس پنهنجي پرينءَ جي پچار آهي ۽ جڏهن پرهه ڦٽندي ۽ سهائي ٿيندي ته محبوب سان ملڻ جا جتن ڪبا ۽ سهڻا سريلا سڄ تون به اڀري وٺ ۽ منهنجو محبوب ته تمام مٿي آهي تڏهن به مون کي هتي ڏسي ٿو.

4. سرود سرراڳ:

**قيمت پري ڪوهه، الا هار اهارين**
**سنئون ٿئي، سيد چئي، جَرَ ۾ جهازوءِ**

هتي سيد سالڪ کي صلاح ڏيندي چئي ٿو ته قيمت پري ئي پوءِ ڪجهه پائي سگهجي ٿو ۽ نه ته سواءِ جوکم جي ڪجهه به نه پلئه پوندي ۽ عزت به ايئن نه ملندي آهي نه ئي ڪجهه وڃائڻ ڪانسواءِ ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو سو هميشه سڌو سنئون يعني سچائي سان هلندي حق سچ جو پاسو وٺجي. ڪڏهن ڪڏهن وقتي طور ڪجهه ڀرڻ جي بدلي به نه پائي سگهبو آهي، پر نيت ڏٺيءَ ڪان اجر ملندو ۽ سٺائي ٿيندي آهي.

5. سر رامڪلي:

**طمع جي تمام، مُور نه اَٿن مَن ۾**
**پِنن ڪين پَٽَ ڪٽي گودڙيارا گام**
**جتان لوڪ لڄ ٿئي، اُت آديسين آرام**
**راوَل ڳُهري رامُ، ڪوٺرن جِنءِ ڪکورئا.**

هتي سالڪن جي عادتن مزاجن ۽ ڪيفيتن جي پرچار ڪندي چئي ٿو الله وارن صوفي فقيرن کي دنيا داريءَ سان تر جيترو به واءِ لڳاءُ نه آهي ۽ نه ئي ڪا تن من ۾ لالچ لوڀ آهي ۽ جتي اڄ جي غفلت ۾ پيل انسانن کي وڏائيءَ ۽ انا پرستيءَ جي ڪارڻ شرمساري ٿئي اتي عجز ۽ انڪساري رکندڙ انسان سڪون ۽ آرام سان رهن ٿا ۽ حاڪم ته اوتار ڪان پنهنجي مطلب ۽ منصب کي ترجيح ڏيندا آهن، پر عجز ۽ عاجزيءَ سان ئي خالق ۽ مالڪ جي رضا ۽ ديا ماڻي سگهجي ٿي.

6. سرود مارئي:

**پرُون چُنڊيان پرينءَ سان، پلئو منجهه پائي**
**پَسان ماڳُ مليرَ جا، جي پلو پلائي.**

هنن سٽن ۾ مارئيءَ کي سندس پنهنجن سان ملڻ ۽ مارئيءَ جي ماروئڙن واري ڏاڪ ملير کي ڏسڻ جي خواهش کي ورجايو ويو آهي ۽ عمر کي سنو عمل ڪرڻ سان فطري طور سوڀ ۽ سٺائي جو اشارو ڏنل آهي.

7. سرود پربات:

**ابوجها اوڏا، تُرن پُرن سي گهٽو**
**پاڻ پَسي جن پليو، حُجَت ۽ هوڏا**
**ڪوٺيو ڏي ڪوڏا، اَن کي سپڙ جام سَڏيو.**

هتي سپڙ جام جي شخصيت کي نروار ڪندي سخاوت ۽ فراخدليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو بي علم ۽ اڻ ڄاڻ هوندي به وڏو هوشيار ۽ مفڪر هو ۽ مفلس ۽ محتاجن جي مدد خوب ڪندو هو ۽ گهٽو ڪري انهن وٽ هلي وڃي سندن ساٽ ڏيندو هو ۽ موٽ ۾ مٽن ڪا به هوڏ ۽ حجت نه ڪندو هو. مطلب صوفي درويش کهڙي به تڪليف ۾ همت نه هاريندا آهن بلڪ صبر و شڪر سان پنهنجي حقيقي مالڪ ۾ آسرو ۽ اميدن سان ڀروسو ۽ اعتبار قائم رکندا آهن.

8. سروڌ ڏناسري:

**شال مَ سُڪين سانگرا! برڪت محمد مير**
**جي نوايل نبيءَ جا، سي توڪي ٻنهي پاسي پير**
**تو ۾ جهُلن جهالارين واريون، مٿي ڪنو ملير**
**سائر تنهنجي سير، وهي ولاسي ساههين.**

تڏهن ساگرو به عروج تي هو ۽ پاڻ درياءَ يعني ساگري کي دعائون به خوب ڏنائين ۽ ساگري کي دعائون ڏيندي چئي ٿو ته، شال تون ڪڏهن به سکي نه بند ٿي، پر هميشه وهندو رهين، مني مرسل حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي با برڪت نوازشن سبب تنهنجا ٻئي ڪنارا سدا آباد هجن سدائين ساون ڀوڻن جي سينگار سان جتادار ۽ سگهارو سهڻو هجين ۽ تنهنجو سمنڊ جهڙو خوبصورت وهڪرو سدائين جاري رهي سيني جي ساموهن.

9. سرود جيتسري:

**اَڄ چيائون ايئن، پلي اڱڻ آئيا**
**اونداهي ۾ سوجهرو، ٿنُ ڪئائون تِئن**
**آنءُ تهن ڪانگل ڪينَن، وَرائي آڇيان.**

هتي سالڪ جو حقيقي محبوب کي پنهنجي اڱڻ تي اچڻ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيڻ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ محبوب جو اچڻ سان ايئن لڳو جڻ ڪنهن تمام گهٽي انڌيري ۾ سهائو ٿئي يعني دل کي سڪون ۽ ذهني آسودگي ميسر ٿي ۽ هاڻ ته آئون پنهنجي پرينءَ سان ڪڏهن به عجز ۽ انڪسار ڀريو ربط ۽ تعلق ڪڏهن به نه ٽوڙيندس ۽ اهڙي سچي ۽ پياري پرينءَ کي ڪيئن تا مهڻا ۽ طعنا ڏئي سگهجن جيڪو هميشه نوازشن ۽ نعمتن جون اڻ ڳڻيون عنايتون ڪندو رهي ٿو.

10. سرود پورب:

**ميان! مون مَنُ موهيو، جِني سندي سُونهن**
**اُنِي جي، عنات چئي، ويهي ڪر ورونهن**
**اوڏو ٿي چئو اُونَن، سنيها سيڻن جا.**

هتي سالڪ پنهنجي پاڻ کي مخاطب ٿي چئي ٿو ته ميان مون سڄڻن جي سندرتا ۽ سونهن پسي منهنجو تن من موهجي يعني خوش ٿيو ۽ نظرن جي تيرن سان دل کي خوشي ۽ سڪون ملي ٿو ۽ دل وندري پئي ٿي، ان ڪري تون به ان ئي انداز ۾ عزيزن جا نياپا پهچائي يعني ساڳئي ئي روپ ۽ لهجي ۾ نياپا ۽ پنهنجن کي پهچائڻ گهرجن.

11. سرود ليلا:

**ڪَتَرَ سيئَن ڪانڌ ڏيهون، سياڻي سندوءِ**
**راءُ وڃايو روءِ، وهاڻي وَاٽُن تي.**

هتي ليلا چنيسر جي قصي کي موضوع بڻائيندي ليلا جو لالچ ۾ اچي چنيسر وڃائڻ کي مثال بڻائيندي ڀليل انسان کي صحيح واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪيل آهي. غلط رخ ۽ غلط روين سان روح کي تڪليف پهچي ٿي ۽ صحيح واٽ ئي سڪون پهچائي ٿي. مطلب ته لالچ ۽ لوڀ ۾ گهڻو ڪجهه وڃائجي ويندو آهي ۽ ان سان پنهنجي پاڻ کي ان هنڌ تي پڄائي ڇڏبو آهي جو ڪير به ڪلهي ڪانڌي نه ٿيندو آهي. ان ڪري سياڻي جي سڪون لاءِ اڄ ئي سنو ۽ نيڪ عمل ڪريو.

12. سرود آسا:

**جي مُنهن ڏئين تون ماڻهئين، هنيون ڏئين هوت**
**ته چُني چارئي پوت، اوسه وٺي اُڪرين.**

هتي سالڪ سان مخاطب ٿيندي چئي ٿو ته جي تون دل پنهنجي حقيقي محبوب سان لڳائين ۽ ماڻهن جي مدد ڪرين ۽ انهن جا بار بوجهه پاڻ ڪڻين ۽ پاڻ کي چڱيءَ طرح ڍڪي محفوظ ڪري هلندين ته دل جون جائز خواهشون پوريون ٿينديون ۽ اخلاق ۽ سني ڪردار سان زندگي گذاريندي ته تنهنجي آخرت به سنوارجي ويندي ۽ رب جي راضي ٿيڻ سان دنيا ۽ آخرت ۾ سٺائي نصيب ٿيندي.

13. سرود ڪاپائتي:

**سنجهي ٿئم نه سار، صبح ستيئي ويو**
**آنکي تند، عنات چئي، مهٽ نه آيس مار**
**سپاجها ستار! اُميرياءِ مَ الڙي.**

هنن سٽن ۾ فرمائي ٿو ته صبح ڪان ستو ئي پيو آهي ۽ سنجهي تائين سجاڳ نه ٿيو رپئي جي پنيان پيو ته عنات چوي ٿو پوءِ صفائي ۽ سنائيءَ خاطر نه سختي مليس ۽ نه ئي سَٽڪو ڪُٽڪو ٿيس، پر پوءِ به رحم ڪندڙ ۽ پيار ڪندڙ حقيقي مالڪ مٽس رحم ڪري ڪيس عنايتون ڪري ٿو. هتي انسان جي غفلت ۾ پئجي پنهنجي ڏٿي ڪان پري ٿيڻ کي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته دنيا داري انسان کي الله پاڪ جي بندگيءَ ڪان ٿيڙي ڪيس غلط ڪمن ۾ ڳنڊي ڇڏي ٿي، پر الله پاڪ پوءِ به پنهنجي بندن تي رحم ۽ ٻاجهه ڪندي مهلت ڏيندو آهي، پر دنيا داري وقت اچڻ تي ان ئي انسان کي سختيءَ ۾ آٽي ڇڏي ٿي. مطلب ته قدرت جو قانون سڀ ڪنهن لاءِ برابر ۽ مڪافات عمل تحت مقرر ڪيل آهي.

14. سرود ڏهر:

**پلي ڪي پئُرن، جي واسُ وَنُ آئيا**
**ٿني ڪري ڪوُنرن، ڏنا هنڌ هنين ۾.**

هتي سالڪ سان مخاطب ٿيندي چئي ٿو ته پلي ڪوبه پئُرن جي سڳنڌ وٺي ۽ خوشبوءِ سونگهي ۽ ان کي مڪڙين يا تازو ڦٽل گلن جي خوشبوءِ وانگر سمجهي ۽ ان پنهنجي هنئين سان لڳائي ڇڏي، پر پئُرن ته پئُرن ئي رهندو. مطلب ته انساني خيال ۽ ويچارن جو دارومدار سندس سوچ ۽ سمجهه تي هوندو آهي ان ڪري ڪيس گهرجي ته حق سچ ۽ اتم خيالن کي پائڻ لاءِ سنو ۽ ساپائتي سوچي ۽ فطري رنگ ۾ ان سچي خيال کي سمجهي ۽ پاڻ کي حقيقتن جي حساب سان ڳنڍي ڇڏي.

15. سرود مومل راڻو:

**ڪاهي آيا ڪاڪ تي، لڙي لوڊاٽي**



**جت پَدمَٽيون پيدا ٿيون، لُڏن لاماٽي**
**خوشي ڪئائون ڪين ڪي، ڪو ڇاٽندڙ ڇاٽي**
**راٽِي ني راٽِي، مومل ماٽِي مينڌري.**

هتي مومل راڻي جو قصو بيان ڪندي چئي ٿو ته راڻو مينڌرو ۽ سندس ساٿي ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو مومل ڪي ماڻڻ خاطر قطار ڪري ڪاڪ تي ڪاهي آيا ۽ اتي خوبصورت ۽ سهڻين عورتن جو وڏو هجوم هو ۽ انهن ڪي خوش ڪرڻ جي تمام ڪوشش ڪيائون ۽ آخرڪار مومل ڪي مينڌري وڏي هوشياري ۽ ڇاڻ سان حاصل ڪيو.

16. سِرود بلاوَل:

**سِمون سِنڌِ سَمن ۾، جَڪري جهو نہ ڪوءِ**
**اٿو پهر، عنات چئي، اُپو اپئَن هِي چوءِ**
**الا! اِڇي ڪوءِ، ڏڏُ وڏو ڏانُ گهري.**

هتي سنڌ جي سمين ڄام جڪري جي سخاوت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي ته سمين ڄام جڪري جهڙو وري ڪوبہ سخي ۽ وڏيءَ دل وارو سمن ۽ سميجن ۾ نہ ٿيو ۽ نہ ٿيندو. جڪري تہ بي علم ۽ اڻڄاڻن ڪي بہ انعام ۽ خيراتون ڏنيون ۽ جڪرو اهو چوندو تہ ڪير بہ اچي تہ ان ڪي خير خيرات ڏيڻ ڪانسواءِ نہ وڃڻ ڏيندس ۽ ان ۾ منهنجي قدرت طرفان ڀلائي ۽ سڻائي آهي.

17. سرود ديسي:

**پنهون آندي پاڻ سين، جهڙيائي جمات**
**اُٺن تان، عنات چئي، لٿي جاڙ جَڪات**
**سندي هوت حِماتَ، ڪيچَ پهتو قافلو.**

هتي سسئي پنهونءَ جو ذڪر ڪري ٿو ، پنهون جڏهن ڀنڀور ۾ آيو تہ بظاهر تہ اڪيلو آيو، پر پاڻ سان ڪئين سندر سوچون ۽ خيال ڪٺي سسئي ڪي ماڻڻ لاءِ ۽ اٺن تان بہ اجايو بار لٿو ۽ جڏهن پنهونءَ سسئيءَ سان پيچ پاتو ۽ پنهنجي محبوبہ سان بي پناهہ پيار ڪيو، پر جڏهن سندس اڪ ڪلي ۽ نشي جي ننڊ ختم ٿي تيستائين سندس ڀائرن سان پاڻ بہ گڏ قافلي جي صورت ۾ ڪيچ مڪران پهچي چڪو هو.

18. سرود سورٺ:

**سڻ چارڻ! سورٺ چئي، ڀائي رک ڀرمُ**
**مِنٿ اٿئي مگڻا! راڄا ڳنهي مَ رَمُ**
**تان ڪو دَمج دم، تہ ڏسان منهن ڏياچ جو**
**خاتون راڻي چوءِ، ڀيڻا! ڄم موڻائين مگڻو.**

هتي منگڻي راءِ ڏياچ سان سورٺ جي ڳالهہ ٻولهہ بيان ڪيل آهي. جڏهن سورٺ مگڻي راءِ ڏياچ ڪي چئي ٿي تہ مگڻا منهنجي ڳالهہ ٻڌ ڀاءُ تون منهنجو ويساهہ رک ۽ آئون توکي منٿ ميڙ ٿي ڪيان تہ راڄا ڪان ايئن ڪجهہ وٺي نہ ڀج متان ڪنهن جو ساهہ نہ ٽٽي پوي يا نڪري پوي ۽ آئون ڏياچ جو ڪي ان ڪڏي ڪم ۾ ڏسان. هڪ خوبصورت راڻي چئي ٿي تہ متان مگڻا تون پاڻ ڪي پاڻهي اچي قاسائي وجهين.

19. سرود سارنگ:

**تاڙي ڪِي تَوار، پَپيهل پَٽيو هِيون**
**هارين هر سنيائيا، سَرها ٿئا سنگهار**
**لاهيين ڏک ڏاتار! الاهي عنات چئي**
**بادل! وسئو وس، ڪر پيرو ان پُون.**

جڏهن تاڙو پکي ۽ پپيهل پکي وڏيڪ سک اڪير پرئي انداز ۾ ٻوليندا آهن تڏهن مينهوڳي رت جا آثار ۽ اهڃاڻ پڌرا ٿيندا آهن ۽ هاري فصل پوکڻ جي تياري ڪندا آهن ۽ مالوند مارو ٽڙا خوش ۽ سرها نظر ايندا آهن. تنهن مهل سالڪ پنهنجي خالق مالڪ ڪي عرض ايلاز ڪندي چئي ٿو تہ اي خالق اڪبر تون ئي ڏک ۽ تڪليفون ختم ڪندڙ آهين ۽ خوشين ڀريون نعمتون عطا ڪندڙ بہ تون ئي آهين ۽ ڪڪر ڪي مخاطب ٿيندي چئي ٿو تہ. ڪڪر لاڳيتو وسڪار ڪر ۽ ان ڌرتيءَ ڪي سيراب ڪر تہ ڌرتيءَ واسين لاءِ سک ۽ آسودگي برپا ٿئي.

20. سرود تودِي:

**پاتا اَن پاتار ۾، دريا دنگ هٽي**
**اڪڙيون، عنات چئي، ويٺيون پار وٺي**
**ساٽي جن ڏٽي، تن سين مهراڻ ميا ڪري.**

هتي سنڌو درياءَ مهراڻ جو ذڪر ڪندي سالڪ چئي ٿو تہ تمام اونهي ۽ وڏي پاڻيءَ ۾ درياءَ وڏا وڏا ٻيڙا ئي ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيا ۽ اکيون اهو سڀ ڪجهہ ڏسي اوچنگارون ڏيڻ لڳيون ۽ جن جو خالق حقيقي ڪين نوازشن سان نوازي ٿو تہ مهراڻ درياءَ بہ انهن لاءِ ڀلائي ۽ مهر جو ڪارڻ بڻجي انهن ڪي سک ۽ شانتي ارپي ٿو.

21. سرود ڪاموڏ:

**ماڻهو چُون مي، آنءُ آهيڙياڻي آهيان**
**ٿوري جي ٿرن جا، مون ڪان چڱا سي**
**ڄام تماچي جي، نَظَرَ نوازي آهيان.**

هتي نوري ڄام تماچي جو ذڪر ڪيو ويو آهي جڏهن نوريءَ ڪان اتي جا ماڻهو نفرت ڪندا هئا ۽ ڪيس گهٽ ذات واري چوندا هئا ۽ ڪيس سڀني ڪان گهٽ ۽ نيچ سمجهندا هئا. پر ڄام تماچي جيڪو سنڌ جو تنهن وقت جو حاڪم هو، تنهن مٿس ذره نوازي ڪندي پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي بڻائي ڪيس عزت ۽ محبت سان نوازيو.

22. سرود ڪارائيڙو:

**ڪوڙين جي ڪائو ٿئي، سمونڊ توءِ نہ سڪن**
**لالون سي لهن، جنين سودو سچ سين**
**ڪري سانگ سرين، روهان اڏاٽين هنجڙا.**

هتي پاڻيءَ جي لاٽ ۽ گهٽجڻ جو ذڪر ڪندي چئي ٿو تہ جڏهن ڪا ڪان ڪونڌ ٿئي تہ پاڻيءَ ۾ لاٽ ايندي آهي، پر پوءِ سمنڊ ڪڏهن بہ ناهن سُڪندا ۽ جيڪي سچ سان سچو پڪو ساٿ ڏيندا اهي املهہ اماڻڪ موتي ماڻيندا آهن يعني قدرت طرفان عزت ۽ وقار حاصل ٿيندو اٿن ۽ جڏهن سچ سان بہ سودو ڪبو تڏهن ڳڻتي ڀريون حالتون برپا ٿينديون ۽ سک چين ختم ٿي ويندو ايئن جيئن جڏهن ڍنڍن ڍورن ۾ پاڻيءَ ۾ لاٽ ۽ گهٽتائي ايندي آهي تہ هنج پکي اڏري هليا ويندا آهن يعني سک ۽ سڪون سان ئي سڀ ڪو خوش ۽ آباد رهي سگهي ٿو. سنڌ جي صوفي شاعرن رڳو تصوف جي تناظر ۾ بہ ڪلام نہ سرجيو آهي، پر سندن نظر پنهنجي سماج ۽ معاشري تي بہ رهي آهي ۽ نهايت ئي ڳوڙهي نظر ۽ باريڪ بينيءَ سان سماجي اوڻاين ۽ ڪچائين تي سنجيدگيءَ سان مشاهداتي نگاهہ وڌي ۽ معاشرتي اصلاح لاءِ سوچ ويچار ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ اصلاحي نقطا سمويا. ڇو تہ ڪين پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين سان بي پناهہ محبت ۽ پيار هو. سڀ ڪان پهرئين ميئين شاهہ عنات رضويءَ جي ڪلام ۾ اسان ڪي ماضي قصا ۽ داستان ۾ سمايل مليا ۽ مٿي چند انهن قصن ۽ داستانن سان سرشار بيت بہ قلمبند ڪيا ويا آهن. ميئين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ فڪري توڙي فني حوالي سان هڪ ڀرپور ۽ روحاني رازن جي ريڪائن ڪي محسوس ڪري سگهجي ٿو بلڪ قدرت جي ڪئنواس تي فطري رنگن سان فڪري نقش نگاري ۽ صوفياڻي سحر انگيزيءَ سان سرشار آهي.

**مددي ڪتاب:**


1. ميئين شاهہ عنات جو ڪلام، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 1963ع ۽ 2010ع.

2. سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 1993ع.

3. برهانپور ڪي سنڌي اولياءُ سيد مطيع الله راشد برهانپوري 1987ع.

4. ڪافيون (جلد پهريون) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 1985ع.

5. بيت، ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سنڌ 2002ع.

# علي بابا



مير سردار چنڙ

**سنڌ** ۾ ادبي هيرن جي ڪا کوٽ ناهي سنڌ ۾ سوين ستار اپريل آهن اڄ بہ جڳمڳ آهن جن سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو آهي. انهن مان سنڌوءَ جو سڪيلڌو علي بابا پڻ هڪ آهي. علي بابا 7 جولاءِ 1945ع تي نانگو لائين ڪوٽڙي ضلعي دادو (هاڻوڪي ضلعي ڄامشوري) ۾ محمد رمضان رند جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس نالو علي محمد رکيو ويو. ڪنهن بہ نہ ڄاتو هو تہ هي ٻروچاڻو ٻار علي محمد وڏو ٿي علي بابا جي روپ ۾ عالمي ليول جو ڪهاڻيڪار ٿي سنڌي ادب جو نانءُ روشن ڪندو.

علي بابا جا وڏا اصل بلوچستان جا هئا جيڪي بلوچستان مان لڏي اچي سيوهڻ ۾ رهائش پذير ٿيا. علي بابا جو پيءُ محمد رمضان بلوچ ريلوي ۾ شنٽنگ پائليٽ هو، جيڪو ڪوٽڙي لڏي آيو. علي بابا پرائمري تعليم نانگو لائين ڪوٽڙي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ شير دل هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. جڏهن ميٽرڪ جا امتحان ٿي رهيا هئا تہ علي بابا هڪ ڇوڪري کي پونڊو ڏنو تہ ڪيس هڪ استاد امتحان سينٽر مان ڪڍي ڇڏيو، پوءِ وري هن اسڪول جو منهن نہ ڏٺو ۽ ميٽرڪ ۾ فيل ٿي ويو.

علي بابا پهرين ريلوي کاتي ۾ ڪلارڪ طور پرتي ٿيو جتي ست سال نوڪري ڪيائين. بعد ۾ ڪپڙي جي مل ۾ اسسٽنٽ مئنيجر طور ڪم ڪيائين، 1965ع ۾ نوڪري ڇڏي لکڻ پڙهڻ شروع ڪيائين.

علي بابا ننڍپڻ کان ئي لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن جو ذڪر "سنڌ باد جو سفر" ۾ ڪندي چوي ٿو تہ مون تمام ننڍي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيو هو. ڏهن ٻارنهن سالن ۾ ان وهيءَ ۾ منهنجو اديب بڻجڻ جو ڇٽو پختو خيال هو مون وٽ ڪنهن وڏي آفيسر انجنيئر يا ڊاڪٽر ٿيڻ جو تصور ئي نہ هو پيو ڪاڳر ڪارا ڪندو هئس.

اهڙيءَ طرح علي بابا ننڍپڻ کان لکڻ شروع ڪيو، پنهنجي منهن لکندو هو وري ڦاڙيندو هو لڳاتار سلسلو هلائيندي 1965ع کان باقاعدي رسالن ۾ ڇپجڻ لڳو. سندس پهرين لکڻي شمشير الحيدري جي مئگزين "نئين زندگي" ۾ شايع ٿي ۽ انهيءَ رسالي ۾ آخر تائين شايع ٿيندو رهيو.

علي بابا پنهنجي قلم کي سچ ۽ نيڪ نيتي سان هلايو هن سماج لاءِ پاڻ پروڙيو هن سدائين سخت پورهئي سان لکيو نہ کي ڪنهن سستي شهرت ڏانهن ڀڳو. علي بابا جا پسند جا موضوع موهن جو دڙو، سنڌو درياءُ، ڪارونجهر جبل، ٻيڙي، مهاڻا ۽ تاريخ هئا.

علي بابا جو هڪ عظيم خواب هو تہ سنڌو درياءُ



کي ماضي واري موجن ۾ ڏسي ان جي چوڌاري وڻ ٻيلا ڏسي سنڌ ۾ پاڪ پوتر پاڻي ڏسي نہ کي پنجاب جي فيڪٽرين جو ڪيميائي پاڻي ۽ سکر حيدرآباد تائين جي گٽرن جو پاڻي ڏسي، علي بابا سنڌو کي ٻيهر موجن ۾ ڏسڻ چاهيو پئي.

علي پنهنجي جيون ۾ 300 کان مٿي ڪهاڻيون ريڊيو ڊراما لکيا، علي بابا جي ڪهاڻين جا ڪردار سگهارا ۽ واضح هئا هو پنهنجي ڪهاڻين ذريعي پنٽتي پيل ماڻهن جي دردن جو آواز بڻيو، سندس ڪهاڻين ۾ غريبن باليشاهين جي زندگين جا داستان سنڌو درياءُ رني ڪوٽ ڪارونجهر جبل جا عڪس پسمنظر موجود آهن. علي بابا جي ڪهاڻي جي موضوع حوالي سان مدد علي سنڌي پنهنجي مضمون "ڪا ڳالهہ هئي جيڪا مون نہ سئي" ۾ لکي ٿو تہ، "علي بابا جڏهن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون تڏهن سنڌي ڪهاڻي جو اهم دور هو، پر اسان جي ليکڪن جي ڪهاڻين جا گهڻو ڪري موضوع وڏيري ۽ هاري تائين محدود هوندا هئا. جيتوڻيڪ حفيظ شيخ، حميد سنڌي، غلام نبي مغل، نسيم کرل، نوان موضوع آندا هئا، پر علي بابا اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن سڀ کان پهرين قومي ڪهاڻين جو آغاز ڪيو اها ڳالهہ 1960ع جي آهي.

علي بابا هڪ حساس ڪهاڻيڪار هو هڪ اهڙو ڪهاڻيڪار هو جيڪو ڪنهن موسم يا وقت تائين محدود نہ هو، هر وقت پيو لکندو هو، سندس هر ڪهاڻي ۾ احساس سمايل آهي. شاعراڻي ڪهاڻي جو فن بہ علي بابا لکڻ ڄاڻي سندس هر ڪهاڻي جي شروعات دلچسپ ۽ پڇاڙي ڇرڪائيندڙ هوندي آهي، اهم گڻ انهن ۾ هوندا آهن جيڪي پنهنجي پڙهندڙن کي پاڻ طرف ڇڪڻ ڄاڻيندا آهن، ايئن علي بابا جون ڪهاڻيون بہ سنڌ ۽ سنڌين جو روح آهن. سنڌو کان ويندي ڪارونجهر، ڪينجهر ۽ رني ڪوٽ کي علي بابا پنهنجي اصل حيثيت سان ڏيکاريو آهي. علي بابا اهي سنڌ جا اصل ڪردار ڳولي اسان آڏو پيش ڪيا آهن جن کي اسان لاپرواهي ۾ وساري ڇڪا آهيون. سندس ڪهاڻيون سماج جو چٽو پٽو عڪس آهن جنهن ۾ سماج جا سڀ رنگ جڙيل آهن. علي بابا چنڊ ۽ ماني، جانورن جي دنيا، دي ايڊيٽر، ڪارونجهر جا قيدي، اسان ماڻهو لاڙ جا، جهڙيون ڪيتريون ئي شاندار ڪهاڻيون اسان کي سرجي ڏنيون. علي بابا پي ٽي وي تي 100 کان مٿي ڊراما لکيا جن ۾ ٻالي شاهي، موکي ۽ متارا، مومل راڻو، هوشو شيدي، رقص حيات، (جيڪو موهن جي دڙي جي ناچڻي ۽ ان جي زندگي تي هو) ۽ دنگي منجهہ درياهہ ۽ ٻيا مشهور ٿيا.

**دنگي منجهہ درياهہ:**

دُنگي منجهه درياهه علي بابا جو هيءُ هڪ اهڙو شاهڪار ڊرامو هو جنهن ڏسندڙن کي ڏنڊين آگريون ڏيئي ڇڏيون، سڀ ان ڳالهه تي حيران هئا ته علي بابا سنڌي ادب ۾ اهڙو ڊرامو ڪيئن سرجي سگهي ٿو. 1976ع ۾ جرمني جي شهر ميونخ شهر جي عالمي ميلي ۾ پيش ڪيو ويو هو، جتي 79 ملڪن حصو ورتو هو. ان ميلي ۾ هن ڊرامي ٽين پوزيشن حاصل ڪئي هئي، اهو پهريون سنڌي ڊرامو هو جيڪو مهاڻن تي لکيو ويو هو. هن ڊرامي ۾ سنڌو درياهه جي جيون کي شاندار نموني سان پيش ڪيو ويو هو مهاڻن جي زندگي ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي ٻولي تي اعليٰ طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ ٻولي جي حوالي سان به بهترين ڪم ڪيو آهي. سيني ڪردارن سان ڀرپور نيايو ٺيٺ سنڌي استعمال ڪئي آهي ڀهاڪا پڻ شامل آهن. هن ڊرامي ۾ ٽي مرڪزي ڪردار شامل آهن ڊانيڊي (مڙس)، ڏاٽو (زال)، ساماٽو (پٽ). علي بابا ٽنهي سان برابر انصاف ڪيو آهي، انهن ٽنهي مان ڏاٽو تيز عورت جو ڪردار ادا ڪري ٿي. ڊرامي جو ڪجهه منظر هيٺ پيش ڪجن ٿا.

"ڊانيڊي چار سولو ڪري سرهه سنڌو ڪري ٿو. ٻيڙي درياهه ۾ چير وجهندي، هوائن جي زور تي ڪنهن طرف وڌندي ٿي نظر اچي، ڪئمرا ڏاٽو کي ٻنهي ٻارن جي وچ ۾ ليٽيل ٿي ڏيکاري، اوچتو ڏاٽو جو پٽُ ننڊ مان ڇرڪ ڀري روئڻ ٿو لڳي.

ٻار: آن آن... موندو ڦوتنو... آن... آن... آن....

(هيج مان)

ڏاٽو: الي الي توندو ڦوتنو خواب لڌو اٿئي ماٺلي ڪري سمهي پئُ لطيف اجهو آيو ڪين آيو پوءِ پانجي پٽ کي ڳالو ڳالو ڦوتنو وٺي ڏيندسِ ۽ رنگ برنگي ڳانو ڳچيءَ ۾ پائيندين نه...

***

ڊانيڊي: رن، منچر مان لڏائي، ڪينجهر مان لڏائي، هاڻ درياهه شاهه تان به ٿي تڙائين ڇا؟

ڏاٽو: چو، وات چو بند ڪريان؟ درياهه بادشاهه جي دُن ۾ ايتريون مڇيون به ڪونه هونديون جيتريون منهنجي پيٽ ۾ گاريون- او.... ڪوٺڙي واري پل تان بيهندي سانءِ

(منشي کي نهاري نماڻائيءَ مان)

ڊانيڊي: سائين، دل ۾ مَ ڪجان هيءَ ٿوري واترادي آهي

(ڪجهه جهيڻو ٻوليندي ٿهمَر سان)

ڏاٽو: چو؟ آئون وڏي واترادي آهيان ڏيڍ هزار گاريون برزبان ياد اٿم.

هي سين نمبر 1 مان ڪجهه ڊائلاگ ڪنيل آهن.

علي بابا هن ڊرامي جي لاءِ هڪ سدا بهار گيت لکيو جيڪو جيڪي زرينا بلوچ جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرايو جهڙو سدا بهار گيت ٿهڙو ئي سدا بهار آواز هو. هي گيت درياهه جي درد تي سمايل گيت آهي، جنهن ۾ علي بابا درياهه جو درد پيش ڪري ٿو جنهن جو سٽون هن ريت آهن:

**اسين ماٺهو لاڙ جا**
**درياهه جي پچاڙ جا**
**اُترڙو ٿو لڳي**
**اترڙو ٿو لڳي الا**
**واسرو ٿو لڳي**
**جهريل جهوپا پنهنجا**
**هانوَ به هڃيل پنهنجا**
**تو بن منهنجا ڙي راڻل**
**روحڙو نه لڳي**
**اسين ماٺهو لاڙ جا**
**درياهه جي پچاڙ جا**
**اترڙو ٿو لڳي**
**توسين منهنجا جهيڙا**
**توسين منهنجا ميڙا**
**توکي ڏسيو ڙي راڻل**
**ساهڙو ٿو ڪڇي**
**ساهڙو ٿو ڪڇي ڙي الا**
**اسين ماٺهو لاڙ جا.**

**سنڌ باد جو سفر:**

علي بابا سنڌ باد جو سفر هي ناول خاص ڪري ٻاراڻي ادب جي کوٽ محسوس ڪندي ٻارن لاءِ لکيو هو. هي ناول نه صرف ٻارن لاءِ آهي، پر وڏن لاءِ به تمام ڪارائتو آهي. هن ناول جي اها خوبي آهي ته علي بابا هن ناول ۾ ڪٿي به رت ناهي وهايو. هن ناول اندر سنڌ باد نالي هڪ ڇوڪري کي سنڌ ملڪ جي سيلاني (سفير) طور پيش ڪيو آهي جيڪو ٻيڙي ذريعي درياهه بادشاهه جو سير ڪري ٿو. هن ناول ۾ ۾ درياهه ۽ ڪارونجهر جي ڪور جي آسپاس جا ڪجهه منظر پيش آهن. ناول ۾ موجود سڀ ڪردار گوڪل گوڪان، هوٽل پري، ديو ۽ مهاڻو هن سيني ڪردارن سان نهڪندڙ ڊائلاگ لکيا آهن. جيئنوٽيڪ هي ناول اٿپورو هوندي به اٿپورت جي ڪمي محسوس نٿي ٿئي. علي بابا جي هن ناول ۾ علي بابا جو قلم ڪٿي ڪٿي وزنائتا لفظ ڪٽي آيو آهي ته ڪٿي تمام سادا سولا لفظ لکيا آهن. ڪاش اڄ علي بابا زنده هجي ها ته اسان کي هن ناول جو ٻيو حصو به پڙهڻ لاءِ ملي ها.

علي بابا ڏک وچان مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ڪاش اسان وٽ ايترا پئسا هجن ها ته آئون ان تي آزاد ٿي لکان ها ۽ آرٽسٽ کان پنهنجي مرضيءَ جون تصويرون نهرائي ناول سهڻي نموني ڏيان ها ته ناول وڌيڪ اثرائتو ٿئي ها.

**موهن جو دڙو:**

علي بابا جو هي شاهڪار ناول موهن جو دڙو آهي جنهن هن وقت تائين سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي مڃتا ماڻي آهي. علي بابا جو هي ناول موهن جو دڙو تمام سٺي حيثيت رکندڙ ناول آهي. هن ناول ۾ به علي بابا سنو نيايو آهي. هي شاهڪار ناول ٻن حصن ۾ اچڻو هو، پر ٻيو حصو اڌورو رهجي ويو ۽ علي بابا به ڪوهين ڏور هليو ويو. باقي پهرين حصي جا ڪيترائي ڇاپا اچي چڪا آهن.

هن ناول جون ڪجهه قسطون 1968ع واري دور ۾ حميد سنڌي جي مئگزين "روح رهاڻ" جي آخري پرچن ۾ شايع ٿيون هيون. "روح رهاڻ" تي بندش ڪانپوءِ بقايا قسطون شمشير الحيدري جي ادارت ۾ "نئين زندگي" مئگزين ۾ شايع ٿيون. هن ناول بابت مدد علي سنڌي لکي ٿو ته "تمام گهٽ پڙهندڙن کي اها خبر هوندي ته جڏهن علي بابا پنهنجو اهو شاندار ناول لکي رهيو هو ته ان وقت هن اڪين سان موهن جو دڙو گهمي به نه ڏٺو هو، پر هن ناول ۾ جيڪا هن منظر ڪشي ڪئي آهي يا هن ۾ مطالعي ۽ آبزرويشن جو جيترو تعلق آهي اهو سندس اعليٰ ذهن جو اظهار آهي. "سنبارا" لفظ به اسان علي بابا جي واتان ٻڌي ۽ ناول ۾ پڙهي پوءِ واقف ٿياسين.

مدد علي سنڌي جي هن راءِ مان پاڻ ئي اندازو لڳائي سگهو ٿا ته علي بابا ڪيترو نه ذهين هو، هن پورو تجربو مشاهدو گهر ويني ڪتابن مان ڪيو ۽ اهڙو شاندار ناول لکي تاريخ رقم ڪيائين.

علي بابا 1983ع ۾ پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ڌرتيءَ ڌڪاٽا شايع ڪرايو. ان کان علاوه 1984ع ۾ ڪهاڻين جو آيل ڙي اولاڻا 1990ع ۾، موهن جو دڙو ناول 1993، سنڌ باد جو سفر ٻارن لاءِ ناول ۽ 1996 ۾ منهنجون ڪهاڻيون نالي ڪتاب شايع ٿيا. علي بابا جي ڪهاڻي "چنڊ ۽ ماني" يونيورسٽي جي نصاب ۾ شامل آهي. سنڌو جو هي مست درويش ڪهاڻيڪار 8 آگسٽ 2016 تي سومر جي ڏينهن 71 سال 7 مهينا گذاري هميشه لاءِ سنڌي ادب کي يتيم ڪري ويو. علي بابا جي وفات ڪانپوءِ سنڌ حڪومت پاران سندس ياد ۾ گورنميٽ بوائز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙي جو نالو مٽائي علي بابا گورنمينٽ ڪاليج رکيو ويو ۽ سندس مرڻ ڪانپوءِ مواد گڏ ڪري ڪتاب شايع ڪرايا ويا. افسوس! اهو سڀ ٿيو اهو به تڏهن جڏهن علي بابا اسان کان وڇڙي ويو، پر جيئري جيڪڏهن اسان ان کان ڪڏهن حال پڇون ها ته شايد علي بابا اسان کي گهڻو ڪجهه ڏيئي وڃي ها، پر ڏئي به چو ها؟ جيڪو علي بابا اسان کي ڏيئي ويو ان بدلي ۾ ڪيس اسان ڇا ڏنو آهي؟ دُنگي منجهه درياهه جهڙو ڊرامو يا موهن جو دڙو جهڙو ناول ڪنهن ٻئي ادب اردو يا انگلش ۾ لکجي ها ته ان ليکڪ کي ڇا ڇا ملي ها، توهان سوچي به نٿا سگهو، پر هن ليکڪ کي ايترا پئسا نه مليا جو هو پنهنجي مرضي مطابق هڪ ڪتاب ڇپرائي سگهي. بس هن جو ڏوهه اهو هو ته هي هڪ غريب سنڌي هو ۽ ڪنهن ادبي ٽولي جو ساٿي نه هو نه وٽس ڪو عهدو هو. علي بابا اڄ اسان جي دلين ۾ ميسارجڻ لڳو آهي.

احمد شاڪر مضمون "سنڌوءَ جي سير ۽ علي بابا" ۾ لکي ٿو ته:

جيئن سنڌ ۽ سنڌو علي بابا کان دور ٿيندا پيا وڃن ايئن علي بابا اسان توهان کان دور ٿيندو پيو وڃي. اسان جڏهن ابتا پيرا کڻنداسين ته علي بابا اسان کان نه پر اسان علي بابا کان ڏور ٿي پيا وڃون.

آئون علي بابا جي نانءُ هي سٽون ڪندس:

**دونيوگي اگر ملکون ملکون**
**ملني کي نهين ناياب هين هم**
**تعبير هي جس کي حسرت و غم**
**اي هم نفس وه خواب هين هم.**



مهر فقير

# سنڌ ۾ سنڌو نديءَ تي اڏيل بئراج

## بئراج

**پاڻي ناهين پاءِ بند نہ ايئن جوڙاءِ**
**سهڻي منهنجي سنڌ ڦڙي لاءِ نہ سڪاءُ**
**پاڻي آهي زندگي زندگي تي کهل کاءُ**
**وئي سڪي سنڌڙي نظر تون ڊوڙاءِ**
**اتر لاڙ ٿر ڪاڇو پاڻيءَ بنا هن پاهہ**
**فقير جو ساهہ پاڻي گهر جي پوچڙ تائين**
- (مهر فقير)


بئراج مطلب ڪنهن نهر يا درياهہ جي وهڪري کي ڪنهن مناسب هنڌ تي بڌي يا دروازا وجهي پاڻيءَ جو وهڪرو موڙي ۽ منظم طريقي سان شاخن يا واهن ذريعي زرعي مقصدن خاطر ۽ ڪڏهن وري جهاز رانيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. چوماسي جي ڏينهن ۾ عام طور تي درياهن جا دروازا کولي ڇڏيندا آهن تہ جيئن بئراج محفوظ رهي. ڇو تہ دروازن جي بند هجڻ ۽ پاڻي جي دٻاءُ سبب بئراجن کي خطرا لاحق هوندا آهن. سنڌ ۾ تاريخ کان اڳاٽي زماني ۾ بہ برساتي ندين جي پاڻيءَ جو رخ موڙي آبادي ڪئي ويندي هئي، سو هتي اهڙا لڳ ڀڳ 80 قديم بند ڪير ٿر ۾ لڌا ويا آهن جيڪي 4500 کان 5000 هزار سال پراڻا آهن. ڇو تہ هوا وانگر پاڻي بہ انسانن جي زندگيءَ لاءِ نهايت ئي اهم جز آهي. تڏهن ئي تہ پاڻيءَ کي زندگي WATER IS LIFE چيو ويندو آهي سو جيڪي قومون پاڻيءَ جو قدر نہ ڪنديون آهن، سي قومون سدائين ڏڪار جي حالت ۾ گذارينديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو سڌريل ملڪن منجهہ پاڻيءَ کي استعمال خاطر وڏن وڏن ڊيمن جي صورت ۾ جمع ڪيو ويندو آهي تہ جيئن وقت سر زراعت يا پيئڻ خاطر ڪتب آڻي سگهجي ڀيو تہ جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ هوندي آهي اتي ٻيلن جو بہ فقدان ٿيندو آهي، وڻڪاري نہ هجڻ سبب آڪسيجن جي کوٽ ۽ گرمي پد ۾ اضافو ٿيندو آهي ايئن اتي ڪاٺ جي قلت سان گڏ ماڪيءَ جو ملڻ بہ مشڪل ۽ محال ٿي پوندو آهي ۽ اهي سڀ شيون انسان ذات جي جياپي خاطر نهايت ئي اهم ۽ مرڪزي ڪردار ادا ڪندڙ شيون آهن. ڀيو تہ جتي پاڻي نہ هوندو آهي اتي چوپايو مال بہ نہ هوندو آهي ۽ اتي خالص کير جي بہ ڪمي محسوس ٿيندي آهي. ڇو تہ کير منجهان مالوند ماڻهو ڏونئرو لسي مکڻ حاصل ڪري نهايت ئي خالص ۽ حقيقي زندگي گهاريندا آهن.

**مهر فقير جو سچ:**

سچ اهو آهي تہ سنڌو سڪل هجي تہ محبوبن جا ٺهڪ بہ مزو ناهن ڏيندا حسينن جو حسن بہ ڪلر پاسندو آهي.

سنڌ ۾ سنڌو درياهہ تي انگريزن جي طرفان جوڙيل يا تعمير ٿيل آبي سرشتو جيڪو پوري سنڌ کي سيراب ڪري ٿو سو نهايت ئي لاجواب آهي. سچ تہ اهو انگريزن جي طرفان سنڌ ۽ سنڌي قوم تي هڪ وڏو ۽ عظيم احسان آهي، پر افسوس جو ورهاڱي بعد ان ورثي کي سنڌي سنڀالي نہ سگهيا، پر ويتر ئي تباهہ ڪري پنهنجي بربادي جو سامان ڪٺو ڪندا رهيا جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ سنڌي قوم درياهہ جي هوندي بہ پاڻي پاڻي ۽ ڪربلا ڪربلا پئي ڪري، افسوس ڪجي يا ماتم ڪجي، پر جي اهو سلسلو ايئن ئي رهيو ۽ هتان جا حاڪم مسلسل ڪن لاٽار ڪندا رهيا تہ پوءِ ايندڙ وقت ۾ 64 ۽ 66 دروازن کان هيٺ پاڻي اچڻ بند ٿي ويندو. جڏهن تہ 44 دروازن کان هيٺ درياهہ جو پيٽ ٿر وانگيان ڀيو پاسجي سواءِ سيلاب وارن ڏينهن جي.

سنڌو درياهہ تي ڪشمور کان ويندي پوچڙ تائين هونئن تہ شهري رابطن خاطر ڪافي پليون ٺهيل آهن. جهڙوڪ: لئنسڊائون پل (ايوب پل) هي روهڙي



۽ سکر ريلوي لائين کي ملائڻ لاءِ درياھ تي ٺهيل آهي لئنسڊائون پل جهوني ٿي تہ هڪ ٻي پل جي ضرورت محسوس ٿي انهيءَ نئين پل جو نالو ايوب پل (1962ع) رکيو ويو جنهن جي ڊزائين ڊي بي اسٽينمئن نالي هڪ ڪمپنيءَ ٺاهي هئي هيءَ ڊزائين بلڪل اهڙي آهي جهڙي هڪ سئو سال اڳ لئنسڊائون پل ٺاهڻ وقت ويچار هيٺ آئي هئي، تنهن وقت ۾ اها ڊزائين ان ڪري منظور نہ ڪئي وئي جو ان ۾ ٻہ طرفي ريلوي جي اچ وڃ جو انتظام هو. جڏهن تہ ضرورت هڪ پٽڙيءَ جي هئي ايوب پل جو مٿيون حصو ڪمان (اڌ گول) جهڙو آهي جنهن ۾ فولادي رسا آهن جيڪي پل جو وزن ڪٽي بيهن ٿا هن پل جو ڪم 26 نومبر 1959ع تي شروع ٿيو ۽ پهرين ڊسمبر 1961ع تي ختم ٿيو هن پل جي اڏاوت تي لڳ ڀڳ ٻہ ڪروڙ رپيا خرچ آيو. سکر پل، لاڙڪاڻو خيرپور پل، دادو مورو پل، قاضي احمد آمري يا سن پل ڄامشورو حيدرآباد پل، ڪوٽڙي پل، جهرڪ ٽنڊو محمد خان جناح پل (جناح پل جو نالو ان ڪري جو پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جو جنم جهرڪ شهر ۾ ٿيو هو) ٺٽو سجاول پل (شهيد دولهہ دريا خان جي نالي سان منسوب ٿيل آهي)، پر انهن پلين کان وڌيڪ اهميت جا حامل آهن درياھ بادشاھ جي مٿان اڏيل بئراج جهڙوڪ: ڪشمور ۾ گڊو بئراج سکر ۾ سکر بئراج ۽ ڄامشوري ۾ غلام محمد بئراج.

**01گڊو بئراج:**

هي بئراج بنام گڊو بئراج ڪشمور وٽ گڊوءَ جي مقام تي واقع هڪ نهايت ئي بهترين بئراج آهي جيڪا 1957ع کان 1962ع جي عرصي ۾ مڪمل ٿيو انهيءَ منجهہ 12 لک ڪيوسڪ پاڻي نيڪال ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. جڏهن تہ هن بئراج ۾ 60 فوٽ ويڪرا 64 گيٽ يا دروازا آهن ۽ 2.9 ملين ايڪڙ زمين آباد ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ کان سواءِ گڊو بئراج پاور (بجلي) پيدا ڪرڻ لاءِ بہ ڪم آندو ويو آهي. هتان هڪ رستو گهوٽڪي ميرپورماٿيلو ۽ پنجاب طرف وڃي ٿو.

گڊو بئراج مان 03 خاص ڪئنال ڪڍيا ويا آهن جن منجهان (1) ساڄي پاسي گهوٽڪي فيڊر. (2) کاٻي پاسي بيگاري سنڌ فيڊر. (3) ڊيزٽ فيڊر آهن.

**02سکر بئراج:**

سکر جو لائيڊ بئراج دنيا جي وڏن بئراجن ۾ شمار ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ اهو بئراج بہ دنيا جي معيار موجب آبپاشيءَ جو وڏو نظام فراهم ڪري ٿو انهيءَ بئراج جو ڪم 1923ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1932ع ۾ پورو ٿيو. بمبئيءَ جي گورنر لائيڊ جي نالي سان منسوب انهيءَ بئراج کي ميٽوڙي رنگ جي پٿر ۽ فولاد سان ٺاهيو ويو آهي. سکر بئراج جي ڊيگهہ 4725 فوٽ آهي هن بئراج جا ڪل 66 دروازا آهن. هر دروازو 22 وال ڊگهو آهي، هي سنڌوءَ جي پاڻيءَ مٿان 60 فوٽ ڊگهي SPAN تي تعمير ڪيل آهي. سکر بئراج جي تعمير بعد پاڻيءَ جي ورهاست جو نظام ۽ زرعي انقلاب آيو انهيءَ مان



سنڌ جا اڪثر ضلعا جهڙوڪ: شڪارپور، لاڙڪاڻو، دادو، قمبر شهدادڪوٽ وغيره ذرخيز ٿين ٿا ۽ هي بئراج سيلابي وهڪرن کي پڻ برداشت ڪري ٿو. سنڌو درياھ جو خوبصورت نظارو بہ سکر بئراج وٽان ڏسجي ٿو. درياھ جي ڪناري تي لب مهراڻ نالي پارڪ پڻ ٺاهيو ويو آهي جيڪو نهايت ئي سهڻو من موهيندڙ آهي جتان درياھ بادشاھ کي ساڌ ٻيلي ۽ لئنسڊائون پل جو نظارو ڪري سگهجي ٿو.

لائيڊ بئراج بہ سکر بئراج جو نالو آهي اٽڪل 85 لک ايڪڙ ايراضي زراعت لاءِ پاڻي فراهم ڪري ٿو جنهن مان ڪل 7 وڏا واھ نڪرن ٿا جن مان 4 درياھ جي کاٻي پاسي وارن ضلعن سکر، خيرپور، نوابشاھ، نوشهروفيروز، مٽياري، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، بدين، سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص کي سيراب ڪن ٿا ۽ باقي 3 درياھ جي ساڄي پاسي وارن ضلعن لاڙڪاڻو، شڪارپور، دادو ۽ صوبي بلوچستان کي سيراب ڪن ٿا.

سکر بئراج مان ست ڪئنال ڪڍيا ويا جن مان درياھ جي ساڄي طرف چار واھ ۽ کاٻي طرف يا پاسي ٽي واھ ڪڍيا ويا، جن مان کاٻي طرف نڪرندڙ (1) نارا ڪئنال (2) روهڙي ڪئنال (3) خيرپور فيڊر ويسٽ.

ساڄي پاسي نڪتل ڪئنالن يا واهن ۾: رائيس ڪئنال (الهندو نارو).

اصل ۾ هيءُ درياهي ڦاٽ آهي جيڪو سنڌو درياھ جي اُلهندي طرف کان وهندو هو سکر بئراج جي ٺهڻ کانپوءِ انهيءَ کي رائيس ڪئنال جي نالي سان سڏيو ويو، ليڪن عام ماڻهو اڄ بہ هن کي نارو ئي چوندا آهن. هن ناري کي رائيس ڪئنال جو نالو ان ڪري ڏنو ويو جو لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ هن ڪئنال جي ٻنهي پاسن کان سارين مطلب چانورن جي پوک ڪئي ويندي آهي.

هن الهندي ناري سان گڏ سکر بئراج مان ٻہ واھ ٻيا بہ نڪرن ٿا، جهڙوڪ ساڄي پاسي کان ڪيرٿر ڪئنال ۽ کاٻي پاسي کان دادو ڪئنال اچن ٿا، جيڪي ٽئي واھ سکر بئراج مان نڪري گڏ هلن ٿا جيڪي اڳوٽي سکر ضلعي ۽ هاڻوڪي شڪارپور ضلعي جي مدئجي ڳوٺ وٽان هڪبئي کان پري ٿي جدا جدا علائقن ۾ وڃن ٿا. ڪير ٿر ڪئنال مدئجي واري علائقي مان ڪير ٿر جبل ڏانهن رُخ ڪري ٿو ۽ دادو ڪئنال مدئجي واري علائقي وٽان جدا ٿي لاڙڪاڻي ضلعي جي اوير ۾ هڪ ميل جي پنڌ تي عاقل ڳوٺ کان ٿيندو دادو شهر ۽ سيتا روڊ شهر طرف وڃي ٿو، باقي الهندو نارو (يعني رائيس ڪئنال) مدئجيءَ واري علائقي کان سڌو رخ رکي ٿو جيڪو نئين ديري شهر جي اولهہ ۾ هڪ ٻن فرلانگن جي فاصلي تان هلندو لاڙڪاڻي شهر جي اولهہ ۾ لاڙڪاڻي شهر مان گڏ وهندو وڃي ضلعي جي مختلف شهرن جهڙوڪ باڊهہ ۽ ميهڙ وٽان ٿيندو دادو ضلعي ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ٽرڙي محبت ٻٽ سرائيءَ ۽ ٻيٺي جتوئيءَ وارن ڳوٺن کي سيراب ڪندو وڃي جنگلاڻي ڳوٺ کان هيٺ منڇر ڍنڍ ۾ چوڙ ڪري ٿو.

**ڪير ٿر ڪئنال:**

جيڪو بلوچستان کي پاڻي پهچائي ٿو، ان جي آر ڊي 102 وٽان وري سيف الله مگسي واھ ڪڍيو ويو آهي جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي حصي جو پاڻي الڳ ڪري وهائي ٿو.

**03غلام محمد بئراج:**

هي بئراج غلام محمد بئراج جي نالي سان ڄامشوري وٽ آهي (هن بئراج جي پيڙهہ جو پٿر 12 فيبروري 1950ع ۾ پاڪستان جي گورنر جنرل الحاج خواجا ناظم الدين رکيو. جڏهن تہ بئراج جو افتتاح ان وقت جي پاڪستان جي گورنر جنرل غلام محمد ڪيو. جڏهن تہ ان وقت سنڌ جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي پنهنجي ڪابينا جي روينيو واري وزير ۽ سنڌ جي ناليواري ليکڪ پير علي محمد راشدي جي تجويز تي گورنر جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوٽڙي بئراج جو نالو غلام محمد رکڻ جي تجويز ڏني ۽ اوچتو آجياڻي تقرير ۾ اها گذارش شامل ڪئي وئي، جنهن تجويز کي پاڪستان جي گورنر غلام محمد قبول ڪيو ۽ هن پاڻ بئراج جو سرڪاري نالو غلام محمد بئراج رکيو، جيڪا 1955ع ۾ تيار ٿي هي بئراج 3000 فوٽ ڊگهو آهي. هتي جي المنظر هوٽل نهايت ئي مشهور ۽ سير و تفريح جي لحاظ کان هڪ موزون جڳهہ آهي. جڏهن تہ ڄامشورو جو پلو بہ ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي ٻيو تہ مقامي ملاحن جو گذر ئي درياھ بادشاھ جي وهڪري ۽ لهرن تي آهي.

هن بئراج جا ڪل 44 دروازا آهن جڏهن تہ 02 فش گيٽ ۽ هڪ انٽري گيٽ شامل آهن. بئراج جي هرهڪ گيٽ جي ويڪر 60 فوٽ ۽ اوچائي 35 فوٽ آهي، جن جي ذريعي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي ڇوڙ ٿئي ٿو. هن بئراج وٽان 04 ڪئنال نڪتل آهن جن مان درياھ جي ساڄي پاسي ڪلري بگهاڙ فيڊر، کاٻي پاسي پراڻي ڦليلي ۽ نئين ڦليلي، اڪرم واھ شامل آهن. اهي چار ئي واھ ڪراچي، ٺٽي، ڄامشورو، حيدرآباد، بدين، مٽياري، ٽنڊوالهيار ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن جي ننڍن وڏن شهرن ڳوٺن ۽ آبادين کي پيئڻ ۽ 40 لک ايڪڙ کان وڌيڪ زرعي زمين جي آبادي لاءِ پاڻي فراهم ڪن ٿا.

**منهنجي جيون جي بس اها ئي ڪهاڻي**

**هن پيتو زم زم مون سنڌوءَ جو پاڻي**- (مهر فقير)

آخر ۾ بس ايترو چوندس تہ خدارا درياھ جي سنڀال ڪريو ڇو تہ اهو درياھ اوهان جي نسلن ۽ فصلن جي بقا جو ضامن آهي.



پون سنڌي

## ايڪسپو 2020 دبئي

# ڪولمبيا جو ڪلچرل پويلين




## پراڻي

زماني ۾ جڏهن اڃان آر سي سي اسٽرڪچر عمارت سازي ۾ متعارف نہ ٿيو هو تڏهن ڇتيون لوهہ جي ٽيئرن ۽ گادرن تي بيهاريون ويندڀون هيون. ڇت کان مٿي ٻاهر ڇڄو ڪڍڻ لاءِ ٽيئر گادر ڇت کان وڌائي لڳايا ويندا هئا. انهن گهرن يا عمارتن ۾ عام طور تي سيمينٽ جي ڄارين جون درين جيڏيون ڪڙڳيون بہ هونديون هيون. هي جايون جيڪي هر طرف کان کُليون هونديون هيون، قدرتي ماحول جي عين مطابق هونديون هيون ۽ کُليل هئڻ ڪري پوليوشن کان پاڪ ۽ صاف هونديون هيون. يعني انهن ۾ هوا جو گذر بنا روڪ ٽوڪ جي جاري هوندو هو. موسم جي حساب سان اُهي ٿڌيون به رهنديون هيون. ۽ پوءِ اڳتي هلي جڏهن آر سي سي اسٽرڪچر متعارف ٿيو تہ ان ۾ سيمينٽ سريي (لوهہ) ڪنڪريٽ ۽ ريتي وغيره جي استعمال ڪري عمارتن ۾ گرمائش وڌي وئي. بند جايون يا عمارتون جن ۾ نہ ايڏيون دريون، نہ وڏيون ڇتيون بس رڳو اي سي (ايئر ڪنڊيشنڊ) تي ئي گذارو. سياري ۾ سرد تہ وري اونهاري ۾ گرم. قدرتي ماحول جي بلڪل ابتڙ ٿهيل هي جايون جن ۾ تازي هوا جو تصور ايئن آهي جيئن پنهنجن حڪمرانن مان چڱائيءَ جو آسرو رکڻ. هن سڄي تمهيد ٻڌڻ جو مقصد اهو آهي تہ پاڻ هاڻ هلون ٿا ايڪسپو 2020 دبئي ۾ ڪولمبيا جو پويلين ڏسڻ جيڪو پراڻي دور جي کُلئي ماحول ۾ ٺهيل عمارتن جي ياد ڏياري ٿو. جي ها تہ هاڻ پاڻ پهچي ويا آهيون ڪولمبيا جي پويلين جي بلڪل اڳيان.

توهان جي سامهون تقريبن چوڪور ڊزائين ۾ اڇي رنگ جي ٽيئرن گادرن تي ٺهيل بلڊنگ يعني ڪولمبيا پويلين موجود آهي. هن گهڻ ماڙ بلڊنگ جي ٻاهرئين ڏيک (Front Elevation) ۾ ڇت جا ڇڄا وڌايل آهن ۽ انهن مٿان ٺيل اڏاوت ۾ درين ۽ ڄارين وغيره جي ڊزائن بہ تقريبن چوڪور آهي. ڪولمبيا پويلين جي اڳيان هڪ مختلف گهاٽن وڻن جي لان ٽائپ ديوار ٺهيل آهي. ان جي ئي پاسي ۾ هڪ وڏو ڪارو پتلو (Sculpture) نصب ڪيو ويو آهي. ٽي ميٽر ڊگهي هن خوبصورت پتلي (مجسمي) ۾ عورت ليٽيل ڏيکاريل آهي. هي خوبصورت شاهي پتلو ڪولمبيا جي مشهور سنگتراش Fernando Botero جو ٺاهيل آهي جيڪو هن کان اڳ هانگ ڪانگ جي پينسولا هوٽل ۾ 2018 ۾ لڳايو ويو هو. هن پتلي کي ڪولمبيا سرڪار جي منشا تي خاص طور ايڪسپو جي لاءِ اتان ڪڍائي هتي نصب ڪيو ويو آهي، جنهن کي ايڪسپو جي ختم ٿيڻ کان پوءِ واپس پنهنجي اصل جڳهہ تي لڳايو ويندو. پويلين جي هن مهاڙي واري حصي کي سنگتراش جي نالي پويان بوٽيرو گاربن نالو ڏنو ويو آهي. پراڻي دور جي عمارت سازي جي ياد تازي ڪندڙ امن جي علامت ٻڌل اڇي رنگ ۾ ٺهيل هن عمارت جي آرڪيٽيڪٽ ڊزائننگ Pacheco Arquitectura ڪئي آهي. 2000 اسڪوائر ميٽرن تي ٺهيل هي ٽي ماڙ پويلين ايڪسپو 2020 دبئي جي اپرچونٽي زون ۾ واقع آهي. ان کان اڳ جو پاڻ ڪولمبيا پويلين جي اندر هلون اچو تہ ٿورو ڪولمبيا ملڪ بابت ڪجهہ ڄاڻي وٺون.

انڊيز (Andes) جي پهاڙي سلسلي ايميزون (Amazon) جي شاهي ٻيلي (جهنگل)، ڪئريبيئن (Caribbean) ۽ پئسيفڪ سمنڊ جي حدن ۾ واقع ڏکڻ آمريڪا جو هي ملڪ ري پبلڪ ڪولمبيا سڏجي ٿو. هن ملڪ جي ڪل پکيڙ 1141748 اسڪوائر ڪلو ميٽر آهي ۽ آبادي ڇهہ ڪروڙ آهي، جنهن ۾ 88 سيڪڙو عيسائي، 10.5 سيڪڙو لادين ۽ باقي ٻين عقيدن وارا ماڻهو اچي وڃن ٿا. پاڻ وٽ تہ ساڳئي مذهب وارو ماڻهو بہ هڪٻئي جو جيئڻ حرام ڪريو ويٺا آهن ۽ جي ڪو پاڻ کي لادين

چوائي تہ ان کي سنگسار ڪندي دير ئي نہ ٿئي. پر هتي عقيدي توڙي بنا عقيدي وارا ماڻهو هڪٻئي ۾ فضيلت ۽ رواداري جي اصولن جي پاسداري ڪندي پيار محبت سان گڏ رهن ٿا. اهو انهيءَ ڪري جو اُهي هڪٻئي جي عقيدي ۾ ٽنگ نٿا اڙائين ۽ نہ ئي ٻئي جي عقيدي يا عقيدي نہ هئڻ کي غلط سمجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو هي ملڪ ترقي جي راهہ تي گامزن آهي ۽ ٽوئرزم جو Hub آهي، جنهن ۾ پرڏيهي سياح آڌي مانجهي بنا خوف خطري جي گهمي ڦري سگهن ٿا. هن ملڪ جون سرحدون ٻين ملڪن جن ۾ برازيل، وينزويلا، اڪواڊور ۽ پيرو شامل آهن ملن ٿيون. ڪولمبيا جي گادي جو هنڌ بوگوٽا (Bogota) آهي ۽ سرڪاري ٻولي اسپينش آهي. ملڪ جا 99 سيڪڙو ماڻهو اسپينش ڳالهائين ۽ سمجهن ٿا، پر پوءِ بہ هتي قديمي آمريڪن انڊين (Amerindian) لهجي واريون ٻوليون جن جو تعداد تقريبن 65 آهي اهي بہ ڪٿي ڪٿي ڳالهايون وڃن ٿيون.

هاڻي هلو تہ پويلين جي اندر هلون. جيئن ئي توهان پويلين جي اندر داخل ٿيندا تہ توهان کي ڪافي جي خوشبوءِ محسوس ٿيندي جيڪا ان حصي ۾ قائم هوٽل مان اٿي توهان جي سواسن کي معطر ڪندي گذرندي. ڪولمبيا، برازيل ۽ ويٽنام ڪانپوءِ دنيا جو ٽي نمبر تي ڪافي برآمد(Exporter) ڪندڙ وڏو ملڪ آهي. پهريئن فلور تي توهان کي ڇهري تي وات جي ويجهو اسپيڪر لڳل خوبصورت عورت پليڪار چوندي ۽ ڪولمبيا جي ڪافي ۽ ٻين قدرتي پيدا ٿيندڙ شين بابت ڄاڻ ڏيندي. هن ئي حصي ۾ توهان کي زمرد پٿر جا زيور وغيره بہ شوڪيسن ۾ سجايل نظر ايندا ۽ ساڳئي وقت زمرد (سائي رنگ جو پٿر) جي جڙاءُ جا پرس، ٿيلها ۽ گلدان بہ مختلف رنگن ۾ نظر ايندا. ڪولمبيا دنيا جو وڏي ۾ وڏو زمرد جي ذخيرن جو ملڪ آهي. دنيا جو تقريبن 50 کان 95 سيڪڙو زمرد هن ملڪ مان برآمد (Export) ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ هن حصي ۾ توهان کي هتي جي تهذيب و تمدن سان لاڳاپيل فريم فوٽو ۽ هنري شيون بہ ڏسڻ لاءِ ملنديون. هتان توهان جي اينٽري هڪ ٻي سيڪشن ۾ ٿيندي، پر ان کان اڳ توهان کي ديوار تي پراڻي دور جي ڪيٿولڪ پيشوائن جا پٿر جا پتلا (مجسما) بہ ڏيهل نظر ايندا. هن سيڪشن ۾ ٽن طرفن پورين ديوارن تي لڳل فل ايل اي ڊي اسڪرينن تي ڪولمبيا جي پهاڙي سلسلي (Aderian Region) بابت ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. پهاڙي علائقن جي رهڻي ڪهڻي ۽ فطري منظر ڪشي سان ڀرپور ڊاڪيومينٽرين کي ڏسندي ماڻهو هڪ واري محسوس ڪري ٿو تہ ڄڻ هو بہ اُنهن وادين ۾ زندگي گهاريندڙ ئي هڪ فرد آهي. اتان توهان جي داخلا وري ٻئي فلور تي ٿهيل سيڪشن ۾ ٿئي ٿي. هي سيڪشن ڪولمبيا جي Amazon Region تي مشتمل آهي. هن سيڪشن ۾ توهان کي دنيا جي وڏي جهنگلي جيوت جي ٻيلي (forest) اميزون متعلق دستاويزي فلم ڏيکاري وڃي ٿي. اميزون جون حدون هونئن تہ ڪافي ملڪن سان لڳن ٿيون، پر هن ڊاڪيومينٽري ۾ توهان کي ڪولمبيا سان لڳندڙ اميزون ايريا جي جهنگلي جيوت ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ پيداواري ذريعن بابت ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. هن ٻيلي جي ماڪي پڻ مشهور آهي ۽ ڪولمبيا جي مناس واري ماکي هيٺ ڪولمبيا جي شاپ تي وڪري لاءِ پڻ رکي وئي آهي. ان ڪانپوءِ توهان جي جنهن سيڪشن ۾ داخلا ٿئي ٿي ان کي نالو ڏنو ويو آهي Orinoco Regionاورينوڪو ندي جو 75 سيڪڙو حصو وينزويلا ۾ آهي ۽ باقي 25 سيڪڙو ڪولمبيا ۾ آهي. هي لاطيني آمريڪا جي وڏي ۾ وڏي ندي آهي ۽ دنيا جي چوٿين نمبر تي وڏي ندي آهي. هن سيڪشن ۾ هلندڙ ڊاڪيومينٽري جيڪا توهان کي سئنيما اسٽائل سيٽن جي طرز تي ترتيب ڏنل سيٽن تي ويهاري ڏيکاري وڃي ٿي، ان ۾ هن ندي تي پروان چڙهندڙ تهذيبن، ماڻهن جي ثقافتي، تهذيبي ورثن، فطرتي ماحول ۽ منظرن متعلق ڄاڻ ڏنل آهي. اُن ڪانسواءِ هن ندي تي ٿيندڙ زراعت ۽ فصلن جي پيداوار تي بہ تفصيلي معلومات ڏنل آهي. ڪولمبيا سڄي دنيا کي گُل سپلاءِ ڪرڻ وارن ملڪن ۾ ٻئي نمبر تي آهي ۽ هتي جا ڪيلا بہ ڏاڍا مشهور آهن. جيتوڻيڪ اُهي ڪيلا سائيز ۾ ننڍا آهن، پر ذائقي جي حساب سان ماڻهن ۾ زياده پسند ڪيا وڃن ٿا. هن سيڪشن ڪانپوءِ توهان جي داخلا جنهن سيڪشن ۾ ٿئي ٿي اهو پئسفڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۽ ان جي ڪنارن تي وسندڙ ماڻهن توڙي ٻين ساهوارن بابت آهي. هن سيڪشن ۾ توهان کي ديوارن تي لڳل فل اسڪرينن جي ذريعي سامونڊي مخلوق ۽ ان جي ڪنارن سان آباد انساني زندگي جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ رواجن بابت ٻڌايو وڃي ٿو، ساڳئي وقت سمنڊ ۾ شڪار ۽ سفر جي جديد سامانن ۽ سامونڊي جهازن بابت بہ ٽيڪنڪ ۽ ٻي ڄاڻ ڏني وئي آهي. هن ڪانپوءِ توهان جي آخريِ داخلا پويلين جي آخري حصي يعني ٽين منزل تي ٿئي ٿي. هن وڏي هال ۾ ميوزڪ ڊرم (دهل) سيٽ ٿيل آهن. توهان جي سامهون هڪ ڊاڪيومينٽري هلي ٿي ۽ اتي ئي بيٺل هڪ گائيڊ توهان کي ڪولمبيا جي مشهور ميوزڪ Salsa تي ڊرم وڄائڻ جو انداز (طريقو) سيکاري ٿي. سالسا ميوزڪ لاطيني آمريڪا جي خطي جي مشهور ميوزڪ آهي جنهن ۾ Blues، Jazz ۽ Rock جي آميزش آهي. جيڪڏهن توهان ميوزڪ ۽ ڊانس جا شوقين آهيو تہ گائيڊ جي هدايتن (Instructions) جي پوئيواري ڪندي ڊرم وڄايو ۽ قدمن کي ان حساب سان چوري ڊانس ڪريو. گائيڊ جي هدايتن جي پسمنظر ۾ گڏوگڏ اسڪرين تي اهڙيون ڊانسون بہ هلڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. تقريبن پويلين ڏسندڙ سڀ شائقين گائيڊ جي قدمن جي ٺاپ جي پوئواري














ڪندي اسڪرين تي هلندڙ ڊرمن جي انداز ۾ پنهنجي اڳيان رکيل ڊرم وڄائي من کي ريجهائن ٿا. هي سونهن ۽ رومانس ڀريو ماحول ماڻهو جي من کي موسيقي سان ڳنڍي رکي ٿو ۽ اُن ويل هي دنيا ڏاڍي خوبصورت باسي ٿي. ظاهر آهي ان خوبصورت ماحول ۾ پاڻ بہ ڪٿي ٿا اُن کان الڳ رهي سگهون. سو پاڻ بہ مِٺي ماکي، ذائقيدار ڪيلن ۽ اميزون جي فطرتي سونهن سان تراشيل ماڻهن سان گڏجي سالسا ميوزڪ تي ڊرم وڄائي ان ردم تي ڊانس ڪئي. ڪولمبيا جا ماڻهو سمنڊ، پهاڙي سلسلن ندين ۽ گهاٽن جهنگلن هئڻ سبب فطرت سان ڳنڍيل آهن ۽ مزاجن خوش طبع ۽ زنده دل آهن. اهو ئي سبب آهي تہ هو ميوزڪ جا بہ شوقين آهن. دنيا ۾ Reggaeton جي مشهور ڳائڻي شڪيرا (Shakira) بہ ڪولمبيا سان واسطو رکي ٿي. جيتوڻيڪ Reggaeton موسيقي جو جنم 1990ع ۾ Puerto Rico خطي ۾ ٿيو، پر اها پروان ڪولمبيا ۾ چڙهي، جيڪا Hip Hop سان گڏ Rapist ۽ ووڪل ادائگي جي آميزش سان پوري دنيا ۾ ڇانئجي وئي. دنيا جي ڄاتل سڃاتل گلوڪارا شڪيرا جيڪا ڪولمبيا جي شهر Barranqila ۾ 2 فيبروري 1997 ۾ ڄائي اُن جا هن وقت تائين 70 ملينس کان مٿي البم وڪرو ٿي چڪا آهن، جن ۾ هن جا مشهور البم وڪا وڪا ۽ هِپس ڊونٽ لاءِ(hips don't lie) شامل آهن. ڪولمبيا جي ڄائي ۽ دنيا ۾ مشهوري ماڻيندڙ ڳائڻي شڪيرا، گريمي جرمني، گريمي ليٽن ۽ آمريڪن ميوزڪ ايوارڊس ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪوڙ سارا ايوارڊ حاصل ڪيا آهن. ڪولمبيا جو سُر سنگيت سان جيڪو لڳاءُ آهي، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن جي گادي جي هنڌ Bogota شهر کي يونيسڪو طرفان تخليقي شهر(Creation City) قرار ڏنو ويو آهي. هي شهر 1000 کان مٿي بحرن يا سُرن (Rhythms) جو خالق آهي ۽ جن جي آميزش سان 157 کان بہ مٿي ڌنون ترتيب ڏنيون ويون آهن.

ڪولمبيا پويلين جي هر سيڪشن ۾ ويندا تہ اتي هلندڙ هلڪي موسيقي ڪولمبيا جي ماڻهن جي مزاج ۽ ذوق جي عڪاسي ڪندي ٻڌڻ ۾ ايندي. ڪولمبيا جي ماڻهن جي خوش مزاجي، زنده دلي ۽ سُر سنگيت سان نسبت جي عڪاسي پويلين جي مقرر ڪيل ٿيم The Rhythm that Connect us to the Future مان بہ ٿئي ٿي. ڪولمبيا جي ماڻهن جو فطرت سان لڳاءُ ۽ پيار پويلين جي ٺاهيل ڪليل ڊزائين مان بہ ظاهر آهي، جيئن هر طرف کان پويلين جي ڪليل ڊزائين آزاد ۽ وشال فطرت سان جڙيل رهي ٿي تيئن ڪولمبيا جا ماڻهو بہ آزاد فطرت ۾ ساهہ کڻندي زندگي گهارين ٿا ۽ آئيندي سنوارڻ لاءِ فطرتي سُرن جي تال تي سُر ملائيندي نڪري پون ٿا.

هن سان گڏ پنهنجو ڪولمبيا جو سفر اختتام تي پهچي ٿو ۽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڪولمبيا پويلين جي گفٽ شاپ وٽان گذري ٿو، جتي ڪولمبيا جي ڪافي، ماکي، چاڪليٽ، زمرد جي پٿر (هيري) جا زيورات، پرس، ٿيلها گلدان ۽ ٻيون هنري شيون رکيل آهن. دل چاهي تہ خريد ڪريو ۽ ڪافي شاپ تان ڪولمبيا جي مشهور ڪافي بہ پيو. جي نہ تہ پويلين مان ٻاهر نڪري ايڪسپو جي خوبصورت وڏن ۽ ويڪرن رستن تي هلڻ شروع ڪريو، وري ڪنهن ٻئي پويلين يا ايڪسو جي مختلف منچن تي ٿيندڙ شوز ڏسڻ لاءِ، يا واپس ماڳ موٽڻ لاءِ.

جيئن تہ ٻنپهرن ۾ ايڪسپو پهچڻ ڪانپوءِ ڪجهہ پويلين ۽ ميوزڪ پروگرام ڏسڻ ڪانپوءِ هاڻ ٿورو ٿڪاوٽ بہ محسوس ٿي رهي هئي، انهيءَ ڪري ايڪسپو جي عالمي ميلي کي مٿل ڇڏي موٽڻ جو رٿيم. ماڻهن کي ايڪسپو ۾ مختلف لوڪيشنس يا اينٽري ۽ ايگزٽ گيٽ تائين پهچائڻ لاءِ ايڪسپو ۾ مفت بوگي( بگي بہ چون) سروس بہ مهيا ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ست اٺ ماڻهو ويهي سگهن ٿا. بوگين جي هلڻ لاءِ ايڪسپو جي روڊن تي الڳ ٽريڪ ٺهيل آهي. مون رستي تان لنگهندڙ بوگي کي هٿ ڏنو ۽ بوگي بيهي رهي. مون کي هڪ ليڊي (عورت) جي ڀرسان جڳهہ ملي. رستي هلندي پڇيومانس، "ڪٿان جا آهيو؟" چيائين، "فرانس جي آهيان ۽ جرمني جو پويلين ڏسڻ پئي وڃان." ٿوري دير ڪانپوءِ ڊرائيور بوگي بيهاريندي چيو، "مئڊم يوئر اسٽاپ." ليڊي چيو، "اوڪي! ٿو مچ ڪيو، سو موو" (Ok, too much Que, so move) ڊرائيور جيڪو منهن مهانڊي ۾ پنهنجي نندي ڪنڌ جو لڳو پئي ۽ جنهن جي انگريزي بہ مون وانگي پوري پني لڳي ٿي، تنهن بہ دير ڪونہ ڪئي، فٽافٽ چئي ڏنائين، "مئڊم يو آر آلسو ڪيوٽ" Madam you are also Cute بس اهو ٻڌندي مون کان زوردار ٽهڪ نڪري وئي ۽ مئڊم (ليڊي) بہ مسڪرائي ڏنو. مون ڊرائيور کي چيو، "مئڊم جي چوڻ جو مطلب هو تہ جرمني پويلين تي وڏي قطار (Que) لڳل آهي، انهيءَ ڪري ان کي ڇڏ ۽ اڳيان هل. تو وري ڪيو (Que) کي ڪيوٽ (Cute) سمجهي ورتو."

پاڻ وٽ جوان بس شل نہ ڪا عورت ڏسن، پوءِ تہ وات مان گهگهہ بيهندين ڪونہ ۽ وري جي عورت خدانخواستہ غير ارادن نهاري يا ٻئي ڪنهن سان ڳالهائيندي هجي، تڏهن بہ هو پاڻ ڏانهن سمجهندا ۽ عشق ۾ انڌا ٿي ڪپڙن ۾ نہ پيا ماپندا. تڏهن تہ سياڻا چئي ويا آهن، "ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا."

اها تہ ٿي پاڻ واري پدري سماج ۾ مرد جي ذهنيت (Mentality) ۽ اهڙي حرڪت ڪرڻ جو هڪ ٻيو سبب گهٽ ٻوسٽ وارو ماحول بہ آهي، جنهن ۾ عورت مرد لاءِ سدائين نگاهن جو مرڪز بني رهي ٿي ۽ مرد اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندو آهي جڻ هن عورت پهريون دفعو ڏٺي هجي.

وري اچون ٿا پاڻ واري سماج ۾ عورت جي سوچ تي. هن مغربي عورت تہ ڊرائيور جي حرڪت تي مسڪرائي ڏنو، پر ٿورو سوچيو، اِن مغربي عورت جي جاءِ تي جي پاڻ واري عورت هجي ها تہ هڪڙي گار لاهيس ها ۽ ٻي چاڙهيس ها ۽ وري رستي ويندڙ جوان، خدا ڪارڻ اُن جا غيرتمند ڀاءُ ٻڌجي اچي گڏ ٿين ها، سي بہ ڊرائيور سان گهٽ ڪونہ ڪن ها ۽ ڪيس پادر بہ ٺاهوڪا هڻن ها.

دراصل اِهي آهن اسان جي سماج ۾ ماڻهن جا رويا، ذهنيتون، سوچون ۽ مزاج، جيڪي گُهٽ ٻوسٽ ۽ پابندين کان پاڪ، روشن خيال سماج اڏڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. ظاهر آهي اهي رڪاوٽون دور ٿينديون جديد تعليم ۽ تربيت سان، جنهن جو اونو نہ عوام کي آهي ۽ نہ وري اهي ڪڏهن هن ملڪ ۾، ڪنهن بہ سرڪار جي ترجيحات ۾ شامل رهيون آهن.

***

ناول

قسط نائين

# سمرقند

ترجمو: زاهده ابڙو



امين مالوف

سمرقند

۾ اهو جشن جو ڏينهن هو ان هوندي بہ هڪ عورت آهہ و زاري ڪري روئي رهي هئي جيڪا ظفرمند خان جي زال هئي، سڀ ڪان وڏي ڳالهہ اها تہ هوءَ مقتول سلطان جي ڌيءَ هئي- قدرتي ڳالهہ آهي، مڙس تعزيت ڪرڻ آيس هن سڄي حرم کي ماتمي ڪپڙا پائڻ جو حڪم ڏنو ۽ هڪ ڪدڙي کي جنهن ڪجهہ وڌيڪ ئي شوخي ڏيکاري هئي بيگم جي سامهون ڪوڙا لڳرايائين اهو تہ خير ٿيو، پر جڏهن هو پنهنجي ديوان ۾ واپس وريو تہ هر ماڻهوءَ سان اها ڳالهہ ڪندي تامل نہ ڪيائين تہ "خدا سمر قندين جي دعائن کي قبوليت بخشي آهي-"

اهو فرض ڪري سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ شهر جي ماڻهن وٽ ڪنهن هڪ فرمانروا کي ٻئي فرمانروا مٿان ترجيح ڏيڻ جو ڪو سبب ڪونہ هو- تنهن هوندي بہ انهن دعائون گهريون، ڇو تہ انهن جي حقيقي خوف جو سبب تہ حڪمران جي تبديلي هئي، جيڪا قتل عام، آزمائشن ۽ اٽڪر مصيبتن ۽ قرلٽ سان گڏ ٿي آئي- ڪنهن ٻئي فرمانروا هٿان فتح ٿيڻ جو مطلب اهو هو تہ شاهہ آباديءَ مٿان ٽيڪس لڳائڻ ۾ حد ڪان لنگهي وڃي ۽ عوام کي مختلف طريقن سان تنگ ڪري عاجز ڪري ڇڏي- پر نصر سان اهو سڄو معاملو نہ هو- هو جيڪڏهن سٺو امير نہ بہ هو يقينن بدترين بہ نہ هو- هو ان سان گذارو ڪري سگهيا ٿي ۽ ان کي قابو ۾ رکڻ لاءِ خدا تي ڀروسو-

تہ سمر قند ۾ ان جي خوشي ملهائي پئي وئي تہ انهن جي جان بخشي ٿي وئي "راٴس الطاق" جو ڪشادو ۽ پڪڙيل چوڪ دونهين ۽ گوڙ سان لبريز هو- گشتي واپارين هر ديوار سان پنهنجا دڪانڙا ملائي کڙا ڪيا هئا ۽ روشنيءَ جي هر ٿنڀي هيٺان ڪا نہ ڪا ڳائڻي يا عود نواز گيت ڇيڙي رهيا هئا قصا خوان، نجومين ۽ جوڳين جي چوڌاري بيشمار ٽوليون جمع ٿيندي وري منتشر ٿي ٿِي ويون- چوڪ جي مرڪز ۾ هڪ تڪڙ ۾ بيهاريل چبوتري تي مقبول شاعرن جي وچ ۾ روايتي مقابلو ٿي رهيو هو جيڪو سمر قند جي بينظيري ۽ استحڪام جي مدح سرائي ڪري رهيو هو- عوام جو فيصلو جلد ٿي ويو هو. نوان نوان ستارا اڀري آيا هئا ۽ ٻيا ٻڏي ويا هئا- لڳ ڀڳ هر جاءِ تي ڪاٺيون سڙي رهيون هيون ڇو تہ ڊسمبر جو مهينو هو ۽ رات ٿڌي ٿي چڪي هئي- محل ۾، شراب جون گهگهيون خالي ٿي رهيون هيون ۽ انهن کي ٽوڙي اڇلايو پئي ويو- خان هشاش بشاش هو ڌمچر متل هو ۽ شراب جي نشي ۾ آڪڙجي گهمي رهيو هو-

اڳئين ڏينهن ان جامع مسجد ۾ موتيٰ لاءِ مغفرت جي دعا ڪرائي ۽ پوءِ پنهنجي سهري جي وفات لاءِ حسرتِ آيات تي تعزيت قبول ڪئي- اهي سڀ ماڻهو جيڪي ڪالهہ کيس مبارڪون ڏيڻ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي اچي رهيا هئا، اڄ پنهنجي ماتمي چهرن سان غم جي اظهار لاءِ نمودار ٿيا- قاضيءَ جنهن پنهنجي حال مطابق ڪجهہ شعر پاڻ پڙهيا ۽ عمر کي بہ ايئن ئي ڪرڻ جي دعوت ڏني دڀيل انداز ۾ ايئن چيائين:

"ڪنهن بہ شيءِ تي حيران نہ ٿي حقيقت جا بہ چهرا هوندا آهن ۽ ساڳئي ريت ماڻهن جا بہ-"

ٺيڪ ساڳي شام جو نصر خان ابو طاهر کي گهرايو ۽ کيس ان وفد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو جيڪو مرحوم سلطان کي سمر قند جو خراج تحسين پيش ڪرڻ وارو هو- عمر بہ گڏ آيو ڇئجي تہ 120 ماڻهن جي رفاقت ۾-

سلجوقين جي هڪ قديم لشڪر گاهہ ۾ تعزيتي مقام ٺاهيو ويو درياءُ جي اتر واري پاسي- هزارين خيما ۽ يورٽ هر طرف لڳايا ويا هئا ۽ تڪڙ ۾ هڪ شهر کڙو ڪيو ويو هو، جتي ماورا النهر جا متين نمائندا ڊگهين قطارن ۾ ورهايل چوٽين واري خيما بردوش جنگ جوئن سان شڪ شبهي سان ملي رهيا هئا جيڪي اتي پنهنجي خيل سان وفاداريءَ جي واعدي کي دهرائي رهيا هئا 17 سالن جو ملڪ شاهہ مضبوط قد ڪاٺ جو پر ٻاراڻي چهري سان ڪراڪلي چغي ۾ ويڙهيل ٺيڪ ان جڳهہ مسند شاهيءَ تي جلوه افروز هو جتي سندس پيءُ الپ ارسلان شڪست کاڌي هئي ڪجهہ قدم سامهون سندس وزيراعليٰ ويٺل هو- پنجاهہ سالن جي عمر ۾ اهو ئي سلطنت جو مردِ آهن هو جنهن کي ملڪ شاهہ سندس رتبي مطابق "والد صاحب" چئي مخاطب ڪندو هو- نظام الملڪ ۽ سلطنت جو ڊسپلين، ان ڪان اڳ ڪوبہ نالو ايترو حقدار نہ هو جڏهن بہ ڪو عالي مرتبي وارو ملاقاتي اڳيان وڌيو ٿي نوخيز سلطان وزير طرف تجسس سان نظر وڌي ٿي جو ڪيس هڪ غير محسوس اشاري سان اهو ٻڌائيندو ٿي ويو تہ ملاقاتي کي گرم جوشي ۽ جذبي سان ڀليڪار چوڻو آهي يا سرد مهري سان، اطمينان سان يا شڪ ۽ شبهي سان، گهٽي ڌيان سان يا بي ڌياني سان-

سمر قند جو سڄو وفد ملڪ شاهہ جي قدمن ۾ ويٺل هو جنهن مٿي جي هلڪي جنبش سان کين قبول ڪيو ان ڪانپوءِ ڪيترين ئي مشهور شخصيتون وفد ڪان ڌار ٿي نظام جي پاسي لڙيون وزير مٿان حد درجي جي سنجيدگي ڇانيل هئي ان جا ساٿي هن سان گڏ ڪم ۾ مصروف هئا، پر هو ڪوبہ رد عمل ڏيکارڻ ڪان بغير هن انهن ڏانهن ڏٺو ٿي ۽ انهن جون ڳالهيون ٻڌيون ٿي ڪيس محل ۾ ڪوبہ اهڙو نظر نہ اچڻ کپي جيڪو رڙيون ڪري حڪم نافذ ڪري رهيو هجي جيڪڏهن سندس اثر هر جاءِ تي هو، سندس طور طريقو پتلين کي نچائڻ واري ماهر جهڙو هو جيڪو هٿ جي هڪ محتاط حرڪت سان ٻين کان اها حرڪت ڪرائيندو هو جيڪا دراصل هن جي پنهنجي خواهش هوندي هئي هن جون خاموشيون مثال جوڳيون هيون اها ڳالهہ ڪنهن ملاقاتي لاءِ ڪا خاص نہ هئي تہ سندس حاضريءَ ۾ هڪ ڪلاڪ ويهي گذارجي ۽ ان دوران سواءِ ايندڙ ويندڙ جي رسمي جملن ۽ ڪنهن ٻئي لفظ جي ڏي وٺ ٿيندي هجي ماڻهو ان گفتگو کي ٻڌڻ لاءِ نہ ايندا هئا، پر انهن جي وفاداري جي اقرار جي تجديد ٿي سگهي ۽ هو هر شڪ ۽ شبهي کي دور ڪري سگهن ۽ غفلت ڪان پرهيز ڪري سگهن-

سمر قند جي وفد ۾ ٻارنهن ماڻهو ئي اهڙا هئا جيڪي ساڻس هٿ ملائي سگهڻ جي رعايت حاصل ڪري سگهيا هئا جيڪي حڪومت جون واڳون سنڀالي ويٺا هئا- عمر، قاضي ابو طاهر جي ويجهو ئي، پٺيان پٺيان هلي رهيو هو جنهن دڀيل آواز ۾ هڪ جملو ادا ڪيو جيڪو ڇڻ اڳ ۾ ئي گهڙيو پيو هو نظام مٿي کي هلڪي جنبش ڏني ۽ چند گهڙين لاءِ پنهنجو هٿ قاضيءَ جي هٿ ۾ رهڻ ڏنائين، جنهن سان هن جي عزت افزائي منظور ٿي- جڏهن عمر جو وارو آيو، تہ وزير جهڪي سندس ڪن ۾ ڪجهہ ڳالهايو:

"هڪ سال ڪانپوءِ اڄ جي ڏينهن اصفهان ۾ موجود رهجانءِ ۽ پاڻ گفتگو ڪنداسين-"

خيام کي يقين ئي نہ آيو تہ هن ڳالهہ صحيح ٻڌي



۽ هو گهبراهٽ جو شڪار نظر آيو. هيءَ شخصيت ڪيس ڏاڍي رعبدار لڳي رسمن جي ادائگي ڪيس متاثر ڪيو ۽ انتشار ڪيس مدهوش ڪيو ۽ ماتم ڪرڻ وارن جي آهُن ڪيس جڻ ٻوڙو ڪري ڇڏيو هو. هو پنهنجن حواسن تي وڌيڪ ڀروسو ڪرڻ کان مجبور هو. هن تصديق گهرڻ ٿي چاهي ته هن جيڪي ٻڌو اهو درست هو، پر هجوم ڪيس وهڪري ۾ وهائي رهيو هو. وزير جو رخ ڪنهن ٻئي پاسي هو، هو وري خاموشيءَ سان مٿو ڌوڻي رهيو هو.

واپسيءَ ۾ خيام ان واقعي تي مسلسل غور ڪرڻ کان پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهيو. ڇا وزير اهي لفظ صرف ڪيس ئي چيا هئا؟ ڇا هو ڪيس ڪنهن ٻئي سان ته غلطي ۾ ملائي نه ويٺو هو، ۽ ملاقات ايتري پري مقرر ڇو ڪئي وئي، زمان ۽ مڪان ٻنهي جي حساب سان؟

هن معاملي لاءِ قاضيءَ سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڇو ته هو بلڪل سندس سامهون ئي هو، هن ضرور ڪجهه ٻڌو، محسوس ڪيو، ڏٺو يا هن ڪو اندازو لڳايو هوندو. ابو طاهر ڪيس منظر بيان ڪرڻ ڏنو، ان ڪانپوءِ وجي هن شرارت سان اقرار ڪيو:

”اها ڳالهه منهنجي ڌيان ۾ آئي هئي ته وزير تنهنجي ڪن ۾ ڪجهه چيو هو لفظ مون کي ٻڌڻ ۾ نه آيا، پر مان توکي يقين ٿو ڏياريان ته هن توکي ڀيو ڪو سمجهي ايئن نه چيو هو. تو ان جي اوسي پاسي سيني ماڻهن کي ڏٺو هو؟ انهن سيني کي ان ڪم تي لڳايو ويو هو ته هر وفد جي شريڪ ماڻهوءَ بابت معلومات فراهم ڪن ۽ ڏانهنس وڏڻ وارن ماڻهن جي رتبي ۽ نالي کان ڪيس آگاهه ڪن. انهن مون کان تنهنجو نالو پڇيو هو، ۽ پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪري ورتو هو ته خيام نيشا پوري تون ئي آهين، دانشور ۽ نجوم جي ڄاڻ رکندڙ تنهنجي باري ۾ ڄاڻ رکڻ بابت ڪابه غلطي نه ٿي هئي. بهرحال نظام الملڪ کان صرف اها ئي غلطي ٿيندي آهي جيڪا هو پاڻ پيدا ڪرڻ ضروري سمجهندو آهي.“

”هو مون کان ڇا ٿو چاهي؟“

”اهو سڀ سمجهڻ لاءِ توکي پورو سال انتظار ڪرڻو پوندو. ان وقت تائين منهنجو مشورو اٿئي ته پنهنجو پاڻ کي هرو ڀرو جي وهمن ۽ گمانن جي ذهڻ ۾ نه ڦاسائي. انتظار ڪافي ڊگهو ڪرڻو اٿئي جيڪو توکي ڪٽائي سگهي ٿو سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته ڀلجي به ڪنهن شخص سان ان ڳالهه جو تذڪرو نه ڪجانءِ!“

”ڇا مان عام طور تي فضول ڳالهائيندو آهيان؟“

لهجي ۾ سرزنش شامل هئي، پر قاضيءَ پنهنجو پاڻ کي بي ڪيف ٿيڻ نه ڏنو:

”هڪ ڳالهه توکي صاف صاف چئي ڇڏيان: ان مائي سان ته بلڪل به ذڪر نه ڪجانءِ!“

عمر کي گهربو هو ته خبردار ٿي وڃي ها ته جهان جو هر هر سندس پاسي اچڻ وڃڻ اهو نا ممڪن هو ته ڪنهن جي نظر ۾ نه آيو هجي. ابو طاهر پنهنجي ڳالهه جاري رکي:

”تنهنجي پهرين ملاقات تي ئي پهريدارن اچي مون کي اطلاع ڏنو هو مون انهن ملاقاتين کي حق بجانب ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ڏاڍي پيچيده ڪهاڻي گهڙي ڪين ٻڌائي هئي مون کين حڪم ڏنو ته تو مان نظر نه رکي وڃي ۽ توکي هر روز صبح جو وڃي نه جاڳايو وڃي رتيءَ برابر به شڪ نه ڪر، اهو پويلين تنهنجو ئي گهر آهي، اڄ ۽ سڀاڻي، مان چاهيان ٿو ته توکي ان ڳالهه جي چڱيءَ ريت خبر هئڻ کپي. تنهن هوندي به مون ان مائي بابت توسان ڳالهائڻ ضروري ٿي سمجهيو.“

عمر کي ڏاڍو خراب محسوس ٿيو (خجالت) جنهن لهجي ۾ سندس دوست ”ان مائي“ چيو ڪيس اهو سندس انداز نه وڻيو ۽ پنهنجن ذاتي معاملن تي بحث ڪرڻ جي سندس خواهش نه هئي جيتوڻيڪ هن پنهنجي بزرگ کي ڪجهه نه چيو، تنهن هوندي به سندس چهري تي نا پسنديدگي جا آثار صاف ظاهر ٿي ويا.

مون کي خبر آهي ته جيڪو ڪجهه مان چئي رهيو آهيان ان سان توکي رنجيده ڪري رهيو آهيان، پر جيستائين اهو سڀ ڪجهه پوري ريت چئي نه وٺندس تيستائين چوندو رهندس ۽ جيڪڏهن اسان جي نو مولود دوستي مون کي ان جو حق نه به ڏيندي هجي ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجي عمر ۽ حيثيت اهو حق ضرور ڏئي ٿي. جڏهن تو محل ۾ پهريون پيرو مٿس اک وڌي ته ان ۾ خواهش هئي. هوءَ جوان ۽ حسين آهي توکي سندس شعر پسند آيا ۽ سندس ارهه زورائي تنهنجي خون کي تپائي ڇڏيو، پر سون سان سندس وات پرڻ واري ڳالهه لاءِ تنهنجو رويو مختلف هو. هن پنهنجو وات سونن سڪن سان ڀري ڇڏيو جنهن سان تنهنجي طبيعت بي چين ٿي وئي سندس طرز عمل ڪنهن درٻاري شاعره وارو هو، پر تو هڪ دانشور وانگر اتي پنهنجو وهنوار پيش ڪيو. ڇا تو ان بابت ساڻس ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي؟“

جواب انڪار ۾ هو، اڃان عمر ڪجهه ڳالهايو ئي نه هو، ابو طاهر ڪيس صاف صاف ٻڌو هن پنهنجي ڳالهه جاري رکي:

”اڪثر دل جي معاملن جي آغاز ۾ اهڙن نازڪ سوالن کان پرهيز ڪيو ويندو آهي. اهو خوف محسوس ڀيو ٿيندو آهي ته اهو نازڪ گهرڙو جنهن کي ڏاڍي احتياط سان تعمير ڪيو ڀيو وڃي ڪٿي ڊهي نه پوي، پر جيستائين منهنجو تعلق آهي جيڪا ڳالهه توکي ان عورت کان مٿي ڪري ٿي سنجيده ۽ بنيادي ٻئي شيون آهن تون زندگيءَ کي ان طرح نه ڀيو ڏسين.“

”هوءَ هڪ عورت آهي ۽ وڌيڪ اهو ته هڪ بيواهه آهي. هوءَ ڪنهن مالڪ تي انحصار ڪرڻ بدران پنهنجو بندوبست ڪري رهي آهي ۽ مان صرف سندس همت کي داد ئي ڏيئي سگهان ٿو. ڪوبه ڪيس اهو الزام ڪيئن ٿو ڏيئي سگهي ته هوءَ سون حاصل ڪرڻ لاءِ لالچ رکي ٿي جڏهن ته سندس شعر ان جو مستحق آهي؟“

”مان سمجهان ٿو“، قاضي چيو، مطمئن هو ته آخرڪار هو پنهنجي دوست کي ان بحث ۾ وٺي آيو - ”پر تون گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهه جو اقرار ته ڪندين ته هيءَ عورت درٻار کان علاوه ڪنهن ٻي زندگيءَ جو تصور ئي نٿي ڪري سگهي.“

”شايد.“

”تون اهو اقرار به ڪندين ته تنهنجي لاءِ درٻاري زندگي ڪرپ جهڙي آهي ناقابل برداشت آهي ۽ تون ضرورت کان وڌيڪ هڪڙو لمحو به وڌيڪ هتي ترسي نٿو سگهين.“

”هڪ شرمساري جهڙي خاموشي نظر آئي. ابو طاهر ڏاڍي مضبوط بيان سان پنهنجي ڳالهه ختم ڪئي:

”مون توکي چيو آهي ته هڪ سچي دوست جي ڳالهه تي رڳو غور ڪر. اڄ ڪانپوءِ ٻيهر مان پاڻ ڪڏهن به هن موضوع کي نه ڇيڙيندس، سواءِ ان جي ته تون پاڻ اڳرائي ڪرين.“

...(هلندڙ)...



پون سنڌي

# ڊائري جا ورق

## ڪنهن

نظريي جي بغير آزادي ايئن آهي جيئن خوبصورت ۽ خوشبودار گلن جو بيابان ۾ ٽڙڻ، اهي خوشبوءِ تہ ڏيندا، پر واس وٺڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.

***

اسين عام طور تي وڏين غلطين جا حل ڪڍي وٺندا آهيون، پر ننڍڙين غلطين کي درگذر ڪري ڇڏيندا آهيون، نتيجتن اهي وڏي اسان ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ڇڏينديون آهن ۽ پوءِ سماج کي گهڻو پوئتي ڌڪي ڇڏينديون آهن.

***

هو مون تي الزام تا هڻن تہ آئون پوڄا نٿو ڪريان.
مون وراڻيو: توهين پنڊت جي واٽي ٻڌو تا ۽ آئون خوبصورت پکين جون منڙيون منڙيون لاتيون.
سمهڻ وقت توهان هٿ مٿي ڪٽي پراٿنا ڪريو تا ۽ آئون خوبصورت خوابن ۾ گم ٿي وڃان ٿو.
پوءِ بہ مون تي الزام آهي مان پوڄا نٿو ڪريان؟

***

هن ڪائنات تي بہ شيون سڀ کان وڌيڪ سگهاريون آهن ۽ آدجڳاد کان چانيل آهن ۽ چانيل رهنديون هڪ سونهن ۽ ٻيو سچ.

***

هن چيو تہ جيڪڏهن مان تخليقڪار هجان ها تہ خوشبودار گل بنا ڪنڊن جي پيدا ڪريان ها. هر گهڙي خوشين ۽ مرڪن جي بنايان ها ۽ هر چهرو ايشوريا راءِ جهڙو سندر..
مون مسڪرائي ڏنو ۽ چيو: توکي خبر ئي ناهي تہ تخليق لاءِ ڪيڏو درد ۽ ڪرب پوڳڻو پوندو آهي.

***

ڪڏهن ڪڏهن هڪ عام ماڻهو بہ اهڙي ڳالهہ ڪري ويندو آهي جيڪا اُٿ ڪتابن جا پڙهيل ڏاهن ۽ اڪابرن جي عقل ۽ ڏاهپ کان بہ مٿئين درجي جي هوندي آهي.
تڏهن تہ مان چوندو آهيان تہ خيال جي اڏار ۽ گهرائي ڄاڻ کان وڌيڪ سگهاري آهي.

***

ادب ۾ انورٽيڊ ڪاما (" ") جو استعمال صحيح لڳي ٿو، پر اصل زندگيءَ ۾ آئون انورٽيڊ ڪاما کي حدن ۾ باندي جيان تصور ڪريان ٿو، جنهن جي پڇاڙي زندگيءَ جو خاتمو يعني موت آهي.

***

سنڌ ۾ مختلف محاذن تي تمام وڏيون ۽ عظيم شخصيتون آهن. مثال: شاعرن ۾ ڀٽائي، سچل، سامي، اياز... بهادريءَ ۾ دودو، دولهہ، هيمون...
پر فڪري رهبري ۾ فقط هڪڙو ئي ڪردار آهي جيڪو سنڌو جي ساڃاهہ. سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي جو روح آهي اهو آهي، سائين جي ايم سيد دي گريٽ.

***

هن چيو: ”مان تنهنجي لکڻين سان متفق ناهيان“
مون چيو: مان تيستائين لکندو رهندس جيستائين تون مون جيان سوچڻ شروع نٿو ڪرين.

***

جيڪي ٻين تي گنهگار هجڻ جو الزام هڻندا آهن، منهنجي نظر ۾ انهن کان وڌو ٻيو ڪو گنهگار هوندو ئي ناهي.

***

هڪ عام چوٽي آهي تہ خالي (ڪورو) دماغ شيطان لاءِ ڪارخانو هوندو آهي.
آئون ان سان متفق ناهيان منهنجي خيال ۾ جي ان ۾ پهرين داخلا ڪنهن فرشتي جي ڪئي وڃي تہ اهو سٺن خيالن جي درسگاهہ ٿي سگهي ٿو.

***

محبت ۽ نفرت هڪٻئي جي برابر (پور وچوٽ) هلن ٿيون، هيل تائين انهن مان ڪير بہ ٻئي کي شڪست ڏيئي نہ سگهي آهي، پر پوءِ بہ محبت بادشاهن جو ڇٽ رهي آهي ۽ نفرت فقير جو خالي ڪشڪول.

***

انسان جيڪڏهن شروع کان وٺي خيالي سهارن، ديوين، ديوتان ۽ ٻين غيبي قوتن ۾ آسرو ۽ اميد نہ رکي ها ۽ پاڻ تي ڀاڙي ها تہ هيل تائين هو پنهنجن مسئلن کي ڪافي حد تائين حل ڪري چڪو هجي ها ۽ ڪائنات جي اسرارن تائين ذري گهٽ پهچي چڪو هجي ها.

***

هن چيو: توکي سمجهڻ لاءِ شايد ٻيو جنم وٺڻو پوي.
مون چيو: جي ٻئي جنم ۾ سالم دماغ سان پيدا ٿئين تہ نيڪ نہ تہ ڳالهہ مڙئي ساڳي ٿيندي. جيئن عام چوٽي آهي گڏهہ پلي سئو دفعا ڪاشيءَ جي تيرٿ ياترا ڪري اچي، پر رهندو تہ گڏهہ جو گڏهہ.

***





خواجہ غلام علي
كوساٽي

# ڊائري جا ورق

## 25 مارچ 1992

اڄ پاڪستان ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ کٽي ورتو آهي. خوشي ان ته آهي ئي ته پاڪستان کٽيو آهي، پر خوشي ان جي آهي ته يورپ ۽ انگلستان جي بجاءِ اهو اعزاز ايشيا ۾ اسان کي مليو آهي.

❊❊❊❊

30 مارچ 1992

انگريز هتان نه وڃن ها ته! انگريزن جو اڃان تائين جن ملڪن تي قبضو آهي. مثال طور: اسڪاٽ لينڊ، آئرلينڊ وغيره ۾ انهن جي حالت هڪ ترقي يافته ملڪ جي آهي. جڏهن ته اسان انگريزن جي غلاميءَ مان نڪري جنهن مقامي جاگيردار، سرمائيدار، نوڪر شاهي جي اذيت ناڪ غلاميءَ ۾ ڦاٿاسين تنهن مرڳو تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. انگريز ته وري به ڪجهه بين الاقوامي قانونن، آدابن جو ڪجهه احترام ڪرڻ تي مجبور رهن ها، پر هتي جي ظالمن ته پنهنجا طريقا به اهي ئي جاهلاڻا، پراڻا، غلامانا رکيا، جن هن علائقي کي وڏيڪ پوئتي ڌڪي ڇڏيو. انگريز هيستائين هتي هجن ها ته صورتحال ڪجهه ٻي هجي ها حالتون اهڙيون ڪونه هجن ها، جهڙيون هن وقت آهن.

❊❊❊❊

03 اپريل 1992

مان اڪثر شام سج لهڻ وقت ۽ صبح جو پرهه ڦٽي مهل گئلري ۾ ويهي نظارو ڪندو آهيان. شام جو به سج لهڻ وقت شفق جي ڳاڙهاڻ سڄي وايو منڊل کي لال ڪري ڇڏيندي آهي ۽ صبح جو به پرهه ڦٽي ڪانپوءِ افق ۾ به ڳاڙهاڻ ٿيندي آهي. جڏهن رات ٿيڻي هوندي آهي، جڏهن ظلم جي اونداهي ٿيندي آهي تڏهن به ڳاڙهاڻ (رت) هوندو آهي ۽ جڏهن آزاديءَ جو صبح ايندو آهي تڏهن به گهيڙو رتا اهڃاڻ ظاهر ٿيندا آهن.

❊❊❊❊

07 اپريل 1992

انسان، انسانيت، پيار، امن ۽ سڪون اهي اعليٰ آدرش آهن ڪٿي؟ اسان جي رهبرن جا عظيم پيغام، اسان جي عالمن، شاعرن ۽ رهنمائن جا سچا نظريا اهي سڀ ڪٿي آهن؟ هتي ته ڪجهه به ڪونهي. صرف هڪ شيءِ آهي، هر اعليٰ آدرش ۽ سچن پيغامن ۽ عظيم قدرن جي تباهي و بربادي هر سٺي ۽ سچي شيءِ جو ٽوڙ ڦوڙ. هر هنڌ، هر جاءِ، ڳوٺ توڙي شهر ۾ قدم قدم تي لمحي لمحي ۾ اها تباهي، بربادي، ٽوڙ ڦوڙ، بلڪ قتل عام، لٽ مار، اگهاڙي دهشتگردي نظر ايندي. هر حساس ۽ سمجهدار ماڻهو کي وک وک تي انسانيت، پيار ۽ امن جي اٿاٿ ڏسڻ ۾ ايندي، سڙيل زخم نظر ايندا.

❊❊❊❊

12 اپريل 1992

اسان جي سنڌ جون حالتون انتهائي خراب آهن. ايڏيون ته دردناڪ ۽ ڏڪوئيندڙ حالتون آهن جو انهن کي ڏسي ۽ محسوس ڪري اندر جا ڦٽ ڪليو پون، روح زخمي ٿيو پوي، دل درد مان دانهن ڪريو اٿي ته مار هيڏو ڪلور، هيڏو ظلم ستم اسان جي ڌرتيءَ ۽ ديس واسين تي پيو ٿئي. سچ پچ ته حيران ۽ پريشان ٿيو پوان جڏهن حالتن جي انهيءَ حد کي ٿو ڏسان. هيڏو ظلم هيڏو انڌير ته منهنجي ديس ۾ ڪڏهن ڪونه ٿيو هو. خوفناڪ دهشتناڪ حالتون آهن، انڌي دهشتگردي شهرن ۽ ڳوٺن ۾. لٽ مار، ڦر، اغوا، ڌاڙا، قتل، زنا، رشوت، ڪوڙ، فريب، دوکو، تمام تر اعليٰ انساني قدرن جي تباهي بربادي، پيار، محبت، ڀائيچارو، رشتيداري وغيره سڀ فنا ٿي چڪا آهن. لڱ ڪانڊارجيو وڃن، انهن حالتن ۾ ڏسي پنهنجو وطن ۽ وطن واسين کي، ايئن پيو لڳي جهڙوڪر ڪنهن مرندڙ جسم تي مکيون ۽ جيت جڙا اچي ڇهٽن. چڻ رت پياڪ جرون چهٽيل آهن منهنجي ماءُ جي بيمار جسم تي.

❊❊❊❊

16 اپريل 1992

دنيا سڄي ۾ هن وقت جا ولوڙ آهي، ڌرتيءَ تي رهندڙ تمام انسانن ۾ جا سچ پريل سجاڳي آئي آهي ان هر ماڻهوءَ جي من ۾ مانڌاڻ مچايو آهي. اها ولوڙ اها سچ پريل سجاڳي ۽ اهو مانڌاڻ تيزيءَ سان رنگ پيو ڪڍي. ملڪن، قومن ۽ عوام جي زندگين جا فيصلا ٿي رهيا آهن. ظلم و ستم، جبر ۽ ڏاڍ جو خاتمو ٿي رهيو آهي، سچ ۽ حق جي جيت پئي ٿئي. تڏهن مون کي به پنهنجي هن مظلوم ملڪ ۽ عوام جي نجات ويجهي نظر پئي اچي ايئن پيو لڳي ته تمام وڏيون تبديليون تمام تيزيءَ سان پيون اچن. آزاديءَ جي پرهه ڦٽي ويجهي آهي، ٻاڪ به ڦٽندي ڳاڙهي لالاڻ به ٿيندي ۽ پوءِ آزاديءَ جو سج اڀرندو.

اهڙو وري واءُ، ٿئي ڪو سٽاءُ
منهنجي جيجل ماءُ، مرڪي اٿي مان سان.

❊❊❊❊

17 اپريل 1992

ڪيڏا نه خوش نصيب آهيون جو هن موجوده غلامي جي گندي نظام ۾ دهشتناڪ ظلم ۽ ستم ۾ منهنجي مظلوم قوم جي وڏي اڪثريت جو هر لمحو ۽ هر پل مسلسل ڏينهن راتيون، مهينا ۽ سال اذيت جي هڪ نه ختمندڙ دور ۾ گهاري پئي، اتي مان وچئين طبقي جي هڪ سفيد پوش فرد جي حيثيت ۾ شهر جي عاليشان گهر ۾ سکون سان زندگي گذاري رهيو آهيان. جڏهن ته منهنجا ماروئڙا رت پيا روئن، سانگهيئڙن جا ساهه مٺ ۾ آهن، جهانگيئڙن جا جيءَ جهريل آهن، مانجهين جا من مانڌا ۽ منجهيل آهن، منهنجون مارويون قيد آهن، منهنجون موملون ملول آهن. پر مان ذاتي طرح خوش ۽ مطمئن آهيان، صرف پنهنجا مسئلا حل ڪري خوش آهيان. قوم، وطن، عوام انهن جا مسئلا، انهن جا ڏک سک، انهن جا حق ۽ خوشيون به ته منهنجون آهن، مان انهن کان ڌار ڪيئن ٿو خوش رهي سگهان.

❊❊❊❊

23 اپريل 1992

هيڏن سارن ظلمن، دهشتگردين، انڌير نگرين، ڏکن ۽ سورن جي باوجود به زندگي ڏاڍي حسين، خوبصورت ۽ پياري آهي. مٿيون تمام مصيبتون ۽ مشڪلاتون عارضي هٿرادو پيدا ڪيل آهن چند ظالم انسانن جون. ورنه انسان، انسانيت، پيار، برابري، حق ۽ انصاف کان مٿي عظيم تر ٻي ڪا به شيءِ نٿي ٿي سگهي. هيءَ ڪائنات ۽ ان ۾ زندگي، انسان جو وجود، سوچ ۽ احساس هن فطرت جو ادراڪ اهو سڀ ڪيڏو حسين، عظيم ۽ حقيقي آهي. صرف ظلم و ستم جي هن معاشي نظام کي بدلائڻو آهي. سچ، حق، انصاف، برابري ۽ امن پريو جديد عوامي، جمهوري، قومي انقلاب ايمانداريءَ سان عوام جي اتحاد ۽ قوت سان آڻڻو آهي. تڏهن ئي هن ڌرتيءَ جو هر ماڻهو ننڍو توڙي وڏو، امير توڙي غريب، عورت توڙي مرد، ٻار يا ٻڍو هن حسين زندگي ۽ رنگين فطرت کي ماڻي سگهندو.

❊❊❊

# ڊائري جا ورق



سرمد کوسو

## هر ڇُهاءُ

- هر ڇُهاءُ جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي، پر دل سان دل جو ڇُهاءُ سيني کان مٿانهون ۽ وڻندڙ آهي.
- اڪيلائي وڻندڙ آهي، پر اِهو ٻُڌائڻ لاءِ بہ ڪنهن جي ضرورت پوي ٿي تہ: اَڪيلائي وڻندڙ آهي.
- دنيا جون سموريون خوبصورت شيون اڪيليون ئي آهن. پوءِ اُهو چنڊ ئي ڇو نہ هُجي!
- هر شيءِ تنهنجي رنگ سان رنگيل آهي. تنهنجي غير موجودگي سُئي مان ڌاڳي جي گذر وانگر محسوس ٿيندي آهي.
- جيڪڏهن ڪو ماڻهو زندگيءَ جي خوبصورتي کي سمجهي ناهي سگهيو تہ ان جو مطلب زندگي انهي ماڻهو ۾ خوبصورتي کي ناهي ڏسي سگهي.
- دوست بہ عجيب هوندا آهن. جيڪي تبديل ٿيندا ۽ ڪن پل ۾ اُڏامي ويندا آهن، انهن کي جوڙبو ۽ سنواربو آهي.
- ماڻهو جو اندر مطمئن هئڻ گهرجي. باقي اڪثر تہ هجومن ۾ بہ اڪيلائي ئي محسوس ٿيندي آهي.
- انسان جي اڪيلائي اُن وقت وڌي ويندي آهي، جڏهن سندس ڳالهين مان غلط مطلب ورتو ويندو ۽ سندس خاموشي کي بي معنيٰ سمجهيو ويندو آهي.
- سچ بہ اڪيلو آهي. هُو جڏهن پنهنجي دوستن کي ڏسڻ لاءِ اُپري ٿو تہ سندس روشني ۾ سڀ گُم ٿيو وڃن.
- اِهو مزو آهي جو اوهان گُم هُجو ۽ اِها تباهي آهي جو اوهان سخت ڪوشش باوجود نہ ملي سگهو.
- جيڪڏهن اوهان کي اڪيلائي کان خوف ٿئي ٿو تہ پوءِ سُتا ٿيڻ جو ڪوشش نہ ڪريو. ڇو تہ اِهو ٻئي شيون هڪٻئي سان سڌي نسبت رکن ٿيون. اوهان سُتا ٿيندا تہ اڪثريت لاءِ اڻوڻندڙ ٿي پوندا ۽ اُن جو نتيجو اڪيلائي ۽ تنهائي آهي.
- اداسي مون سان پڪي دوستي رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ آئون وري اُن ۾ موجود سونهن جي ڳولا ڪندو آهيان. اهڙي طرح اسان جو هڪٻئي سان گهرو واسطو جُڙي ويو آهي.
- اڪيلو هُجڻ معنيٰ مختلف هُجڻ، مختلف هُجڻ معنيٰ اڪيلو هُجڻ!
- انسان اڪيلائي کان هميشہ شڪست کائيندو رهيو آهي. ڇو تہ اڪيلائي جو درد دنيا جي سڀني سورن کان وڏيڪ آهي.
- تنهائي هڪ ڄار آهي. جنهن ۾ هر ڏينهن ڪو نہ ڪو ضرور ڦاسي ٿو.
- دنيا ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون جڳهيون آهن. جتي ماڻهو کي اڪيلو وڃڻو پوي ٿو.
- مهاتما گوتم ٻُڌ چوي ٿو تہ ”هر ايذاءُ جو سبب ڪا نہ ڪا وابستگي آهي.“ مطلب سُور سهڻ لاءِ تيار آهيو تہ وابستگي ٿاهيو.
- تنهائي جي خوف کان هڪ ماڻهو ايتريون شيون ڪري سگهي ٿو جيڪي ماڻهن جا هُجوم نٿا ڪري سگهن.
- جڳ مشهور ناول الڪيميسٽ جو ليکڪ پائلو ڪولهو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”جيڪڏهن اوهان اڪيلا آهيو تہ اجا وڏيڪ اڪيلا ٿيندا. زندگي عجيب، مبهم ۽ منجهيل آهي.“
- اڪيلو هجڻ هڪ وڏو ڏباءُ آهي، جيڪو برداشت ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي.
- پيار سان ڪنهن کي چيل هڪ لفظ جو پڙاڏو، هزارين هٿن جي تاڙين جي شور کان وڏيڪ خوبصورت ۽ دلڪش آهي.
- ڪڏهن ڪڏهن هُجومن ۾ هجڻ بہ اڪيلائي جو





غلام نبي سومرو

## جمن احمداڻي جو ڪهاڻي ڪتاب

# ”ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه!“

**معروف**

ڪهاڻيڪار جمن احمداڻي جي ڪهاڻين جي هيءَ ٽين سهيڙ آهي جا مطالعي هيٺ آهي: ”ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه“ سندس هن ڪتاب جي ڳالهه ڪجي، انهيءَ کان اڳ ساڻس هڪ ملاقات جو مذڪور ڪجي.

04 جون 2022ع جي انهيءَ شام جو جڏهن پاڪستان آرٽس ڪائونسل جي حسينہ معين هال ۾ ڪهاڻيڪار عبيد راشديءَ جي ڪهاڻين جي نئين مجموعي ”27 ڊسمبر“ جو مهورت ٿي رهيو هو تہ اسين انهيءَ سلسلي ۾ ڪراچي آيل هئاسين. اهو حُسن اتفاق هو جو تقريب ڪانپوءِ آرٽس ڪائونسل جي ڪينٽين تي جمن احمداڻيءَ سان ملاقات ٿي. ساڻس محترم بخشڻ مهراڻوي بہ گڏ هو ۽ اسين حيدرآباد کان آيل دوست وزير حسين ميمڻ، ليکڪ خواجہ غلام علي ڪوساڻي ۽ محترم راشد لکمير جو ڪراچيءَ کان ئي آيو هو. اسين سڀ ڪينٽين تي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. پاسي کان هڪ ٻي ميز تي پروفيسر عاليہ امام ٻين شاعرن اديبن سان ويٺل هئي. نما شام جي مهل هئي ۽ ڪراچيءَ جي سامونڊي هوا جا جهوٽا اسان کي ڇهي رهيا هئا. اهو مهربان وقت هو ۽ تڏهن اسين مٿي ذڪر ڪيل سيئي دوست ڪينٽين تي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين، چانهن جو دور پئي هليو اديبن ۽ ادب دوستن جي ڪچهري جو رنگ الڳ هجي ٿو. جو اهي سيئي ڳالهيون دل سان ڪندا آهن. ادب ۽ فن تي ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪچهريءَ کان وڌيڪ دل جي ڳالهہ ڪرڻ جو رستو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. جيڪو زندگيءَ جي ڳجهارت جي کول ڪري ۽ زندگيءَ جي اسرار تي روشني وجهي. وري فن جي تخليق ۽ تحرير انهيءَ کي پڙهڻ ۽ پرکڻ تائين جو عمل اجان بہ هڪ اڳتي قدم آهي. انهيءَ رهاڻ جي خاص ڳالهہ محترم جمن احمداڻي ۽ محترم بخشڻ مهراڻوي سان ادب ۽ شاعريءَ تي ڳالهہ ٻولهہ هئي. ادب، تخليق ۽ فن تي انهيءَ گفتگو کي ياد رکي، حيدرآباد موٽي مون سندس ڪهاڻين جي سهيڙ ”ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهہ“ جو مطالعو ڪيو. جڏهن آئون سندس ڪهاڻين جي هيءَ سهيڙ پڙهي رهيو هئس تہ ڪهاڻين ۾ اڻ ڇهيل موضوعن کي نئين تخليقي جوهر ۾ ڏسي حيران ٿيس تہ مون محترم جمن احمداڻي کي زندگيءَ جي پهرين فون ڪال ڪئي، اسان تادير سندس ڪهاڻين جي ڪتاب ”ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهہ“ تي ڳالهايو، نہ صرف ڪتاب تي پر اصل ۾ ماڻهو جي درد تي ۽ انهيءَ درد جو تسلسل تي. جنهن جون ڪجهہ تصويرون هن ڪتاب جون ڪهاڻيون آهن.




جمن احمداڻيءَ جي ڪهاڻين جي هيءَ سهيڙ ”ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهہ“ پاڻ سان ڪهاڻيءَ جي بيان جو هڪ نئون انداز ڪٺي آئي آهي. انداز جو نئون آهي تہ حيران ڪندڙ پڻ آهي. انساني ارتقا جي هزارين سالن جي سامهون هاڻ ڪجهہ ڏهائين جي اندر ماڻهو ۽ سماج ۾ هي جيڪو بدلاءُ آيو آهي. انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ بايو ٽيڪنالاجي جو، ماڻهوءَ ۽ مشين جو. انهيءَ تبديليءَ سان ماڻهو

نيٽ هم آهنگ ٿي ويندو. پر هي جو پوين ڪجھ سالن کان هلندڙ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جو عمل آهي. انهيءَ هڪ طرح سان ماڻهو ۽ ماحول کي چئلينج ڪري وڌو آهي. انهيءَ ماحول ۾ حياتي گذاريندڙ ماڻهو جي وارتا ئي آهي جا جمن احمداڻي پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪئي آهي. ڪتاب جو پيش لفظ پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب لکيو آهي.

هي ڊجيٽل عهد جنهن کي ڊاڪٽر صاحب چڻ دوکي جو دور چئي ٿو. انهيءَ ۾ سندس Narrative چٽو آهي. جيئن ته سندس مطالعو وسيع آهي، هو انٽرنيٽ ۽ سائيبر اسپيس جي پيدا ڪيل انقلاب کي سمجهي ٿو. ته ادب ۽ فن کي به. پاڻ هن ڪتاب جي تناظر ۾ جديد ڪهاڻي کي ادب جي ترقي پسند دور سان لاڳاپيل سمجهي ٿو. سائين بهتر ڪيو آهي ته هن جمن احمداڻي جي ڪهاڻين جو هڪ ماڻ مقرر ڪيو آهي: ”هن وقت ڪهاڻيءَ جو اسلوب نئون ناهي. پر ڪهاڻيءَ جا موضوع نوان اچي چڪا آهن.“

متئين ڳالھ جي تسليميءَ ڪانپوءِ مون کي جمن احمداڻي جي هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻين کي غور سان پڙهڻو پيو. اچو ته ڏسون ”قاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالھ“ جون ڪهاڻيون ڪهڙي ڪتا بيان ڪن ٿيون.

ڪتاب ۾ ڪل 41 ڪهاڻيون آهن ۽ اهي سڀ ڪهاڻيون سنڌي ڪهاڻيءَ جو نئون روپ ڪٽي آيون آهن. ”قاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالھ“ ڪتاب جي ڪهاڻي ڪلا، سنڌي ڪهاڻي جي نئين منزل ڏانهن سفر جي ڪهاڻي آهي. مشهور ليکڪ خواجه غلام علي کوساڻيءَ سان جڏهن مون ليکڪ جي ڪهاڻي ”موبائل فون جي ور چڙهي ويل رشتا“ تي ڳالهايو پئي ته مون هن کان پڇيو ته ڳالھ اتي پهچي چڪي آهي ڇا؟ سائيبر اسپيس سڀ ڪجھ ڳهي رهيو آهي. رشتا، ناتا سڀ ڪجھ.

جواب ۾ چيائين: ها- سڀ ڪجھ، نه صرف انساني رشتا، گهر، شهر پر سڄو انساني سماج تبديل ٿي رهيو آهي، هن انساني ارتقا جي ڳالھ ڪئي ته انساني ترقيءَ جو سفر لازم آهي ته ترقيءَ جي طرف ويندو. اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو. جڏهن اسين محنت ڪريون ٿا. سائنس ۽ ادب پڙهون ٿا. لکون ٿا. تخليق ڪريون ٿا. ۽ فن ۽ نئين ٽيڪنالاجي سان پنهنجي وابستگي قائم رکون ٿا ته پوءِ اسان کي مايوس ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي.


سائيبر اسپيس جو هي جيڪو نئون لقاءُ آهي، اهو تيزيءَ سان اسان جي وچ ۾ اچي موجود ٿيو آهي. جنهن جي ڪري سماج ۽ انساني رشتن ۾ ٽوڙ ڦوڙ ٿي رهي آهي. جمن احمداڻي اسان جي ٻوليءَ جو انهيءَ سلسلي ۾ نمائنده ڪهاڻيڪار آهي جنهن انهيءَ سموري بدلاءُ تي قلم کنيو آهي.

هو انساني ڪيفيت جو به ليکڪ آهي. خوف جي ڪيفيت تي هن جي ڪهاڻي ”امان ڇا گولي پتين مان ٽپي ايندي آهي“؟ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي.

جمن احمداڻي جي ڪتاب جي پنهنجي پاران واري حصي ۾ جو ”اڪيلائپ وحشت جي ماءُ“ جي عنوان هيٺ آهي. هڪ جاءِ تي جڻ هو پنهنجي ڪهاڻين متعلق لکي ٿو ته: ”اها وحشت جڏهن ڪنهن اوچتي ڌماڪي ۾ تبديل ٿيندي ته هن ڪائنات جو حشر ڇا ٿيندو!! اهو به سوچڻ جي ضرورت آهي.“

جڏهن جمن احمداڻي ”ٻاويهين صديءَ جو سچ اولھ کان اڀرڻ گهرجي!“ جهڙي ڪهاڻي لکي ٿو ته پوءِ اميد جاڳي ٿي ته انسان جو مجموعي عمل ئي نتيجا ڏيندڙ آهي. جمن احمداڻي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ورجاءُ نٿو ڪري. ڪتاب ۾ ڇپيل هر ڪهاڻي جي پنهنجي الڳ ڪهاڻي آهي. ”قاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالھ“ جون ڪهاڻيون پڙهندي آئون خود حيرت جو شڪار ٿيو آهيان. جتي جتي هن جي ڪهاڻي توهان کي حيرت ۾ وجهي ته پوءِ سمجهو ته ليکڪ جي تحرير جو جادو قائم آهي. ڪهاڻي ادب جي اهم صنف آهي ۽ ڪهاڻي جي عاشقن لاءِ جمن احمداڻي جو ڪتاب ”قاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالھ“ ڪهاڻي جو هڪ نئون جهان پاڻ سان کڻي آيو آهي. هي ڪتاب مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2021 ۾ ڇپي پڌرو ڪيو آهي. 128 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 250 رپيا آهي.

***



# محبت، جنگ ۽ واپسي

نيلم احمد بشير



خواجہ غلام علي
کوساڻي

## وڏنڊڙ

عمر جي تقاضا مطابق جڏهن منهنجا ٻئي گوڏا حد کان وڌيڪ تڪليف ڏيڻ لڳا، تڏهن مون ۽ منهنجن ٻارن گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ انهن کي بدلائجي. پهرين گوڏي جي تبديليءَ جي سلسلي ۾ آئون آمريڪا جي شهر بالٽي مور ۾ هئس. تنهنڪري اتي جي هڪ مشهور ۽ معروف هڏين جي سرجن کان اپائنمينٽ ورتي ۽ دل ئي دل ۾ همت ڪيم چو تہ ڊپ تہ ٿي رهيو هو. هي ڊاڪٽر "سود" انڊين هو، ڳالهہ ٻولهہ ۽ انداز مان خبر ٿي پئي تہ آمريڪا ۾ ئي پيدا ٿيو ۽ پلجي وڏو ٿيو. ڪافي خشڪ مزاج ۽ رکو ماڻهو هو، پر مون کي تہ آپريشن ئي ڪرائڻو هو، ان لاءِ ان ڳالهہ کي نظر انداز ڪري علاج تي توجهہ ڏنم. سچ تہ اهو آهي جو ڊاڪٽر سود گهٽ عمر هوندي بہ بيحد مهارت سان منهنجو آپريشن ڪيو ۽ مون کي توقع کان بہ تمام گهٽ تڪليف ٿي. غالبن انهيءَ جو سور جي مئنيجمينٽ جو انتظام سٺو هو، پر ٻئي گوڏي جي آپريشن دوران تجربو ڪجهہ مختلف هو.

ٻي گوڏي جو آپريشن Ohio اسٽيٽ جي هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر ڪيو جيڪو بيحد شفيق ۽ نرم طبيعت هو. هو عمر ۾ وڏو هو، پر شهر ۾ سٺي سرجن طور مشهور ۽ قابل سمجهيو ويندو هو. ڊاڪٽر سود جي نسبت مون سان اردو ۾ ڳالهائي ۽ ڏيان سان ڳالهہ ٻڌڻ ۽ مون کي ڀيڻ چيائين ٿي تہ مون کي ڪجهہ سٺو ۽ عجيب بہ محسوس ٿيو پئي. چو تہ آمريڪا ۾ پروفيشنل لائف (عملي زندگيءَ ۾) ڪنهن کي ڀيڻ، آنٽي، ماسي، انڪل، چاچا ڪونہ چيو ويندو آهي، بلڪ نالو ئي ڪٺبو آهي. ٻيو آپريشن بہ خير خوبي سان مڪمل ٿيو ۽ رب جا شڪر ادا ڪيم. مگر ايمان جي ڳالهہ اها آهي تہ ڊاڪٽر سود جي آپريشن ڪانپوءِ مون کي ايذي تڪليف ڪانہ ٿي، جيتري پاڪستاني سرجن جي آپريشن ڪانپوءِ ٿي هئي. اهو خيال بہ ڪجهہ مزيدار هو تہ هاڻ منهنجي جسم ۾ هند و پاڪ ٻئي گڏجي ويا آهن. اڄ منهنجي هڪ ٽنگ پاڪستاني تہ هڪ هندستاني آهي. حقيقت ۾ هند و پاڪ جي اهڙي يڪجهتي جو آسرو تہ گهٽ آهي، پر منهنجي عضون اها ڪرامت ڪري ڏيکاري آهي. اڄ مان فخر سان چئي سگهان ٿي تہ مون ۾ هند و پاڪ جي



دوستي، دشمني، ڪٽاڻ، مٽاڻ، لڙائي، صلح، اختلاف، مفاهمت، چال چلت سڀ ڪجهہ سمائجي سگهي ٿو. يعني هاڻ منهنجو جسم اهو برصغير آهي جنهن جي صرف خواهش ئي ڪري سگهجي ٿي. ان ۾ هندستان پاڪستان برابري سان قدم سان قدم ملائي هلي رهيا آهن. اصل ۾ ايئن ٿي پوي تہ برصغير جا ماڻهو ڪيتري سکي زندگي گذاري سگهن. هي خطو امن و شانتي جو گهوارو، محبت جي سر زمين بڻجي پوي، پر اهو تہ ڪو خواب ئي ٿو لڳي ۽ شايد هند و پاڪ جي رهنمائن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان قيامت تائين ڪڏهن بہ هڪٻئي سان قدم سان قدم ملائي ڪونہ هلنداسين بلڪ هڪٻئي جا گوڏا سر زمين تي ڪوڙائي پوءِ ڇڏينداسين. شايد هن خطي جي نصيب ۾ امن چين لکيل ئي ڪونهي.

آپريشن ڪانپوءِ اسپتال جو قيام صرف ٻن ڏينهن جو هو. ٻنهي شهرن جي اسپتالن جي اعليٰ نظام، اسٽاف جي توجهہ ۽ سنڀال جي ڪري تمام جلد ريڪوري (بهتري) ڏانهن وڌڻ. معمول مطابق گوڏن جي آپريشن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن مون کي اٿاري بيهاريو ويو ۽ هلڻ جي مشق ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏي. آئون واڪر سان چند قدم ڪٽي ۽ پوءِ وري همت ڪري وڌيڪ هلڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. آپريشن ڪانپوءِ سنڌن کي روان رکڻ لاءِ اهو ضروري هو ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مون کي موڪل ملي. جيئن تہ آمريڪا ۾ اولڊ هومز ۾ تمام سٺا فزيو ٿراپي جا پروگرام هوندا آهن، ان ڪري مون ۽ ٻارن گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ مون کي اولڊ هوم ۾ داخل ٿيڻ گهرجي، جتي باقائدي مناسب ورزشون ڪري سگهان ۽ جلدي ٺيڪ ٿي وڃان. آمريڪا ۾ اولڊ هومز پوڙهن جي رهائش ۽ ٻين مريضن جي بحالي جي لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

آمريڪي فيمليز ۾ گهر جا تقريبن سڀ فرد ڪم ڪندا آهن ۽ معيشت ۾ پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن. تنهنڪري گهر تي پوڙهن بزرگن جي سار سنڀال لهڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو آهي. ان حالت ۾ اولڊ هائوس ئي اهڙا ادارا آهن جيڪي بزرگن کي

سنڀاليندا آهن. انهن جون سڀ ضرورتون پوريون ڪندا آهن. ڪاڌو پيتو، اٿڻ ويهڻ، طبي سنڀال مطلب تہ هر شيءِ جو انتظام هوندو آهي. اهڙيءَ طرح پوڙها گهر ٻاتي نظر انداز ڪونہ ٿيندا آهن. مان ٻيو پيرو جنهن اولڊ هوم ۾ داخل ٿيس اهو خوبصورت، صاف سٿرو ۽ معيار ۾ ڪنهن پنج ستاره هوٽل کان گهٽ ڪونہ هو. ويڪرا ڪمرا صاف شفاف باٿ روم، ڊگها ڊگها ڪاريڊور، پر رونق وڏا وڏا ڊائننگ هال، سڀ ڪجهہ بيحد دلڪش هو. مگر ماحول ۾ اداسي، اڪيلائي ۽ ويراني هئي جيڪا هر اولڊ هوم مثان هڪ بد روح مثل ڇانيل محسوس ٿيندي آهي. هتي رهندڙ پوڙها بيمار، لاچار، بيزار، مايوس ماڻهو ڏسي منهنجو من ڪڙهڻ لڳو، پر هتي رهڻ مجبوري ۽ ضروري هو، علاج ڪانسواءِ منهنجو نئون گوڏو ڪارآمد ڪونہ ٿي سگهي ها، پوڙهن ڪي بيوس لاچار ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. جنهن بہ رهائشي ٻڍي يا پوڙهي سان مل تہ اهي اهو ئي چوندا تہ اسان کي پنهنجو گهر ڏاڍو ياد ٿو اچي. هنن جي اندر ۾ بس اها ئي آرزو ڦٿڪندي ڏٺي تہ ڪنهن طرح پنهنجي گهر وڃن. مون انهن جون ڳالهيون ٻڌي سوچيو، آخر هنن کي پنهنجي گهر وڃي ڪرڻو ڇا آهي؟ نہ ڪير ماني تيار ڪري نہ ڪير ڪارائي نہ ٿانو ڌوئجن نہ ڪير سار سنڀال وارو، پر جيئن تہ آمريڪا ۾ تمام گهڻا ماڻهو خاص طور تي پوڙها اڪيلا ئي رهڻ جا عادي آهن ان ڪري گهر وڃڻ تي گهٻرائين ٿا ۽ پنهنجي آستاني تي پهچڻ لاءِ ڦٿڪندا (تڙپندا) رهندا آهن.

منهنجي عمر جي اڌ حصي ۾ هڪ ٻي بزرگ عورت جو بيڊ هو جيڪا هڪ اڇي چمڙيءَ واري آمريڪن هئي، مون کي اندازو ٿي ويو هو تہ هوءَ مون جهڙي بغير اڇي چمڙي واري عورت سان واسطو، تعلق رکڻ پسند نٿي ڪري. مون بہ سوچيو تہ هن کان پري ئي رهنديس، هن کي پريشان نہ ڪنديس. هن جي ڌيءَ جڏهن بہ هن سان ملڻ ايندي هئي مون سان خوش اخلاقي سان پيش ايندي هئي. هڪ هفتي جي آخر ۾ هن جي ڌيءَ ڪونہ آئي، منهنجي ڪمري جي ساٿياڻي، سڄو ڏينهن بغير ستل رهي تہ مون کي فڪرمندي ٿي. هن ڪمري ۾ ايندڙ ڪاڏي جي ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ بہ ڪونہ لڳايو ۽ نہ ئي اکيون کوليون. ٻيو ڏينهن ٿيو تہ مون کي پريشاني ٿيڻ لڳي. مان پير پير ۾ ڏيئي آهستي سان هن جي ويجهو ويس، وڃي ڏٺم تہ هوءَ ٺيڪ بہ آهي يا نہ؟ اهو ڊپ بہ ٿيو پئي تہ هوءَ اکيون کولي ڇڏي ۽ مون کي پاڻ تي جهڪيل ڏسي ڪاوڙ ۾ نہ اچي وڃي، مان فڪرمند هئس هيءَ آخر اٿي ڇو نٿي؟ ٽي ڏينهن آخرڪار هن جي ڌيءَ ملڻ آئي ۽ جڏهن ماءُ کي سڏ ڪيائين ۽ جواب نہ مليو تہ هوءَ بہ پريشان ٿي وئي. ماءُ کي گندگي ۽ پوسل ۾ لٿڙيل ڏسي تمام ڪاوڙ ۾ اچي وئي مون بہ هن کي ٻڌايو تہ هن جي ماءُ ٻن ڏينهن کان ڪجهہ بہ نہ ڪاڌو پيتو آهي ۽ نہ ئي اک کولي آهي. اهو ٻڌي هن جي ڌيءَ وڏو گوڙ ڪيو ۽ ۽ اسٽاف کي خوب ڏڙڪا ڏنا. عام طور ايتري لاپرواهي ڪڏهن ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي، مگر شايد هفتي جي آخر ۾ اسٽاف پنهنجا فرض درست طور پورا نہ ڪيا هئا ۽ ان لاءِ مريض ان حال ۾ مبتلا ٿيو هو. مون کي هر هر اهو ئي خيال ايندو رهيو تہ هي ماڻهو مري ڇو نٿا وڃن، موت جي کوهہ جي اندر هلندڙ تيز رفتار موٽرسائيڪل تي ويٺل آهن، جيڪا صرف گول گول ڦرڻ ئي ڄاڻي ٿي، دائرا ٺاهي ٿي اها زُون ڪري کوهہ مان ٻاهر نڪري ڇو نٿي وڃي؟ انهن کي قيد حيات و غم مان نجات ڇو نٿي ملي؟ ڪيترو نہ سٺو ٿئي جو اهي ماڻهو ان گول دائري جي سفر مان نڪري فنا جي طويل سلسلي جو حصو بڻجي لافاني ٿي وڃن. آخر موت تي انسان جو اختيار ڇو نہ آهي جو جڏهن دل چاهي بٽڻ دٻايو ۽ نجات ملي وڃي. آخر انسان ايترو پائيدار، مجبور ڪمزور ڇو بڻايو ويو آهي؟

اولڊ هوم جي دروازي تي اڪثر صبح ساڻ ڪا نہ ڪا ايمبولينس يا ميت کڻڻ واري بس ايندي تہ مون کي هڪ اڻ لکي خوشي ٿيندي هئي. اهو سوچي خوشي ٿيندي هئي تہ شايد اڄ ڪو پڪي قيد مان آزاد ٿي ويو، جسم روح جو قيد خانو تہ آهي، شايد اڄ ڪنهن جي هن بيڪار زندگي مان جان ڇٽي وئي. ڪڏهن ڪڏهن مان خود پاڻ تي حيران ٿيندي آهيان تہ مان هي ڪهڙي ظالماڻي ۽ بي رحماڻي خواهش پئي ڪريان، مان تہ دعا ڪندي هئس تہ اجل هتي مهمان ٿي اچي ۽ ويندي وقت پاڻ سان هڪ اڌ تحفو بہ کڻي وڃي.

افسوس تہ اهو آهي جو آمريڪن هيلٿ ڪيئر سينٽر ايترو سٺو ۽ خيال ڪرڻ وارو آهي جو مرندي مرندي بہ ماڻهن کي بچايو ڇڏي. انشورنس ڪمپنيون بل موڪليندي رهنديون آهن، اولڊ هوم وارا ڊگهيون رقمون ميڙيندا رهندا آهن ۽ زندگي ايئن ئي ڦٿڪندي گهلجندي هلندي ٿي رهي، جيئڻ ۽ مرڻ جي لڪ لڪوٽي راند هلندي ٿي رهي.

اولڊ هوم جا معمولات طئي ٿيل آهن. جيئن ستين وڳي صبح نيرن، ٻارهين وڳي ٻپهري ۽ شام جو پنجين وڳي رات جي ماني. ان ڪانپوءِ ڪا سرگرمي نظر نہ ايندي آهي. سڀ رهائشي پنهنجن ڪمرن ۾ موڪليا ويندا آهن، نرسون دوائون ڏيڻ، بخار چيڪ ڪرڻ، بلڊپريشر چيڪ ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪريو ڇڏين. شام ٿيندي ئي اولڊ هوم مٿان موت جهڙي اداسي ڇانئجيو وڃي، جنهن کي مون جهڙي نازڪ طبيعت واري لاءِ پوڄڻ مشڪل ٿيو وڃي. شام کان رات تائين جو وقت ڪمپيوٽر تان پراڻا گانا ٻڌڻ يا وراندي ۾ پسار ڪندي گذارڻو ٿو پوي، وقت گذري نٿو گذري. اسان جي تہ عادت هميشہ کان ڇٻرن واري رهي آهي، رات پر جاڳون، ڏينهن جو بہ رلندا رهون سو منهنجي لاءِ انهن معمولات سان نڀائڻ مشڪل ٿيو وڃي.

ڏينهن رات اهي ئي خيال ٿا اچن تہ منهنجو انت ڪهڙو هوندو؟ ايترو تہ گمان آهي تہ عمر جي آخري دور ۾ بہ مون سان محبت ڪرڻ وارا بہ بيشڪ موجود هوندا، پر ڪير ڄاڻي ٿرين ڪڏهن ٿي اچي ۽ پوءِ اچي وڃي تہ ان جي آخري اسٽيشن ايندي ايندي ڪنهن جو نظريو ضرورت ڇا مان ڇا ٿي ويو هجي؟ ڪنهن جا حالات ان کي ڪهڙي پٽڙي تي چاڙهي ڇڏين؟ ڪنهن ريل جي انجڻ سيٽي وڄائڻ ڪانسواءِ اوچتو درياهہ ۾ وڃي ڪري ۽ ڪنهن کي خبر ئي نہ پئجي سگهي. ڪيترا پيرا سوچيو پنهنجي اولڊ هوم جي دوران هتي جي ماحول ۽ ماڻهن جون ڪجهہ تصويرون ڪڍي وٺان، پر وري مان ڪٿي هن جاءِ کي ياد رکڻ ٿي چاهيان. مان تہ هر رهائشي وانگر هتان ڀڄي نڪرڻ جي ڏينهن جو انتظار پئي ڪريان، ڪڏهن ڪڏهن ايئن لڳندو آهي جهڙوڪر مان وڃائجي وئي آهيان ۽ ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچي وئي آهيان. هڪ پراڻو آمريڪن گانو اڪثر ياد ايندو هو، جنهن جا ٻول: in the desert you do not remember your name شاعر ۽ ڳائڻو چوي ٿو تہ جڏهن توهان نو ڏينهن لاءِ ريگستان ۾ ڀٽڪندا رهو تہ پوءِ توهان کي پنهنجو نالو، پنهنجي سڃاڻپ سڀ ڪجهہ وسري ويندي، مون کي لڳي ٿو تہ مان بہ ريگستان ۾ زنده آهيان. وري اڪثر ايئن بہ لڳندو هو تہ مان اها ڪانہ رهي آهيان جيڪا مان آهيان. مان هڪ زنده دل لاهورڻ هتي اوهايو رياست جي اولڊ هوم ۾ ڪمزور بيمار ماڻهن سان گڏ رهي ڪيئن پئي آهيان؟ ڇا ڪڏهن ٻيهر پنهنجي وطن پنهنجي نارمل زندگيءَ ڏانهن وڃي سگهنديس يا نہ؟ وري سوچيان بس اکيون بند ڪري هي وقت گذاري وٺان تہ اڳتي ساوڪون ئي ساوڪون هونديون مون هتي وڏي صبر ۽ تحمل سان وقت گذاريو.

هڪڙي وڏي ٽي وي روم ۾ اڪثر مون کي هڪ پوڙهي عورت ۽ هڪ نسبتن جوان شخص گڏ اٿندا ويهندا ۽ ڪائيندا پيئندا نظر ايندا هئا. ٿورن ڏينهن ۾ خبر پئجي وئي تہ هي ماءُ پٽ آهن، مان حيران سوچيندي هئس تہ ٺيڪ آهي ماءُ تہ ضعيف پوڙهي ڪمزور هئي آهي پٽ کي ڇا مسئلو آهي جو هو هتي داخل آهي؟ ايڏو پوڙهو بہ ڪونہ هو شايد پنجاهہ سالن جو هوندو، دل چوندي هئي تہ ان باري ۾ هن کان پڇان، پر وري اهو سوچي ماٺ ڪري وينيس تہ ڪٿي ڪا ڏکن ڀري ڪهاڻي ٻڌي تہ پنهنجو دل ڏکندو، ان لاءِ نہ ئي پڇان تہ چڱو. هفتي جي پڇاڙي واري ڏينهن ٻئي وڏو پيزا ۽ ڪوڪ جي وڏي بوتل گهرائي، چسڪا ڀري پيئندا ۽ ڪائيندا آهن تہ ڏاڍا خوش ڏسڻ ۾ ايندا آهن. لڳندو هو تہ اها ئي انهن جي تفريح ۽ تسڪين جو سامان هو. مون زياده تر ماءُ کي ئي ڳالهائيندي ڏٺو، پٽ ماٺ هوندو هو. هڪ ڏينهن عجيب ڳالهہ ٿي. سنهڙي سيپڪڙي پوڙهي وهيل چيئر ڌڪيندي ٽي وي روم ۾ اچي زور زور سان روئڻ ۽ گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو، هڪ ئي ڳالهہ بار بار ورجائي رهي هئي منهنجو پٽ گم ٿي ويو آهي ان کي ڳولهي اچو نہ تہ مان مري وينديس. هن جا ڳوڙها ۽ پڪارون ٻڌي منهنجي دل ڏکي وئي. خبر نہ آهي منهنجو پٽ ڪٿي هليو ويو هو. ڇا خبر تہ ماڻس کان ڪجهہ دير

جدا رهڻ ٿو چاهي ۽ ڄاڻي ڪري لڪي ويو هجي، مان تہ سوچ ۾ پئجي ويس. اٽڪل ڪلاڪ ڪانپوءِ اسٽاف وارا ڪٽان هن کي ڳولهي آيا. اهو ئي ٻڌوسين تہ هو گيٽ ٻاهران بيهي ايندڙ ويندڙ گاڏيون ڏسي رهيو هو، ماءُ هن کي پاڪر ۾ پري چمندي رهي، هو بت بڻيو ويٺو ٿي وي ڏسندو رهيو ماءُ بار بار پڇندي رهي تہ تون مون کي اڪيلو ڇڏي گهر تہ ڪونہ ويو هئين؟ مون کي بہ گهر هلڻو آهي، تون اڪيلو هليو ويندين تہ آئون مري ويندس مون کي بہ گڏ وٺي هلجانءِ. پٽ جي چهري تي ناپسنديءَ جو تاثر هو، مون کي ٻنهي تي رحم اچڻ لڳو، ٻئي نجات ٿا چاهين حالتن کان. معمولات کان ۽ شايد هن ماحول کان بہ جتي هو محدود لاچار قيدي بڻجي رهي رهيا هئا. تہ فرار ۽ قرار، هنن جي نصيب کان پري ٿي چڪو هو. آئون هڪ ڏينهن معمول مطابق وراندي ۾ پسار ڪري رهي هئس ڌيان خبر ناهي ڪٿي هو تہ لڳو اوچتو ڪنهن منهنجو هٿ زور سان جهليو مون ڇرڪي مڙي ڏٺو، وهيل چيئر تي هڪ شخص ويٺو ڏاڍو غور سان مون کي ڏسي رهيو هو، هو ڪو پنهنجي قوم جو بندو ٿي لڳو. ڪڻڪائون رنگ، وڏيون وڏيون ذهين اکيون، ڊگهو قد، جنهن جو اندازو هن جي ڊيل ڊول مان بخوبي لڳائي سگهجي پيو. ڪافي هينڊسم شخصيت هو، هن جي پنهنجي طرف دلچسپي سان ڏسندي مان بہ بيهي رهيس ۽ خوش دلي سان پڇيم "آر يو انڊين؟" مون اهو ئي سوال پڇيو جيڪو اڪثر مون کان بہ پڇيو ويندو هو. "نو، پاڪستاني ظهير عثماني فرام ڪراچي." هن جواب ڏنو تہ مان خوش ٿي ويس ۽ گرم جوشي سان ٻيهر هٿ ملايو، ايئن لڳو جهڙوڪر ڪو پنهنجو، ڪو وڇڙي ويل دوست ديار غير ۾ اچي مليو آهي. هڪ پاڪستاني شخص ۽ هتي آمريڪا جي اولڊ هوم ۾، منهنجي لاءِ حيرت جو باعث هو. هو مون طرف اجنبي نظرن سان ڏسندو رهيو. شايد هو بہ اهڙي حيرت ۾ مبتلا هو تہ هڪ پاڪستاني عورت ۽ هتي؟ "توهان ڪڏهن هتي داخل ٿيا؟ آمريڪا ۾ ڪڏهن کان آهيو." مون هن سان اردو ۾ ڳالهايو "۽ توهان جي فيملي ٻار ٻچا وغيره؟" مون هڪدم ٻيو سوال ڪيو، "توهان ڪٿي هئا، ڇا ڪم ڪندا هئا؟" هن کي ماٿ ڏسي مون سوال ڪرڻ شروع ڪيا. هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ آهستگي سان چيو "سڀ وسري ويو، بس ڪراچي ياد اچي ٿي، هوم سوئيٽ هوم، گهر پيارو گهر"، مون هن جي اکين ۾ ڏٺو تہ مون کي اتي زندگيءَ جي ڪابہ رمق ڪابہ ڪرن ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي. ان جي پنهنجو پاڻ کي وسارڻ جو ٻڌي مون کي ايئن لڳو جهڙوڪر مون کي ڪنهن اوچتو اونهي پاڻيءَ ۾ ڌڪو ڏيئي ڇڏيو هو. بيحد ڏک ۽ رنج سان مون ان جو جملو دهرايو، "سڀ وساري ڇڏيو؟" باوقار، خوبصورت، متاثر ڪندڙ، جاندار شخصيت وارو اجنبي هم وطن مون کي ڪو جيئرو جاڳندو انسان نہ بلڪہ ڪاغذن جو گڏو لڳو هو، جنهن ۾ نہ ڪا جان هئي ۽ نہ ئي زندگي جي ڪا بيقرار لهر هئي. هڪ ساڪن سمنڊ جنهن ۾ هاڻ ڪنهن بہ قسم جو ڪو مدو جزر هلچل مچائڻ وارو نہ هو. انسان وٽ اگر حافظي جي دولت نہ هجي ۽ اهو بي وقعت بڻجي وڃي، ان جي شناخت ئي نہ هجي تہ هو پنهنجي ذات جو محض هڪ پاڇو هڪ پرتوو ئي تہ آهي.

ظهير عثماني کي تہ هاڻ اها بہ خبر نہ هئي تہ هو ڪير آهي؟ ڪٿي آهي؟ ۽ هتي اولڊ هوم تائين ڪيئن پهتو، هن جا پيارا ڪٿي آهن؟ البتہ اها ڳالهہ قابل غور ضرور هئي تہ هن کي پنهنجي ننڍپڻ جو پراڻو شهر، پنهنجو ڇڏيل شهر، ڪراچي اڃا تائين ياد آهي، هو ان کي پنهنجو گهر ٿو سمجهي ۽ ياد ٿو رکي، هي حافظو بہ ڪهڙو Selective هوندو آهي، جيڪو چاهي ياد رکي ۽ جيڪو چاهي وساري ڇڏڻ جي طاقت سان مالا مال هوندو آهي. ظهير عثماني کي ڏسي وري منهنجي دل ۾ اهو سوال اٿيو، يا الله هي زنده ئي ڇو آهي؟ هن جو سفر اڃان تائين جاري ڇو آهي. هن کي تہ خود بہ پنهنجي منزل جي خبر تہ پوي، پوءِ ڇو ۽ ڇا جي لاءِ؟ هي زندگي ڇو؟ ان ڪانسواءِ ظهير عثماني مون کي جڏهن بہ هن وڏي شاندار عمارت جي ڪاريڊور ۾ وهيل چيئر تي ويٺل ڪنهن ديوار سان ڳالهائيندي يا خاموشي سان پنهنجي آس پاس گهور سان ڏسندي ملندو هو تہ مان هن جي ويجهو کان اجنبين جيان هلي ويندي هئس.

مون کي هن تي خبر نہ آهي ڇو ڪاوڙ ايندي آهي. سوچيندي هئس، هتي هن جي جاءِ تي پنهنجي ڪنهن هم وطن ملي وڃڻ جو ڇا فائدو؟ هم زبان، هم قوم هجڻ جي باوجود بہ اسان پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ بہ نٿا ڪري سگهون. هو نارمل هجي ها تہ اسان هڪ ٻئي سان ڳالهايون ها، پنهنجا حال اوريون ها ۽ اڪيلائي جا هي مشڪل ڏينهن ايڏا تڪليف ده نہ هجن ها. هاڻ هڪ اڱڙين جي گڏي سان پلا ڇا ڳالهائي ٿو سگهجي، جنهن جي يادگيري ختم ٿي وئي هجي تہ ان وٽ باقي رهي ڇا ٿو؟ ڪڏهن ڪڏهن مون کي بہ اهو ڊپ ورايو وڃي تہ جي مان ان حال ۾ هجان تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن مون کي خبر ئي نہ هجي تہ مان ڪير آهيان؟ ڇا هئس؟ ڪير مون کي هتي ڇڏي وساري ڇڏي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ رب کان اها ئي دعا ٿي ڪريان تہ يا الله پلي مون کي پنهنجي زندگي جي تڪليفن، تلخين ۽ اڪيلائين کي وسارڻ ڏي، پر اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ ڏج تہ حياتي ۾ ڪنهن ڪنهن جي محبت منهنجي جهول ۾ گلن وانگر اچي ڪري ۽ منهنجي



ذات کي مهڪائي ڇڏيو. مون کان اها يادگيري به ڪڏهن نه کسج ته ڪيتريون چاهتون، ڪيتريون عزتون مون کي نصيب ٿيون جن سان منهنجي زندگيءَ جو سفر آسان ٿيو. عمر جي هن حصي ۾ پهچي اهو ئي سمجهه ۾ ٿو اچي ته محبتون ۽ چاهتون ئي زندگيءَ جو اصل سرمايو ۽ خزانو آهن زنده هجان ته پنهنجي حافظي جي طاقت ۽ خوبصورتي سان هجان، مون کي خود فراموشي جي ڪنهن به بليڪ هول ۾ غرق ٿيڻ جو عذاب قبول ڪونهي. آئون خود ڌڙڪندڙ، ڪلندڙ، ٽهڪ ڏيندڙ خوبصورت زندگي آهيان.

اي رب جڏهن به چاهين ٻتي گل ڪري مون کي پاڻ ڏانهن سڏائي وٺجانءِ مان بيحد خوشي خوشي تو ڏانهن هلي ايندس ۽ چاهيندس ته تنهنجي وجود جي وسيع خوبصورتين جو حصو بڻجي وڃان، تو منجهه سمائجي وڃان. لافاني بڻجي من و تو ٿي پوان ۽ ايئن ڪڏهن به فنا نه ٿي سگهان. ڪڏهن ڪڏهن ظهير عثماني کي ڏسي خيال ايندو آهي ته ان کي ڪڏهن نارمل زندگي ۾ ڪنهن محفل ۾ ڏٺو هجي ها ته ڪيئن لڳي ها. ڊگهو قد، دلڪش شخصيت وارو، اعليٰ تعليم يافته جوان، ڪلندو ڳالهائيندو عورتن جي ميڙ ۾ بيٺل ڪيڏو نه ڊيشنگ ۽ پرڪشش لڳندو هوندو. هٿ ۾ شربت جو گلاس جهلي دلچسپ ڳالهيون ڪندي ٽهڪ ڏيندي ڪنهن کي گڏ ويهاري لانگ ڊرائيو تي وٺي وڃي زندگي انجواءِ ڪندڙ. ڌڙڪندڙ زندگي سان پرپور آرزوئن سان مخمور، يقينن اهو ئي سوچيندو رهيو هوندو ته زندگيءَ جو وهنوار ايئن ئي رهڻو آهي. سڀ سٺو ٿيندو ۽ ايئن هو جيون جو درياهه پار ڪري ويندو، پر هن کان ته هوش و حواس جي دنيا ئي رسي وئي هئي، ڪيڏو نه بدنصيب هو. آئون تصور جي اک سان نه ڄاڻ ڇا ڇا منظر ڏسڻ لڳيس اڄ هي ماٺهو پوڙهن جي هن بستيءَ ۾ هڪ ويران ڪنڊر وانگي رهيل آهي. هتي ڊائننگ روم ۾ آمريڪن ڪاڌو کائيندي ڏسي اهو خيال ٿو اچي ته ڇا خبر هن جي دل پاڪستاني ڪاڌو کائڻ لاءِ چاهيندي هجي. مون کي اها ڳالهه عجيب نه لڳي ته ظهير عثماني به مون سان ملي، ان طرح لاتعلق ٿي ويو هو، جيئن مان هئس. مان سندس پاسي مان گذرندي هئس ته هن جي چهري تي شناسائي جو ڪوبه رنگ نه ايندو هو، پر مون کي هن سان گلا ڪڏهن نه هئي، هي ويچارو ته پنهنجو پاڻ کي ئي وساري ويٺو هو. ان کي پلا مان ڪٿي ياد هوندس شايد هاڻ هن جي زندگي جو اهو ئي ڏينهن هو ته ساهن جي مالا جا موتي ڳٽيندو رهي ايئن ئي خوامخواهه بنا جواز هڪ ڏينهن فزيو ٿراپي ڪمري ۾ ورزش ڪندي مون پنهنجي انڊين فزيو ٿراپسٽ کان پڇيو ته ”هي ظهير عثماني صاحب هتي ڪڏهن کان آهي؟“

”اري ظهير صاحب؟ بيحد نائس آهي، هن جي زال ۽ ٻار سڀ ڊاڪٽر آهن تمام گريٽ فيملي آهي“ هن مسڪرائيندي ٻڌايو. ”آمريڪن ڪونسليٽ ۾ ڊپلوميٽ هو“.

اڇا ته هن جي زال ۽ ٻار ملڻ ايندا آهن؟ مون هن کان پڇيو

”جي ها ايندا آهن، هن جي زال ڏاڍي خوبصورت آهي، جهڙا اوهان پاڪستاني ماڻهو هوندا آهيو مٿان وري فيشن ايبل ۽ ويل ڊريسڊ“. هن جواب ڏنو.

”ڪجهه کائڻ لاءِ به ڪٽي ايندا آهن؟“ مون عورتن وارو گهريلو سوال ڪيو.

”ها ها آڻيندا آهن، تمام شوق سان کائيندا آهن، پر هن کي ڪجهه به ياد ڪونهي، ڪنهن کي سڃاڻي ئي نٿو، بس اهو ئي چوندو رهندو آهي ته ڪراچي هلڻو آهي.“

ٿراپسٽ اهو ٻڌائي مون کي غمگين ڪري ڇڏيو. پنهنجي آمريڪا واري گهر جو ڪوبه ذڪر نٿو ڪري، چاليهن سالن کان آمريڪا کي گهر ڪري ويٺو آهي، پر سچ ته پنهنجو ديس ته پنهنجو هوندو آهي ۽ اتي ئي هوندو آهي پنهنجي سک جو ڳوٺ. هوم سوئيٽ هوم. انڊين ڇوڪري ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪن سوچن ۾ گم ٿي وئي شايد هن کي به هن وقت هن لمحي انڊيا ۾ پنهنجو گهر، ڳوٺ ۽ گهر ڀاتي ياد اچي ويا هئا. سچ ته اهو آهي ته هر ماڻهو کي پنهنجو اصل پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي، پوءِ هو واپس وڃي سگهي يا نه. بهرحال هو مڙي مڙي پنيان ڏسندو ضرور آهي شام جو اڪثر منهنجو پٽ پنهنجي زال سان گڏ مون سان ملڻ ايندا آهن، اسان وڏي ٽي وي هال جي صوفن تي ويهي ڪچهري ڪندا آهيون. ٽي وي روم ۾ هونئن ته ڪجهه پوڙها ۽ پوڙهيون ويٺا جهوٽا کائيندا آهن، پر هڪ چهرو اهڙو به هو جيڪو مستقل اتي ئي ويٺل هوندو هو. ان اسي پنجاسي سالن جي پوڙهي جو نالو مسز براؤن هو سڀ هن کي ان نالي سان مخاطب ٿيندا هئا. مسز براؤن مون کي ۽ منهنجي پٽ ۽ ان جي زال کي ڏاڍي غور ۽ دلچسپي سان پئي ڏسندي آهي. شايد هن گوري (سفيد فام) پوڙهي کي اسان عجيب لڳندا هجون. خبر نه آهي هو ۽ خاص طور تي منهنجي پٽ ڪاشف کي يڪ ٽڪ سڄو وقت ڏسندي رهندي هئي. ڪاشف ماشاءَ الله سانورو سلوڻو، ڊگهي قد جو خوبصورت جوان هو. آمريڪي معيار جي مطابق Dark, Tall Handsome قسم جو هي پرڪشش ۽ منفرد مرد نظر ايندو هو. هڪ ڏينهن منهنجي ننهن ڪاشف کان مسڪرائيندي پڇيو، منهنجو خيال آهي مسز براؤن توکي پسند ٿي ڪري، ان ڳالهه تي اسان سڀ ڪلياسين ۽ ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. هڪ ڀيري ايئن ٿيو جو ڪاشف ڪجهه ڏينهن لاءِ مون سان ملڻ نه اچي سگهيو. هڪ شام مان ٽي وي لائونج ۾ ماٺ ڪري ٽي وي ڏسي رهي هئس ته اوچتو مسز براؤن پنهنجي وهيل چيئر هلائيندي منهنجي ويجهو آئي ۽ مون کان پڇڻ لڳي ته هو جيڪو هينڊسم جوان توهان سان ملڻ ايندو اهو ڪٿي آهي؟ ۽ اڄ ڪلهه ڇو ڪونه ٿو اچي؟ مون کي دل ئي دل ۾ کل آئي ۽ مون هن کي ٻڌايو ته هن کي ڪجهه مصروفيت آهي ان لاءِ نه اچي سگهيو آهي. مان ان ڳالهه تي مسرور به ٿيس ته مسز براؤن جي دل جا جذبا اڃان جوان آهن، اگر ڪو سٺو لڳو ته هن چئي ڇڏيو. حقيقت اها آهي ته دل جو ڇا آهي؟ ڪنهن تي به ڪنهن به عمر ۾ اچي سگهي ٿي. مسز براؤن جي دل چاهيو ته هن پڇي ڇڏيو ۽ مون کي هن جو پڇڻ خراب نه بلڪ سٺو لڳو. مون هن کي ٻڌايو ته هو منهنجو پٽ آهي ته هن مسڪرايو. ڪيترا ڀيرا دل ۾ اهو خيال آيو ته آمريڪي پوڙها ۽ پوڙهيون ايئن گڏجي هڪ وڏي گهر ۾ رهڻ کان بهتر آهي يا اسان جي ڪلچر مطابق ٻارن سان. خاص طور تي ڇوڪرين سان ئي گڏ رهڻ وڌيڪ مناسب آهي. اولڊ هوم ۾ انهن کي کاڌو پيتو، دوائون ۽ توجهه ته ملي ٿي، اهي ڪيئي قسمن جا پروگرام به ڪرائيندا آهن. جڏهن ته اسان جا پوڙها اڪثر وڏي عمر ۾ دل لاهي ويهي رهندا آهن، ڪنهن به ڳالهه ۾ دلچسپي ڪونه وٺندا آهن ۽ قبر ڏانهن وڃڻ جا پروگرام ٺاهيندا رهندا آهن. منهنجي ڏيءَ جي پاسي واري گهر ۾ ٻن ڪمرن واري اپارٽمينٽ ۾ هڪ سک فيملي رهيل هئي. زال مڙس، ٻه ڇوڪريون ۽ ڏاڏا ڏاڏي سڀ گڏ رهندا هئا. ڏاڏا ۽ ڏاڏي اڪثر پنهنجي ديسي لباس ۾ اپارٽمينٽ بلڊنگ جي آسپاس پسار ڪندي نظر ايندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن ڏاڏا گذاري ويو ڏاڏي اڪيلي ٿي وئي اڪثر ايئن ٿيندو هو جيئن هي پٽ ۽ زال ڪم تي ويندا هئا ته پوڙهي منهنجي ڏيءَ جو در کڙڪائيندي هئي، هن جي خيال ۾ انڊيا پاڪستاني خاندان ساڳي ڳالهه آهن، آئون هن سان پنجابي ۾ ڳالهائيندي هئس ته ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. ڪڏهن هٿ ۾ ڪجهه ڊالر هوندا هئا جيڪي ڏيکاري چوندي ٿورو اهي ڳڻي ٻڌايو ته گهڻا آهن؟ ڪڏهن ڪا فون ڊائري هٿ ۾ کڻي ايندي ڪو فون نمبر ڊائل ڪرائڻو هوندو هو. مون ۽ منهنجي ڏيءَ هن کي ڪيترا ڀيرا ٻڌايو ته اسان کي هندي پڙهڻ ڪانه ٿي اچي ته هوءَ بي يقيني ۽ حيراني سان اسان کي ڏسندي هئي جهڙوڪر چوي پئي واهه توهان کي هندي پڙهڻ ڪيئن نه ايندي؟ مان اڪثر سوچيندي هئس ته نه ڄاڻ ويچاري سان ڪهڙا مسئلا آهن جالنڌر کان آمريڪا ۾ اچي ڦاٿل محسوس ٿيندي هئي.

منهنجي ڏيءَ جي گهر جي هيٺان واري اپارٽمينٽ ۾ هڪ پوڙهو آمريڪي اڪيلو رهندو هو اسان اڪثر گيلري مان ڏسندا هئاسين ته هو گسڪي گسڪي گاڏيءَ مان لهندو ۽ سيڌي سامان کي ڍوئيندو ويندو هو، هو ڪڏهن سياري ۾ شيشي تان برف صاف ڪندي نظر ايندو هو، هن کي ڏسي ڏاڍو رحم ايندو هو ته ويچارو ڪيئن پنهنجي زندگي جو گاڏو هلائيندو هوندو؟ هڪ ڀيرو پوڙهو سيڌي سامان سان لٿو ته منهنجو ناني ڊوڙ پائي ويو ۽ هن جا ٿيلها کڻي هن جي گهر ڇڏي آيو. پوڙهو ڏاڍو حيران ۽ خوش ٿيو ۽ ان بدلي ۾ ان کي ڪجهه ڊالر ڏيڻ چاهيائين جيڪي هن ڪونه ورتا ۽ هو وڌيڪ حيران ٿي ويو. ان پوڙهي کي ڏسي اسان سوچيندا هئاسين ته هن کي ته اولڊ هوم ۾ هئڻ گهرجي جيئن هن



جو ڪائڻ پيئڻ، دوا درمل جو انتظام ٿي وڃي ۽ هو ڪنهن حادثي وغيره کان بچي وڃي.

اولڊ هوم ۾ ماني کائڻ وقت مان ڊائننگ روم ۾ وڃڻ کي ترجيح ڏيندي هئس. هڪ ته ان بهاني ڪمري مان نڪرڻ جو موقعو ملندو هو، ٻيو ڪجهه نوان چهرا به ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هڪ دلچسپ ڳالهه اها ڏسڻ ۾ آئي ته ڊائننگ روم ۾ زياده مرد مردن ساڻ ۽ عورتون عورتن ساڻ ويٺل نظر آيون. پاڪستان ۾ ته ائين اڪثر ڏسڻ ۾ ايندو هو، مگر آمريڪا ۾ به ائين ٿيندو ان جو خيال يا ڏسڻ جو اتفاق ڪونه ٿيو هو. مون سوچيو آخر ائين ڇو ته اهو ئي سمجهه ۾ نه آيو ته ڳالهه مذهبي پابندي يا طرز معاشرت جي نه آهي. دراصل مرد مردن سان گڏ ۽ عورتون عورتن سان گڏ وڌيڪ آرام ده محسوس ٿا ڪن. شايد ان لاءِ جو انهن جي گفتگو جا موضوع هڪ جهڙا هوندا هئا. ان قسم جي حقيقتن جي يونيورسل ٽرٿ ئي چيو ويندو ٻيو ڪجهه نه.

آئون جڏهن به عورتن واري ڊائننگ ٽيبل تي ويهندي هئس ته انهن کي ميڪ اپ، ڪپڙا، وارن جا نمونا، مرحوم مڙسن ۽ پٽ پوٽن، ڏوهٽن جون ڳالهيون ڪندي ٻڌندي هئس ۽ جڏهن ويجهو ويٺل مردن جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون، هو به پنهنجي پسنديده موضوعن کي زير بحث آڻيندا هئا. اڪثر رٽائرمينٽ جا فنڊ، ٽيڪس، فشنگ ڪيمپنگ ٽرپ، ماضي جا ڪارناما ۽ موجوده سياسي صورتحال تي به ڳالهيون ٿينديون ٻڌبيون هيون. مطلب اهو ائي ٿيو ته واقعي مردن ۽ عورتن جي پسند ۽ دلچسپيون جدا جدا هونديون آهن. وڌيڪ وقت مان ماٺ ڪري ٻنهي طرفن جون ڳالهيون ٻڌندي رهندي هئس، پاڻ ڪجهه ڪونه ڪڇندي هئس. شايد ان لاءِ جو مان پاڻ کي ٻاهر جي تصور ڪندي هئس. آخر هو گورا ڪارا آمريڪي ۽ مان ڪڻڪ رنگي مسلم عورت هئس. هنن ڪڏهن به مون کان منهنجو مذهب يا قوميت ڪونه پڇي هئي، پر مان خود ان معاملي ۾ حساس هئس ته ڪو دل سان مون کي ڪٿي برو نه سمجهي. نائن اليون کان اڳ آمريڪا ۾ مسلم تعصب تمام گهٽ هو، جيڪي گورا ڪونه هئا اهي به وڏي اعتماد سان ۽ ديده دليري سان رهندا ۽ مڪمل حق انجواءِ ڪندا هئا. مگر ٽرمپ جي صدر ٿيڻ کانپوءِ مسلمانن کي ٿورو سنڀالي رهڻو پيو ۽ سنڀالي هلڻو پيو هو. مان ڪونه چاهيندي هئس ته ڪنهن جي نظر ۾ پاڻ لاءِ ڪو نا خوشگوار جذبو يا تاثر پيدا ٿئي، ان لاءِ آئون محتاط هوندي هئس.

آئون وري به اهو چونديس ته آمريڪا دنيا جي ٻين ملڪن کان وڌيڪ سهولتن وارو ملڪ آهي جتي مسلمان به شهريت وٺي ٿا سگهن، ملڪيت خريد ڪري ٿا سگهن، روز روز نئين کان نيون مسجدون تعمير ڪري ٿا سگهن ۽ انساني حقن کي آزادي سان ماڻي سگهن ٿا. حقيقت ته اها آهي جو عام طور آمريڪي ماڻهو ڪنهن کي به تنگ نٿا ڪن ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا آهن. مون کي نائن اليون واقعي جو ٻيو ڏينهن ڪڏهن ڪونه وسرندو ان ڏينهن مان بذريعه ٽرين اڪيلي نيو يارڪ کان پنسلوانيا جو سفر ڪري رهي هئس، پيٽ سان ملڻ لاءِ وڃڻ ضروري هو، ريل تقريبن خالي هئي. آمريڪا جا ماڻهو گهرن ۾ ويٺا ٽي وي اڳيان ويهي نائن اليون جا منظر ڏسي رهيا هئا. هر طرف ويراني هئي ته هڪ شرابي قسم جو گورو جوڙو گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو ۽ اهي اونڌيون سڌيون حرڪتون ڪرڻ لڳا. سڄي ٽرين ۾ ٿلها متارا ۽ قدآور سيڪيورٽي گارڊ هتان کان هتي تيزيءَ سان هلندا رهيا. مون کي لڳو جهڙوڪر سڀني جي نظر مون تي ٽڪيل آهي. آخر آئون به اها ئي ته هئس جنهن جي دهشتگرد ڀائرن هڪ ڏينهن اڳ آمريڪا ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي. بلند و بالا عمارتن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ملڪ جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئا. منهنجو ۽ انهن دهشتگردن جو مذهب هڪ هو، مان به مجرم هئس، وچ ۾ هڪ ٻه پيرا ٽرين جهنگ ۾ اوچتو بيهي رهي ته مون کي بيحد خوف محسوس ٿيو، حالانڪ مون آمريڪي طرز جا ڪپڙا پاتا هئا. پر پوءِ به مان گوري يا ڪاري ته ڪونه هئس مسلمان هئس. مون کي لڳو ته اجهو هي آمريڪن ماڻهو سخت ڪاوڙ ۾ اچي مون مٿان حملو ڪري مون کي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ڇڏيندا. ان وقت آمريڪي ڏاڍا غمزده ڏکويل هئا، ڪجهه به ڪري ٿي سگهيا. مان سارو وقت چوڪس ۽ ڊنل ويٺي رهيس. پوءِ منهنجي اسٽيشن اچي وئي ۽ مان آرام سان لهي آيس ۽ رب جا لک لک شڪرانه ادا ڪيا جو مان محفوظ رهيس.

بهرحال اهو به آمريڪا جو احسان هو جنهن مون کي مڪمل تحفظ ڏنو ۽ ڪنهن به مون کي ڪجهه نه چيو. ان ڏينهن مون واقعي دل ۾ سوچيو ته هي قوم تمام اصولي ۽ عظيم آهي، ان لاءِ دنيا تي راڄ پئي ڪري. هڪ ڏينهن حسب معمول مان عورتن جي ميز تي ويٺي ماني کائي رهي هئس ته منهنجي نظر مردن جي ميز تي ويٺل هڪ شخص تي پئي، هتي ڪو نئون مريض ويٺل هو، هي ڊگهو ويڪرو ڀورو ڇٽو آمريڪن هو جو ڳالهه ڳالهه تي ٺهڪ ڏيئي رهيو هو. عمر پنجونجاهه جي ويجهو لڳس ٿي هو به مون وانگر غالبن Rehab جي لاءِ هتي داخل ٿيو هو. ڇو جو هو ڪنهن به طرح سان اولڊ هوم ۾ رهڻ وارو پوڙهو ڪونه ٿي لڳو. هو وڏي آواز ۾ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو. ڪجهه الفاظ منهنجي ڪنن تائين به پهتا ته مان حيران ٿي ويس. هو ٻڌائي رهيو هو ته هو ويٽنام جي جنگ ۾ بطور فوجي شريڪ رهيو هو. مان هن جي اها ڳالهه ٻڌي ان کي نظر انداز نه ڪري سگهيس ۽ غور سان هن کي ڏٺم. بطور تاريخ جي طالب علم جي آمريڪا جو ٻين ملڪن ۾ گهڙي بلا جواز جنگ ڪرڻ، انهن کي غلام بنائڻ، تباهه ڪرڻ جي عادت ۽ صلاحيت مون کي هميشه حيران ڪندي رهي آهي. مون هن جي ڳالهين کي ٻڌڻ شروع ڪيو، هو گڏ ويٺل ٻين مردن کي ٻڌائي رهيو هو ته هن ويٽنام جي جنگ کانپوءِ ٻين به ڪيترين جنگين ۾ حصو ورتو آهي. هاڻ War Veteran ٿي رٽائرڊ

زندگي گذاري رهيو آهي. منهنجي اندر جي ڪهاڻيڪار مون کي ٺونٺ هڻي چيو تہ هن وٽ تہ گهڻيون انوکيون ۽ قيمتي ڪهاڻيون هونديون هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرجي. بس تڏهن کان مان هن سان ڳالهائڻ جي موقعي جي تلاش ۾ هئس. هڪ ڏينهن معمول مطابق مان اڪيلي وراندي ۾ پسار ڪري رهي هئس تہ هو مون کي ڏسڻ ۾ آيو. هو ٿورو منڊڪائي هلي رهيو هو. جهڙوڪر تڪليف ۾ هجي، پر هن جي چهري تي تازگي برقرار هئي. مان هن جي ويجهو ويس ۽ Hi ڪري مخاطب ٿيس. هو بہ Hi چئي مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. "ڪيئن آهيو؟ ٽنگ کي ڇا ٿيو آهي؟" مون ڳالهائڻ جو بهانو ڪيو. "دراصل ذيابيطس جي ڪري بيمار آهيان. منهنجي پير جي هڪ آڱر خراب ٿي وئي آهي، سور ٿئي ٿو. شايد ڪٽڻي پئي. منهنجو نالو بروس آهي" هن دوستانہ نداز ۾ هٿ اڳتي وڌائي چيو. مون هٿ ڏيئي مسڪرائيندي ڳالهہ اڳتي وڌائي. "هيلو بروس منهنجو نالو نيلم آهي آئون گوڏي جي آپريشن ڪانپوءِ فزيو ٿراپي ڪرائڻ لاءِ هتي آهيان. مون جواب ڏنو." تون انديا مان آهين؟ "هن مون کان اهو ئي سوال ڪيو جيڪو سڀ شروع شروع ۾ ڪندا آهن. نہ پاڪستان جي آهيان." مون هٻڪندي چيو. ڊپ هو تہ گورو آمريڪن اهو ٻڌي ڪنڌ موڙي هليو نہ وڃي. مگر ان جي برعڪس هو تہ ڇڻ ٽڙي پيو؟ "پاڪستاني؟ مون کي پاڪستاني تمام سٺا لڳندا آهن." هن مشڪندي چيو. مون بي يقيني سان چيو. "اهو ڀلا ڪيئن؟"

"چو تہ منهنجي هڪ ننهن پاڪستاني آهي ۽ هوءَ تمام سٺي آهي، منهنجو تمام گهڻو خيال رکندي آهي. ان جا ٻار بہ ڏاڍا تميزدار آهن." هن اهو چئي مون کي حيران تہ ڪيو، مگر منهنجي تجسس کي مزيد وڌائي ڇڏيو. "اڇا؟" پاڪستاني ننهن؟ مان حيرت زده هئس. مون چيو مون ان ڏينهن توهان جون ڳالهيون ٻڌيون هيون، توهان ويٽنام جي جنگ ۾ سپاهي بڻجي ويا هئا، ان باري ۾ ڪجهہ ڄاڻڻ چاهيان ٿي. مان دل جي ڳالهہ زبان تي ڪٽي آيس. "اڇا؟" حيرت آهي تہ توهان کي ان قسم جي موضوع سان دلچسپي آهي، مون کي توهان هڪ ذهين عورت ٿيون لڳو." هن اوچتو اهو چيو تہ مون کلي ڏنو. دل ۾ سوچيو تہ يقينن هي مون کي ٽين دنيا جي ڪنهن پوئتي پيل ملڪ جي اڻ پڙهيل، جاهل مسلم عورت ئي سمجهندو. ان وقت هن کي منهنجو سوال عجيب لڳو ۽ حيراني ٿي. هو پير ۾ پيل صوفا تي ويٺو ۽ چوڻ لڳو. "جنگ جي باري ۾ تہ مون کان ڪير بہ ڪونہ ٿو پڇي ڪير پڇندو، War Veterans کي." هن جي اکين مان اداسي ڇلڪڻ لڳي. ڪجهہ دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ هن پنهنجي زندگيءَ جي پٽاري منهنجي اڳيان کولڻ شروع ڪئي تہ ان مان عجيب عجيب ڪهاڻيون نڪرنديون منهنجي چوڌاري وکرڻ لڳيون. آئون ڌيان سان هڪ من ٿي هن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳس. "مان سٺ جي ڏهاڪي ۾ ڀرپور جوان هئس. هاءِ اسڪول ۾ منهنجو سنجيده رومان منهنجي ڪلاس ميٽ سيلي سان هو. اسان ٻئي هاءِ اسڪول ۾ سوئيٽ برڊز مشهور هئاسين.

فوٽو گرافي جو شوق هو، سو مون ڪاليج ۾ فوٽو گرافر بڻجڻ وارو ڪورس ڪنيو زندگي ڪيڏي حسين هئي. اوچتو هڪ ڏينهن سيلي مون کي ٻڌايو تہ هوءَ ماءُ بڻجڻ واري آهي، اهو ٻڌي اسان ٻئي خوش ٿياسين ۽ فوري طور تي شاديءَ جو فيصلو ڪيو جيئن پنهنجي ٻار کي هڪ مضبوط ۽ خوشگوار زندگي ڏيئي سگهون. ان لاءِ هڪ محبت وارو گهر هجي جتي هو پوري اعتماد سان پلجي وڌو ٿئي. پوءِ اسان جو فرزند ايلن دنيا ۾ آيو. اسان خوشين سان جهومڻ لڳاسين، بيحد سٺا ڏينهن هئا. هاڻ مون کي هڪ پڪي سٺي آمدني واري نوڪري جي ضرورت هئي. اتفاق سان منهنجي ڊرافٽنگ ٿي وئي ۽ مون کي ويٽنام جي جنگ ۾ بطور فوٽو گرافر ڀرتي ڪيو ويو. ڊرافٽنگ سمجهو ٿا." هن مون کان سوال ڪيو. "ها مون کي خبر آهي ڊرافٽنگ ڇا آهي. ستر جي ڏهاڪي ۾ باڪسر محمد علي ۽ ايلوس پريسلي ٻئي ڊرافٽ ٿيا هئا. ايلوس تہ جنگ تي هليو ويو، پر محمد علي احتجاج ڪيو هو تہ مان هن بي تڪي بي وجهہ پرائي جنگ ۾ وڃڻ کان انڪار ٿو ڪريان." مون بروس کي ٻڌايو تہ هو حيران ٿي ويو. "تون تہ گهڻو ڪجهہ ڄاڻين ٿي، آمريڪي نظام ۽ تاريخ جي باري ۾ "Wow" هو متاثر نظر اچڻ لڳو. "پوءِ ڇا ٿيو؟" مون سوال ڪيو. "پوءِ ويٽنام وڃڻ جون تياريون شروع ٿيون. جدائي جي خوف سان اسان ٻئي خزان جي سڪل پن وانگر ڏڪي رهيا هئاسين اسان بار بار ڀاڪر ۾ ويڙهبا ڇهٽندا چمندا رهياسين ۽ پوءِ پنهنجي پٽ ايلن کي چمندا رهياسين. اسان روزانو هڪٻئي کي خط لکڻ جا واعدا ڪيا. سيلي گهر جي فرنٽ يارڊ ۾ لڳل Oak Tree وڻ جي ٿڙ ۾ پيلي ربن ٻڌي. توکي تہ يقينن خبر هوندي تہ پيلي ربن ٻڌڻ جو ڇا مطلب آهي؟" هن مون کان سوال ڪيو مون ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. "مان ڄاڻان ٿي، پيلي ربن ٻڌڻ جو ڇا مطلب آهي. گهر واپس اچڻ واري فوجي مڙس يا عاشق کي هي پيغام ڏيڻ آهي تہ گهرواري تنهنجو انتظار پئي ڪري هوءَ اڃان بہ توکي چاهي ٿي ۽ ٻانهون کولي تنهنجو استقبال ڪرڻ لاءِ تيار آهي، تون بنا ڪنهن ڪٽڪي جي گهر هليو اچ." "واهہ ڀائي! تون تہ مڪمل آمريڪن آهين اسان جي ڪلچر جي هر ڳالهہ کان واقف آهين، ها صحيح ٿا چئو. هڪ ڀري جي فوجي گهر واپس اچڻ ڪيڏي نہ خوشي آهي، ان جو اندازو صرف اهو ئي لڳائي سگهي ٿو جيڪو گهر کان ڀري هليو ويو هجي." هڪ تلخ مسڪراهٽ هن جي لبن تي تري آئي. ها تہ پوءِ جنگ جون ڳالهيون ٻڌائي مون هن کان پنهنجي دلچسپي واري ڳالهہ پڇي. "جواني ۾ ماڻهو کي ايڏو شعور ڪٿي هوندو آهي؟ هو هر شيءِ کي هڪ راند سمجهندو هو هوئڻ بہ تون تہ ڄاڻين ٿي، اسان آمريڪن ڪيڏي آسان آرامده زندگيءَ جا عادي آهيون جنگ تي ويس تہ منهنجو تہ دماغ ئي ڦري ويو. هن سنجيدگيءَ سان چيو. مان جنگ جا موت مار منظر ڏسندو مزي سان فوٽو ڪڍندو رهيس. اهو ئي سمجهندو رهيس تہ ويٽنامي ماڻهو ڪيڙا ماڪوڙا آهن، اهي انهن جي لائق آهن تہ اسان جي سفيد Race انهن کي ڇيپاٽي ڇڏي، انهن تي قبضو ڪري ڇڏي، پر جڏهن ايجنٽ اورنج واري ڪيميائي برسات وسائي وئي ۽ مون مقامي ماڻهن کي تيزاب ۾ ڳرندي تڙپندي ٻرندي مرندي ڏٺو تہ منهنجو من گهٻرائجي ويو. مان هڪ سال ڪانپوءِ موڪل وٺي گهر وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳس. پنهنجي پياري پٽ ۽ محبوبہ زال جي لاءِ بي انتها اداس هئس ۽ انهن وٽ اڏامي پهچڻ ٿي چاهيم. منهنجو گهر پيارو گهر، مون کي خوابن ۾ اچي اتساهيندو هو" "تہ تون واپس آئين؟ مون بي چين بڻجي پڇيو ها." سوچيم پنهنجي زال ۽ پٽ کي سرپرائيز ڏيندس تہ هو خوشيءَ مان بي قابو ٿي وڃان. ڪجهہ ڏينهن ۾ مان پنهنجي اباڻي شهر هڪس ول پهتس، شام لهي رهي هئي ۽ مان پنهنجي گهر جي سامهون اچي بيٺس ان کي محبت ۽ حسرت سان ڏسڻ لڳس. گهر جي اندران ايپل پائي بيڪ ٿيڻ جي اتساهيندڙ خوشبو اچڻ لڳي، جنهن کي سُنگهڻ سان بي چين ٿي فورن گهر اندر داخل ٿيس.

سيلي بورچي خاني ۾ ايپرن ٻڌي بيٺل هئي ۽ ايلن ڪنهن رانديڪي سان ڪيڏي رهيو هو. مان فورن سيلي کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇهتي ويس ۽ ان کي بي تحاشا چمڻ شروع ڪيم. هن جي وات مان بس اهو ئي نڪرندو رهيو، او ماءِ گاڊ. او منهنجا خدا هوءَ بہ مون کي هو ڀاڪر ۾ ڀريندي ڇهٽندي رهي. چند لمحن بعد مون نظر ڦيرائي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو تہ مون کي صوفا تي ويٺل هڪ شخص نظر آيو، جيڪو تمام توجهہ سان ٽي وي تي فوٽ بال راند ڏسي رهيو هو. ان کان پهرين جو مان ڪجهہ پڇان يا چوان، هو، هيلو بروس چئي اٿيو ۽ مون سان هٿ ملايو. مان ڪجهہ سمجهڻ جي ڪوشش ئي ڪري رهيو هئس تہ هن چيو مان سيلي جو بواءِ فرينڊ فرينڪ آهيان اسان ٻئي توهان کي پنهنجي تعلق جي باري ۾ ٻڌائڻ وارا هئاسين تہ توهان اچي ويا، هلو سٺو ٿيو. اميد آهي تہ تون ڳالهہ کي سمجهي ويندين. مون سيلي ڏانهن ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ ان ڳالهہ جو اقرار لڪيل نظر آيو. مان ڪيترا لمحا گم سم بيٺل رهيس، پوءِ ايلن کي ڪڇ ۾ کڻي ان کي ڪجهہ لمحہ پيار ڪيو ۽ دروازو کولي ٻاهر نڪري ويس." "اوهہ" منهنجي وات مان ٻيو ڪجهہ نہ نڪتو بروس پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. "ٻاهر وري Oak Tree وڻ جو تہ مون کي خيال ئي نہ رهيو، هتي ڪابہ پيلي ربن هاڻ موجود نہ هئي. بهرحال زندگي تہ اهڙي ئي هوندي آهي، اهو چئي هو مسڪرائڻ لڳو. اڙي ڳالهين ڳالهين ۾ مون کي ياد ئي نہ رهيو تہ منهنجي نرس ڪمري ۾ پهچي وئي هوندي ۽ مون کي ڳولهيندي هوندي." اهو چئي هو اٿيو ۽ ٻرانگون ڀريندو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. هن

جي هلڻ مان هن جي ٽنگ ۽ پير ۾ ٿيندڙ تڪليف صاف واضح ٿي رهي هئي. ان ڪانپوءِ ڪيترن ڏينهن تائين هو مون کي فزيو ٿراپي روم ۾ نظر ايندو هو تہ محض هيلو هاءِ ڪري پاسي مان گذري ويندا هئاسين، ڳالهہ نہ ٿيندي هئي. مان معمول مطابق شام جو ڪاريڊور ۾ واڪ ڪري گذاريندي هئس، پر وقت ڏکيو گذرندو هو، دل چاهيندي هئي جلد از جلد هتان پڇي نڪران. هاڻ تہ هتي منهنجو ساهہ گهٽجندو هو، لڳندو هو ڪنهن مون کي هڪ ويران جزيري ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو ۽ آزادي جي ڪابہ صورت نظر نہ ايندي هئي. چئني طرفن سمنڊ آهي ۽ مون کي ترڻ پار وڃڻ نٿو اچي. ڊائننگ روم ۾ حسب معمول عورتون ۽ مرد گڏ ويهي گپ شپ ڪري وقت پئي گذاريو، اتي مون کي بروس بہ نظر ايندو هو ۽ اسين مسڪرائي هيلو چوندا هئاسين. مون کي بروس کان اجان ڪيئي ڳالهيون پڇڻيون هيون. هڪ ڏينهن هن کي هڪ صوفا تي اڪيلو ويٺل ڏسي وري وڃي هن جي پر ۾ ويٺس ۽ هن جو حال چال پڇيم. ”توهان جي پير جي آڱر هاڻ ڪيئن آهي؟“ مون هن کان پڇيو. ”لڳي ٿو آڱر ڪٽڻي پوندي، ڊاڪٽرن اهو ئي ٻڌايو آهي، دراصل مان شگر ذيابيطس جي پرهيز وغيره نٿو ڪريان، هر شيءِ کايو پيو وڃان. هن ڏند ڪڍي منهنجي سامهون اعـتـراف جرم ڪيو.“ سامهون پيل ڪيڪ جو پيس ڪٽي وات ۾ وجهي ڇڏيو. ”توکي ڪير سمجهائڻ وارو ڪونهي؟ منهنجو مطلب آهي تنهنجي زال؟ وري شادي ڪئي؟“ مون هن کي کوليو. ”ها ٻي شادي مون لنڊا سان ڪئي. اسان ٻئي هڪ فشنگ ڪيمپنگ ٽرپ تي ملياسين، ملڻ جي ڪجهہ وقت بعد اسان هڪٻئي جي ويجهو اچي وياسين ۽ پوءِ اسان شادي ڪئي. ڏاڍي سٺي زال هئي لنڊا.“ ”واقعي اهو ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ هلو تنهنجو گهر وري آباد ٿي ويو.“ مون مسڪرائيندي چيو. ”ها اسان بہ بيحد خوش هئاسين. هن جا پهرين ٻہ ٻار هئا ۽ پوءِ ٻہ ٻار اسان جا بہ ٿيا. زندگي ڏاڍي سٺي گذري رهي هئي.“ هن پنهنجي داستان حيات جاري رکي ”تہ پوءِ هاڻ لنڊا ڪٿي آهي؟ ملڻ ايندي آهي؟“ مان پنهنجو تجسس لڪائي نہ سگهيس ۽ فورن پڇي ورتو. ”هاڻ اسين گڏ ڪونہ آهيون، هن جواب ڏيئي منهنجو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. ”ڇو؟ ڇا ٿيو؟“



مون فڪرمندي سان پڇيو. ”چند سالن بعد مون کي ڪوريا جي جنگ ۾ وڃڻو پيو، اوڏانهن ٻن سالن جي پوسٽنگ ٿي. هن پيري بہ واپسي تہ حالات بدلجي چڪا هئا، لنڊا جي زندگيءَ ۾ ڪو ٻيو اچي چڪو هو. واپس آيس تہ هن طلاق جي خواهش ڪئي مان صورتحال کي سمجهيو، ظاهر آهي هوءَ ايترو عرصو تہ اڪيلي نٿي رهي سگهي. هن جي زندگي ۾ ڪنهن کي تہ اچڻو هو. بس پوءِ اسان پنهنجا رستا جدا ڪري ڇڏيا.“

”پر تون ٻڌائي توکي هڪ وساري ڇڏيل سپاهي جي ڪهاڻي سان ايـــڏي دلچسپي ڇو آهي؟“ بروس سوالن جو رخ منهنجي طرف موڙي ڇڏيو. بس آهي دراصل مان ڪهاڻيون لکندي آهيان نہ، تہ مون کي دنيا جي سياست جنگين ۽ انسانن جي زندگين تي ان جي اثراتن جون ڪهاڻيون بيحد دلچسپ ۽ پرڪشش لڳنديون آهن. آمريڪا ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن ۾ وقت گذرندو آهي تہ مون کي دنيا جي حالتن کان با خبر رهڻ سٺو ٿو لڳي.“ مون هن کي توجيهہ پيش ڪئي تہ هو مطمئن ٿي ويو ”تہ هاڻ تنهنجي فيملي آهي؟“ مون ڪهاڻي جو سرو وري ملائڻ شروع ڪيو. ”مون وري بہ قسمت آزمائي ڪئي ۽ ٽينا سان ٽين شادي ڪئي. تمام سٺي عورت هئي ٽينا. بس هڪڙو ئي مسئلو هو هن کي ڊرگس نشي جي عادت هئي. مون هن جو نشو ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. هن کي Rehab داخل ڪرايو، هن جا ٻار بہ سنڀاليا. مزي جي ڳالهہ ٻڌايان پنهنجي ٽنهي زالن جي اڳين پوين ۽ اسان جا پنهنجا ٻار ملائي اسان ٻنهي تقريبن ويهہ ٻارن جي پرورش ڪئي. اسان جي گهرن ۾ تقريبن هر نسل، هر رنگ، هر قوميت جا ٻار ايندا ويندا رهندا هئا. اسان کي اهو سڀ ڏاڍو سٺو لڳندو هو. گهر تہ آخر گهر ئي هوندو آهي نہ؟ هوم سوئيٽ هوم، هر ٻار جو حق هوندو آهي.“ مون نوٽ ڪيو تہ بروس جو ڪنهن بہ ڳالهہ جي باري ۾ رويو منفي نہ هو اها هن جي هڪ قابل تعريف ۽ قابل قدر ڳالهہ هئي، جيڪا منهنجي من کي ڏاڍي سٺي لڳي، انسان کي هر حالت ۾ مثبت ئي هئڻ گهرجي، بروس چيو.“ اهڙي طرح منهنجي هڪ پٽ پاڪستاني ڇوڪري پسند ڪئي، انهن جي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ اسان جي فيمليءَ جو حصو بڻجي وئي، ڏاڍي سٺي آهي ويري ڪيئرنگ ”بروس جي ڳالهہ ٻڌي مون کي وري خوشي ۽ ڪي قدر احساس فخر ٿيو اسان جي پاڪستاني نياڻيءَ آمريڪن فيملي جي سٺي طرح سنڀال ڪئي.

هاڻ ٽينا ڪٿي آهي؟ تنهنجي زال؟ مري وئي، بروس آرام سان جواب ڏنو. مگر منهنجون اکيون تہ ڦاٽي ويون، ”مري وئي؟ ڪيئن؟“ مان حيرت مان پڇيو ”وري بہ جنگ وچ ۾ اچي وئي. ڪنهن کي احساس بہ ناهي تہ هي جنگيون ڪيئن اسان جون خوشيون ڪسي اسان جي زندگين کي اٿل پٿل ڪري ڇڏيون ڇڏين. نائن اليون ڪانپوءِ مون کي فوج افغانستان موڪلي ڇڏيائون، اها هڪ عجيب و غريب جنگ هئي، گرم واريءَ جي طوفانن ۾ گهيرجي مان ڪجهہ عرصي لاءِ لاپتا ٿي ويس وڃائجي ويس هن بي تڪي ۽ ظالم جنگ مون کان پنهنجي سڃاڻپ، منهنجا احساس ۽ منهنجو ذهن سڀ ڪجهہ کسي ورتو. منهنجا حواس گم ٿي ويا ۽ مون کي هن ذهني طور تي ايڏو ڊسٽرب ڪيو جو مان گهر پياري گهر پنهنجي ملڪ آمريڪا موٽڻ جي اميد ئي وڃائي ويٺس.“

”پهاڙن ۽ غارن ۾ لڪندي ڇپندي وڙهندي وقت گذرندو ويو. ٽينا منهنجي گمشدگي کان پريشان ٿي وئي ڊپريشن جو شڪار ٿي وئي، هوءَ هيروئن جي نشي تي وري هري وئي ۽ هڪ ڏينهن اوور ڊوز ڪري ختم ٿي وئي.“ اجان اسان ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ عورت ۽ هڪ ڇوڪرو بروس کي ڳوليندا هتي اچي ويا، هو خوشيءَ سان ٿڙي پيو ۽ مون کي ٻڌائڻ لڳو تہ هيءَ منهنجي ڌيءُ ۽ ان جو پٽ آهي مون سان ملڻ آيا آهن، هاڻ مان هلان ٿو.

"Hi" ڪري هو منڊڪائيندو انهن سان گڏ ڪمري ۾ هليو ويو. مان ٿڪجي پئي هئس، اٿي پنهنجي ڪمري ۾ اچي صوفا تي ويٺيس، سوچيم وقت گذارڻ لاءِ ڪمپيوٽر تي ڪجهه پراڻن وڊيو گانن کي ڏسان، طبيعت وندري ويندي. ڪيترائي گانا ٻڌا ته اوچتو هڪ گانو يوٽيوب مان نڪري منهنجي سامهون آيو. جهڙوڪر مالا مان ڪو مڻڪو نڪري ٻاهر اچي ڪريو. اهو انڊيو گانو ڪنهن پراڻي بليڪ اينڊ وائٽ فلم جو هو جنهن جا ٻول به ڏاڍا ڏک ڀريل هئا.

**هو ڪي مجبور مجهي اس ني بلايا هوگا**
**زهر چپڪي سان جان ڪي کايا هوگا**

سين ڪجهه هيئن هو:
هند جا ڪجهه فوجي جوان غالبن ڪنهن محاذ تي ڪنهن ويران جاءِ تي قيد آهن آسپاس ويران بنجر جبل ۽ اداسيون آهن. هٿن ۾ بندوقون مگر اکين ۾ حسرت ۽ جدائين جا سايا رقص ڪري رهيا هئا. اوچتو هڪ فوجي اهو ئي گانو شروع ڪريو ڇڏي ۽ آهستي آهستي هڪ ڪانپوءِ ٻيو. سڀ ان سان گڏ اهو گانو ڳائڻ شروع ٿي ويا. شاعري ايتري خوبصورت ۽ اثر انگيز هئي جو منهنجي دل درد سان ڀرجي آئي. فوجي جوان سپاهي جڏهن پنهنجن گهرن، زالن ۽ محبوبائن ۽ پيارن کان وڇڙي اڪيلا ٿيو وڃن، تڏهن انهن تي جذبات ڇا هوندا آهن؟ ڪهڙا ڪهڙا درد انهن جي روح ۾ سمائجيو وڃن، هي نغمو انهيءَ ڪرب جي عڪاسي ٿو ڪري. پراڻي فلمن جي شاعري لازوال هوندي آهي، جنهن کي اڄ به ادب عاليه ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن گيت جو هڪ هڪ شعر، موتين ۾ تورڻ لائق آهي. مان ته ٻڌي جهومندي رهيس. فوجي جي دل جي رڙ ڪجهه انهيءَ طرح اڀرندي آهي.

**بند ڪمري مين جو خط ميري جلائي هونگي،**
**ايڪ ايڪ حرف جبين پر ابر آيا هوگا**
**ميز سي جب ميري تصوير هٽائي هوگي،**
**هر طرف مجهه ڪو تڙپتا هوا پايا هوگا**
**نام پر جب ميري آنسو نڪل آئين هونگي،**
**سر نه ڪانڌي سي سهيلي ڪي اٺايا هوگا**

سچ ته اهو آهي ته دنيا جو ڪوبه خطو، علائقو، معاشرو هجي، محبت ڪرڻ وارن جي دلين ۾ محبت ۽ وڇڙي ويلن سان ملڻ جي تڙپ، واپس وري وڃڻ جي اميد ڪڏهن به نٿي ختم ٿئي. هر ذي روح، هر جاندار، هر باشعور گهر ئي واپس ورڻ ٿو چاهي. هن خواهش جي باهه جي شعلن کان ڪير به محفوظ نٿو رهي سگهي. گهر هوم سوئيٽ هوم اهڙي جاءِ آهي جتي آسودگي جي ڇت هيٺان محبتن ۽ مسرتن جي مهڪ هوندي آهي، گرم گرم ڪاڌا رڌبا آهن، پيٽ ڀرجندو آهي ته روح به شانت رهندو آهي، چاهت جي خمار ۾ پر سڪون ننڊ ايندي آهي ته مٺا مٺا خواب به ڪتڪتايون ڪندا آهن. توقع ۽ اميدن جي چمڪ زندگي کي روشن ڪري ٿي ڇڏي. اڪيلي ماڻهوءَ لاءِ تنهائي جي دوزخ پار ڪرڻ هڪ ڏکيو مرحلو هوندو آهي.

هندستاني سپاهين جي تنهائين ۽ محبتن جي ڦرجي وڃڻ واري آزار جي جذبن تي فلمايل اهو گانو هڪ ڪلاسڪ جي حيثيت ٿو رکي. انهن کي احساس ٿو ٿئي ته هنن جون محبوبائون سندن ڏکهي جدائي ۾ ڪهڙي ڪهڙي ڪيفيتن مان گذرنديون هونديون، هنن کي ڪيتري مجبوري سان انهن جي يادن کي ذهن مان ڪروڙي ڪيڏو پوندو هوندو، ڪيترو نه تڙپنديون هونديون. مون اهو به سوچيو اهڙو فرق ڇو آهي؟ ڇا هند و پاڪ جي عورت مغربي عورت کان مختلف آهي؟ بر صغير پاڪ و هند جي عورت جو مرد جڏهن جنگ تي وڃي ٿو ته هوءَ بيوسي محسوس ڪري ٿي ۽ لڪي لڪي ڳوڙها ڳاڙهڻ کي هي تقدير سمجهي ٿي. وڇوڙي جي باهه ان ڪاٺي مثل بدن کي ساڙيو ڪوئلو ڪريو ڇڏي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هوءَ ڦلهيار بڻجيو وڃي. ڇا هن جي تن ۽ من ۾ جيئري جاڳندي خواهشون ۽ آرزوئون نٿيون پلجن؟ سچ آهي ستي ٿي وڃڻ جي ظالمانه رسمون ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۽ صورت ۾ زنده ئي رهنديون آهن مرن نٿيون. مشرقي عورت اڪيلي ٿيو پوي هن جو مرد هن کان پري هليو وڃي يا گم ٿي وڃي ته هن جي لاءِ وري نئين زندگي جا سڀ دروازا بند سمجهيا ويندا آهن. اهو ئي تصور ڪيو ويندو آهي ته هاڻ هن جون تمام ضرورتون ۽ خواهشون ختم ٿي ويون آهن هن کي عظيم ۽ مهان چئي هن جي ڳچيءَ ۾ عزت و وقار جي گلن جي مالا پوئي دهل وڄائي خوش ٿيندا آهن. معاشري ۽ ٻارن جي ڪري انهن جي خواهشن جو گلو دٻائي، انهن جي قربانين جا مثال پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هوءَ جيئري جاڳندي عورت مان هڪ پٿر جي مورت بڻجي وڃي ٿي. ان جي برعڪس مغربي معاشري جي عورت پنهنجي انسان هجڻ جو حق استعمال ٿي ڪري پنهنجي لاءِ نيون خوشيون تلاش ڪرڻ پنهنجو جائز حق سمجهي ٿي. هن جو پري ويندڙ مڙس جڏهن گهر واپس اچي ٿو ته اڪثر ان جي زال همسفر بدلائي چڪي هوندي آهي. ڇو ته ان کان انتظار ۽ اڪيلائين جو ڪشٽ ڪاٽڻ مشڪل ٿيو وڃي هڪ سبب هي به آهي ته مغربي معاشري ۾ مرد عورت جو آزادانه ميل جول جي ڪري نئون ساٿي ڳولڻ ايڏو مشڪل به ڪونه هوندو آهي، پوءِ هوءَ سوچي ٿي ته ڇا جي لاءِ لذت محبت کان پري رهان؟ پري ويندڙ جي واپس اچڻ جي وقت جي ڪابه خبر نه هوندي آهي ۽ صرف خوابن جي سهاري زنده رهي نٿو سگهجي. اها به حقيقت آهي ته زندگي موجوده لمحي سان عبارت آهي ۽ ڪنهن جي انتظار ۾ گهٽجي گهٽجي مرڻ يا مٽيءَ جو بت بڻجي جيئڻ آسان ته ڪونهي؟ ڪير نٿو چاهي ته هن جي مرده تن و روح ۾ زندگي ۾ محبت جي روح ڦوڪجڻ جو عمل جاري ته رهي؟ هن خوبصورت تجربي جي سرشاري جي لذت کان ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو؟ ان جو مطلب ته اهو ٿيو ته وفا جي روايت انساني حياتيون، خواهشات ۽ ضروريات جي پورائي تشفي به تهذيب و تمدن جي قانون جي تابع هوندي آهي. ڪيترا پيرا انسان ۽ خاص طور اسان جي معاشري جي عورتن کي خلاف فطرت، طرز زندگي اختيار ڪرڻي ٿي پوي، آهي اهو عذاب برداشت ته ڪن ٿيون، پر انهيءَ سان سندن پنهنجي ذات جي تڪميل جو ڪم ته اڌورو رهجيو وڃي. گهٽ ٿيندي ٿيندي صديون لڳي وينديون. انسان ته حسيات جو مرقعو هوندو آهي. عورت انسان آهي، ڦلهيار ٿيڻ جو هنر ڄاڻي ٿي. مگر ڇا ڦلهيار ۾ چٽنگ لڪل ڪونه هوندي آهي؟ مشرقي معاشرو ۽ تهذيبون اڪيلي عورت کي رک جي ڍير سمجهي فراموش ڪريو ڇڏين. مگر عورت ته سرشار جذبن جو ٻرندڙ روشن ديپ آهي. هن جا ڪن پيار جا رسيلا ٻول ٻڌڻ لاءِ ۽ دل پيار جا خزانه پنهنجي اندر لڪائي ڇڏڻ لاءِ هميشه تيار هوندي آهي، اها ئي هن جي فطرت ۽ جبلت جي تقاضا آهي.

منهنجي فزيو ٿراپي جا سيشن مڪمل ٿي رهيا آهن. هاڻي مان به گهر واپس وڃڻ جا خواب ڏسڻ ۽ ڏينهن ڳڻڻ ۾ لڳي پئي آهيان. بروس ڪيترا ڏينهن مون کي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو هو. مون سمجهيو شايد هن کي موڪل ملي وئي ۽ هو گهر هليو ويو هجي هڪ ڏينهن اوچتو مون هن کي منڊڪائيندي ڪاريڊور مان گذرندي ڏٺو. هيلو بروس مان هن جي ويجهو هلي ويس، "ڪيئن آهيو؟" "اوه هيلو پاڪستاني، تون ٻڌائي ڪڏهن پئي گهر وڃين؟" هن الٽو مون کان سوال ڪيو، "مان جلدي هلي وينديس،" مون هن کي جلدي ۾ جواب ڏيندي پڇيو، "ڪيترن ڏينهن کان توهان ڏسڻ ۾ ڪونه آيا؟" "پير جي آڱر جي سرجري ٿي هئي نه ته ان جي ڪري نظر ڪونه آيس." "اڇا، مون کي ٻڌي افسوس ٿيو،" مون چيو، "ها ليڪن هاڻ مان ٺيڪ پيو محسوس ڪريان ۽ خوشيءَ جي خبر ته اها آهي جو اڄ مان گهر پيو وڃان، هوم سوئيٽ هوم، گهر پيارو گهر." هن پنهنجي ٻتيهي جي نمائش ڪندي خوشيءَ سان چيو. "اڇا مبارڪ هجي، هيءَ ته واقعي خوشيءَ جي ڳالهه آهي،" مون ڪلندي چيو. "بس هاڻ ٿوري دير ۾ منهنجي پيٽ ۽ ان جو پٽ ايندا ۽ مون کي منهنجي گهر ڇڏيندا، مان ته ڏاڍو بيچين آهيان پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ." هن جذباتي ٿيندي چيو. "گهر ۾ ڪير هوندو توهان سان گڏ؟ منهنجو مطلب آهي؟" مون ڳالهه اڌوري ڇڏي ڏني. "ها ها هوءَ منهنجو انتظار ڪري رهي هوندي،" هن مسڪرائيندي چيو. "اڇا ڪير؟" مان بروس جي خوشي ڏسي خوش ٿي ويس. "منهنجي ٻلي ڏاڍي اداس ٿيو وڃي مون کانسواءِ، سچي،" بروس جي لهجي ۾ دنيا جو پيار لهي آيو هو. "اوڪي باءِ، توسان ملي سٺو لڳو." هو هٿ لوڏيندو آهستي آهستي قدم کڻندو ڪاريڊور مان دور ويندي نظر آيو ۽ ڪجهه دير بعد منهنجي اکين کان غائب ٿي ويو.

❊❊❊

# ديوتا



ڊاڪٽر پروين
موسيٰ ميمڻ

يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندي، ڪيترائي دفعا هن جي ملاقات ڪاشف سان ٿي هو سندس ئي ڊپارٽمينٽ ۾ آيو هو. صبا هاسٽل ۾ رهندي هئي جتي ڇوڪريون يونيورسٽي مان اچي روز مره جي روئيداد بيان ڪنديون هيون، خاص ذڪر تہ ڪيترن ڇوڪرن بابت هوندو هو مختلف افيئرز تي بحث ڪنديون هيون، ڪلنديون ۽ ڪلائينديون هيون. هوءَ پاڻ تہ ڪنهن بابت ڪجهہ بہ ڪونہ پڇندي هئي، پر ڪيس سڀني بابت معلومات خود بخود ملي ويندي هئي. صبا سڀ ڳالهيون ساهيڙي فهميده کي ضرور ٻڌائيندي هئي. ڪاشف خوبصورت، قدآور، ڪجهہ بُت ۾ ڀريل، نيرين اکين وارو ڪلمڪ، خوش مزاج نت نوان ڪپڙا پائي ٽويوٽا ڪرولا ۾ ايندڙ شاگرد سندس ئي ڊپارٽمينٽ جو هو جنهن جي نئين ماڊل جي ڪار ۽ اٿي ويٺي گهٽن کي ڳهائي ڇڏيو هو. تيئن خود کي "راجا اندر" سمجهي ڇوڪرين کي پاڻ ڏي متوجهہ ڏسي، دوستن ۾ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي ڪڇريون ڪندي آڏين اکين سان پيو اوسي پاسي نهاريندو هو تہ جيئن ڪيس خبر پوي تہ ڪير ڏانهس متوجهہ آهي. سندس بي فڪريءَ وارا ٺهڪ هن جي خوش باش حياتيءَ جو تصور هر ڪنهن جي ذهن ۾ اوس آڻيندا هئا. لڳندو هو تہ ڪيس حياتي ۾ ڪابہ چنتا ڪونهي، پر وڏي ڳالهہ تہ پڙهائي جو فڪر بہ ڪونهي. انهيءَ ڪري سندس دوستي وسيع ٿيندي وئي. ڪارائڻ پيارڻ ۾ دل ڪشادي ۽ يارن جو يار هو. منجهس هڪ وڏي برائي هئي جيڪڏهن ڪابہ ڇوڪري سندس معاملي بہ ٿوري بہ سنجيده ٿيندي هئي تہ هو ساڻس دوستي ٽوڙي ڇڏيندو هو.

هاڻي هڪڙي تہ ڇوڪري ٻيو وري نازڪ دل بہ هڪ هرجائي دلبر کي ڏيئي ويٺي جو ڪاميابيءَ سان ڪيس پنهنجي سحر ۾ گرفتار ڪري، پاسو ڪري، دل ٽوڙي ۽ منهن موڙي وڃي تہ ڏوهہ ڪنهن جو؟ هرڪو چوندو انهيءَ ڇوڪريءَ جو جنهن بيوقوف هڪڙي چلولي کي دل ڏني هاڻي پئي روئي ۽ بيمار ٿئي. حقيقت ۾ ڏوهہ انهيءَ ڇوڪريءَ جو بہ ڪونہ هو. ڪاشف جي شخصيت ۾ ئي ايتري ظاهري چڪ هئي جو جيڪا ڪيس هڪ دفعو ڏسندي هئي، بي قابو ٿي ويندي هئي. مٿان ڪيس وري ٻئي کي رام ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ جو ڪو اهڙو ڏانءُ هو جو ساهيڙيون پليندیون هيون، پر اها ڇوڪري وڃي قابو ٿيندي هئي. ان ريت هن ٿي چار ڇوڪريون تہ بيوقوف بڻايون جن ڪيس بد دعائون بہ ڏنيون تہ "خدا ڪري تون ڪڏهن بہ خوش نہ رهين" وري هرهڪ کي ڪلي چوندو هو تہ مون ڪو واعدو ٿورئي ڪيو هو. مون ۾ پوءِ اميد ڇو رکيائين آئون تہ ڪيس فقط هڪ دوست



سمجھندو آھيان.

فھميده ھڪڙي وچولي طبقي جي گھر جي معمولي شڪل صورت جي ڇوڪري سندس ڪلاس فيلو ھڪ ڀيري دفعا سخت گرميءَ ۾ پوائنٽ جي انتظار ۾ بيٺي ھئي تہ ڪاشف کيس گھر تائين پھچائڻ جي صلاح ڪئي ۽ ايئن ھوءَ ٻہ دفعا سندس گاڏيءَ ۾ مجبوريءَ ۾ ويٺي ۽ گھر جي ويجھو بس اسٽاپ تي لھي وئي. گھر تائين جي ننڍين سوڙھين گلين ۾ ھن جي وڏي ڪار جو وڃڻ ڪيس ممڪن ڪونہ لڳو ھو ۽ نہ چاھيان ٿي ٿي تہ ھو ڪو سندس گھر بہ ڏسي. ڪاشف سان ڳالھين ۾ کيس گھڻو مزو آيو ۽ دل ئي دل ۾ ان کي دل جي ”ديوتا“ جو درجو ڏيئي ڇڏيائين. جڻ دل ئي دل ۾ سندس عبادت ڪندي ھجي. کيس ماڻھن جون ڳالھيون ڪوڙيون لڳيون ھوءَ سوچڻ لڳي تہ ھي تہ اھڙو ٿي نٿو سگھي يقينن انھن ڇوڪرين جو ئي قصور ھوندو. ڪاشف تہ ھڪ بي ضرر ۽ قربائتو شخص آھي. ان ريت سندن ملاقاتون ٿينديون رھيون. ڪاشف فھميده جي ذھانت ۽ ھوشياريءَ ڪان گھڻو متاثر ٿيڻ لڳو ۽ کيس فھميده جو رک رکاءُ، قد بُت ۽ انداز متاثر ڪرڻ لڳو. ھڪ دفعو ڪاشف کيس ڳالھين ۾ چيو تہ، ”فھمي مون تي عاشق ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ، اھو ھڪڙو ڏکيو گورک ڌنڌو آھي آئون ان جو اھل ئي ڪونہ آھيان انھيءَ ڪري سوچي ڇڏ جي مون سان عشق ڪيئي تہ توکي ڇڏي ڏيندس!!“

ھاڻي ھوءَ کيس ڪيئن ٻڌائي تہ سندس تہ لئون لئون سندس محبت ۾ گرفتار ٿي چڪو آھي ۽ عشق جي باھ کيس ساڙي خاڪ ڪري رھي آھي، پر ٿڌو ساھ ڀري خاموش ٿي وئي. پنھنجي ساھيڙي صبا کي بہ ڪونہ ٻڌايائين.

ھڪ ڏينھن فھميده کيس مذاق ۾ چيو تہ ”ٻڌ! ڪاشف جيڪڏھن آئون بہ يونيورسٽي جي ٻين ڇوڪرين وانگر تنھنجي جادوءَ ۾ اچي وڃان تہ پوءِ“؟ ”ڀھرين وجي ڪنھن سٺي صابڻ سان ٻہ دفعا منھن ڌوئي اچ پنھنجي معمولي شڪل ڏٺي اٿئي، پنھنجي اوقات تي غور ڪر، مون توکي فرينڊ ڪيو آھي ڇا اھو ڪافي ناھي!!“

فھميده جي منھن جا تاثرات برداشت جي حد ڪان نڪرڻ تي ھئا ضبط ڪندي بہ اکين ۾ پاڻي اچي ويس تہ بہ ٿڌڪار سان چيائين، ”ياد رک ايئن بہ ٿي سگھي ٿو ڪو وقت اھڙو اچي جو توکي منھنجي ضرورت پوي ۽ تون مون ڪان ڪجھہ گھرين، آئون توکي ڏيئي نہ سگھان.“

فھميده ھڪ غريب خوددار ڇوڪري جنھن حياتيءَ جا انيڪ لاھا چاڙھا ڏٺا ھئا، مزاج ۾ خاموش طبع، محنتي ۽ ذھين ھئي. ھن ڄاتو تہ اھو ڏوھہ ڪاشف جو تہ ضرور آھي، پر گھڻو ڏوھہ انھن ڇوڪرين جو آھي، جيڪي ھن جي ٻاھرين ڏيک ويک تي قربان ٿيون آھن. ھن جي بي انتھا غرور کيس احساس ڏياريو تہ اھڙي مغرور ماڻھوءَ کي سبق ضرور سيکارڻ گھرجي، پر في الوقت حالتن مطابق سندس وس ۾ ڪجھہ بہ نہ ھو.

يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڪرڻ ڪانپوءِ سڀ ھڪٻئي ڪان جدا ٿي ويا. آخري ڏينھن تي ڪاشف پنھنجي شاديءَ جو ڪارڊ ڪڍي آيو، سڀني کي دعوت ڏنائين. فھميده کي ڪارڊ ڏيندي وڏي فخر سان ٻڌايائين تہ ھڪ وڏي سياستدان جي ڌيءَ سان ھن جي شادي ٿي رھي آھي، کيس بہ شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ جو گھڻو چيائين. ھوءَ ڪارڊ ھٿ ۾ جھلي نہ ڄاڻ ڪيتري دير اڪيلي وڻ ھيٺ بينچ تي ويٺي رھي جڻ سندس ڪا وڏي ملڪيت چورائجي وئي ھجي. نہ شاديءَ ۾ ويئي نہ ئي فون تي کيس مبارڪباد ڏنائين. کيس اھو اندازو ٿي ويو تہ ڪاشف جو نالو سندس دل جي اونھاين ۾ لڪجي ويو آھي. جڏھن تہ ھو سندس انھيءَ پريت ڪان بي خبر ھو ۽ کيس ھڪ پرخلوص دوست سمجھي ھر ڳالھہ ساڻس ڪندو ھو. ھوءَ بہ ڏيان سان ٻڌندي کيس ڪارائتا مشورا ڏيندي ھئي، ھو پڻ سندس صلاحن جو عادي ٿيندو ويو ھو، سندس آفيس ۾ ھليو ويندو ھو. ماسٽر ڪرڻ ڪانپوءِ فھميده شھر جي وچ ۾ ھڪ مشھور ملٽي نيشنل ڪمپني ۾ مناسب پگھار تي ڪم ڪرڻ لڳي.

فھميده ڏينھون ڏينھن ايمانداري ۽ محنت سان ڪم ڪندي ترقي ڪندي وئي. سندس پگھار بہ سٺو ٿيندو ويو تہ آفيس طرفان گاڏيءَ بہ مليس. ماءُ ۽ پيءُ کيس ايندڙ رشتن بابت قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا، پر ھن ڀھرين ننڍين ڀينرن جي شادي ڪرائي. سٺي نوڪري عزت سندس شخصيت ۾ بہ ھڪ خوبصورتي آڻي ڇڏي ھاڻي ھوءَ غريب ”فھمي“ نہ پر ”ميڊم فھميده“ سڏي ويندي ھئي.

ڀينرن جي شاديءَ ڪانپوءِ بہ جڏھن ھن ٻيھر ھڪ سٺي سڱ تي جواب ڏنو تہ سندس ڀينرن ۽ والدين ڪافي پريشاني ظاھر ڪئي، پر ڪين کھڙي خبر تہ ھن ويچاريءَ جي دل تي ڇا ٿو وھي ڇا ٿو واپري. ھوءَ تہ ڪاشف جي وڃڻ ڪانپوءِ معطر ٿيل ڪمري جي فضا کي پئي سونگھي آسيس وٺندي ھئي، پر مضبوط ايتري جو ڪنھن کي بہ پنھنجي چرئي عشق جي ڪل بہ نہ پوڻ ڏنائين. ڪاشف پنھنجي شاديءَ جي شروع وارن ڏينھن ۾ ايترو تہ مشغول ھو جو ھن کي ڪڏھن فون بہ نہ ڪيائين، پر آھستي آھستي نئين شادي جو خمار لٿس تہ واپس دوستن، مٽن مائٽن سان ملاقاتون ڪرڻ ۽ ڌنڌي تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. بزنس تہ پٽس جو سندس لاءِ سيٽ ڪيل ھو. وري جوٽس جي پيءُ بہ ھٿ ونڊايو ھڪ ڪارن جو شوروم وڏيڪ کولي ڏنائين، ھاڻي تہ پئسو ئي پئسو ھو. ٿوري وقت ۾ محسوس ڪيائين تہ نائلا سندس بزنس جي معاملي ۾ دخل اندازي ڪرڻ لڳي آھي. ھن کي نائلا جي پڇا ڳاڇا ڏکي لڳڻ لڳي، ڪانئس بدظن ٿيڻ لڳو. ھو ھڪ آزاد منش ماڻھو، گھمندڙ ڦرندڙ ٿورا ڏينھن صبر ڪري وري عادت ڪان مجبور ٿي نين نين ڇوڪرين کي لفٽ ڏيڻ لڳو. ھر وقت موبائل تي مشغول ھوندو ھو. نائلا ڪانئس بيزار ٿيڻ لڳي، ھوءَ بہ قصوروار ڪونہ ھئي. ھڪ نڪاح ٻڌيءَ زال کي توجھہ ۽ وقت ڏيڻ مرد جو فرض آھي. ھن بہ روز روز جي بحث ڪان تنگ ٿي ڪاشف ڪان طلاق ورتي ۽ پنھنجا بزنس ۾ ڦاٿل پئسا ڪورٽ وسيلي واپس ورتا.

ھاڻي ڪاشف کي ڪنھن اھڙي فرينڊ جي ضرورت ھئي جنھن سان حال اوري ڪا صلاح وٺي يا دل جو بار ھلڪو ڪري. انتظار جي آس ۾ سڙندڙ فھمي ئي کيس سمجھہ ۾ آئي جنھن وٽ پھچي اھا طلاق واري ڌماڪي خيز خبر ٻڌايائين ۽ گڏ پنھنجو پاسپورٽ ميز تي رکندي اعلان ڪيائين تہ ھو وڌيڪ تعليم لاءِ آسٽريليا وڃي رھيو آھي. فھميده کي دل ۾ ھڪ لحظي لاءِ خوشي ضرور ٿي تہ اھڙي ماڻھو جي شاديءَ جو انجام ايئن ئي ٿيڻ گھربو ھو، پر پنھنجي ٿڌي ۽ غير جذباتي نموني سان مٿس ڪوبہ رد عمل ظاھر نہ ڪيائين. ھمدرديءَ سان سندس سڀ ڳالھيون ٻڌندي ھن فقط ايترو چيو تہ ”خدا توکي خوش رکي!“ ڪاشف جي دل ۾ پنھنجي لاءِ ڪا ڪنڊ پاسو ۽ نرمي نہ ڏسندي سندس اندر ۾ وڍ ضرور پوندا ھئا، پر ھن پنھنجي انھيءَ محروميءَ تي قابو ڪري ورتو ھو. ھتي ڪاشف آسٽريليا جي رنگينين ۾ مسرتون ۽ رعنائيون ماڻي رھيو ھو. ھن يونيورسٽي ۾ تہ ڪئين اپسرائون ھيون جن جي لاءِ ھو پاڪستان مان ئي ڪشاده دل ڪڍي آيو ھو، جن ۾ ھڪ مس جيني بہ ھئي. جھڙو ھتي ديس ھو اھڙو ئي ويس ھو، ھر پاسي عطر جي اوٽ لڳي پئي ھئي. سو نہ ڪا ڪيائين ھم نہ ڪا ڪيائين تم. جيني کي پنھنجي ويجھو آڻي ڇڏيائين. ايئن ئي ٻئي ھڪ اپارٽمينٽ ۾ رھڻ لڳا. شادي ڪيائون گھميا ڦريا جڻ زندگي تہ ڪاشف لاءِ جنت ٿي پئي. جيني جي ھن جي بينڪ اڪائونٽ تائين پوري پھچ ھئي. ھوءَ پئسو ڪڍائيندي رھي. ڪاشف گھمڻ ڦرڻ ۾ پورو رھيو. ايترو ھوشيار ھوندي بہ جينيءَ جي لاءِ عشق جي انتھا ھوندي اعتبار ۾ دوکو کائي ويو پوءِ تہ بس ڪاريءَ وارا ڪک بچيا. ھڪ دفعي جو بينڪ بيلنس چيڪ ڪري تہ اصل غش اچي ويس. مارا ھيءَ آسٽريلين ڇوڪري تہ ڏاڍي چالاڪ نڪتي. عدالت ۾ ڪيس ڪيائين، پر کيس الٽو سندس ئي ڪنڌ ۾ پيو. طلاق ڏيڻ ڪانپوءِ بہ سندس ھر پئسي ۽ پراپرٽي تي زال جو اڌ حق ھو.گھڻو ڪجھہ قانون مطابق جينيءَ کي مليو. ھيءُ ھٿين خالي رھجي ويو.کيس پاڻ کي سنڀالڻ ۾ ڪافي وقت لڳو، پر ٻہ نوڪريون ڪري پئسا ٿاھي ورتائين، پر دل جو ڌڪ نہ وسريس. ٻاھرين ملڪ جو فون نمبر موبائل تي ڏسي فھمي سمجھي وئي تہ اھو ڪاشف جو ئي فون ٿي سگھي ٿو. سندس من ۾ مانڌاڻ مچي وئي، ھوءَ ڇا ڪري سگھي ٿي، نادان دل بہ ھن جي وس ۾ ڪونہ ھئي. اھو آواز ٻڌي کيس سرور ملندو ھو ۽ ھو ھن جي حالت ڪان بي خبر پنھنجو پاڻ کي مظلوم پيش ڪري ھمدردي حاصل ڪندو ھو. سو جيئن ئي فون ڪنيائين تہ ڪاشف جي عادت مطابق سندس آواز ۾ جڻ گھنٽيون وڄي رھيون ھيون. ھو ٻھڪي رھيو ھو خوشيءَ ۾ جڻ ھٿن مان پئي ويو. چوڻ لڳو کيس ھن دفعي بلڪل پنھنجي پسند مطابق آئيڊيل ڇوڪري ملي آھي ۽



هن پڙهائي بہ مڪمل ڪري ورتي آهي ڪيس سٺي نوڪري بہ ملي آهي. هو جلد نتاشا سان شادي ڪرڻ وارو آهي. پهريون دفعو فهميده ڪي سندس ڳالهين بعد محروميءَ جو احساس شدت سان ٿيو. دل چاهيس تہ چوان ”وڃي ڪڏ ۾ پئو منهنجو ميڄالو چو پيو کائين!!“ پر فطرت مطابق ڪارو ٿيڻ ڪيس نہ آيو. سو چيائين ”تو لاءِ دعائون آهن جتي بہ هجين خوش هجين“

ڇهہ مهينا مس ٿيا ڪاشف جو فون تي روج پٽڪو شروع ٿي ويو تہ آئون بدقسمت آهيان نتاشا تہ نشي جي عادي هئي گهر ئي ڪونہ سنڀاليائين هر وقت ٻڏل ٿي هجي نہ ماني ٺاهي ٿي ۽ نہ مون کي ٺاهي کارائي ٿي. آئون نوڪريءَ تان اچان تہ گهر ۾ ڪڏهن آهي تہ ڪڏهن ڪونهي. مون خبر ورتي آهي تہ هن جو ”ڊرگ مافيا“ وارن سان بہ واسطو آهي. انهيءَ لاءِ ڪم ڪندي هئي، هاڻي بہ انهن سان ملي ٿي. هڪ ڏينهن گهر آيس تہ هڪ بدمعاش قسم جو ماڻهو ڊائننگ ٽيبل تي ويٺو هو ان سان ماني کائي بس ڪئي هئائين ان سان ئي بنا مون کي ٻڌائڻ جي گاڏيءَ جي چابي کڻي گهران نڪري وئي.

فهميده ٿڌو ساهہ ڀري ڏک سان چيس تہ ”ڪاشف تون هميشہ غلط عورتن جي چونڊ ڇو ٿو ڪرين؟ پر خود غرض، لالچي ۽ حسن پرست ڪاشف ڪان ڪو جواب ڪونہ اڪليو. چند ڏينهن ئي گذريا فهميده ڪاشف جي سورن کي ذهن تان لاهي ڇڏيو هو. سندس هڪ يونيورسٽي فيلو آفيس جي ميٽنگ ۾ مليو هن ڪيس اڳ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. پڇڻ تي خبر پيس تہ هن هاڻي ئي هتي ڊيوٽي جوائن ڪئي آهي. ٻئي ملي ڏاڍا خوش ٿيا. پراڻيون يادون ذڪر ڪندي هڪٻئي کي گهر اچڻ جي دعوت ڏنائون. اسماعيل ڪيس ٻڌايو تہ هن جي زال شاديءَ جي هڪ سال ڪانپوءِ ڊليوريءَ دوران فوت ٿي چڪي آهي ۽ چار سال ٿيا آهن هن ٻي شادي ڪونہ ڪئي آهي. هفتي کن ڪانپوءِ اسماعيل ڪيس پنهنجي لاءِ شاديءَ جي آڇ ڪئي. فهميده فيصلو ڪرڻ ۾ ذرو بہ دير نہ ڪئي ڏنائين تہ هوءَ بہ اسماعيل وانگر اڪيلي آهي ۽ هڪ اهڙي شخص جي آس لڳائي نراس پئي ٿئي جنهن جي نظر ۾ زندگي رانديڪو آهي، نہ فقط پنهنجو پر ٻين جو بہ جيئڻ جنجال ڪرڻ وارو آهي، هن ڪيس ڇو پنهنجي دل ۾ آباد ڪيو. ڪاشف جي يادن تہ ڪيس برباد ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي، هو تہ شادين جي هيٽرڪ ڪرڻ ۾ پورو آهي، فقط پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪيس استعمال ڪري ٿو. ڪڏهن پڇيو اٿس تہ ”فهمي تون ڪيئن آن! ڪاشف! آئون شروع ڪان ئي هن جي لاءِ نہ سوچيان ها.“ ان ريت هوءَ مضبوط ارادي سان اسماعيل جي حق ۾ فيصلو ڪري مطمئن ٿي وئي ۽ رات جو سڪون جي ننڊ ڪيائين. شاديءَ جي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هوءَ آفيس آئي خوب خوش ۽ هشاش بشاش پئي لڳي، سيني سندس سنو آڌر ڀاءُ ڪيو. پاڻ بہ ڪاشف جي عشق واري جذباتي طوفان مان نڪري حقيقت پسنديءَ جي اک سان دنيا کي ڏسي رهي هئي. ايترو عرصو ويران ۽ اڪيلائيءَ واري زندگيءَ جي عذاب کي ڪيترو مشڪل سان پوڳيو هئائين. ماءُ پيءُ بہ سندس شاديءَ جي آس دل ۾ کڻي دنيا مان هليا ويا.

آفيس جي ميز تي ڪافي فائلون گڏ ٿي ويون هيون. هوءَ خيالن مان نڪري هڪدم ڪم کي اڪلائڻ لڳي. ٻہ ڏينهن مس گذريا ڪيس پٽيوالي اچي ٻڌايو تہ ڪو ڪاشف نالي ماڻهو توهان سان ملڻ آيو آهي. ڪيس حيراني بہ ٿي جو ڪاشف کي آسٽريليا وئي چڱا سال گذري چڪا هئا. اڳي جيان بہ سندس دل جو ڌڙڪو بي ربط ٿيو ۽ نہ ئي هن جي خوشبوءَ سندس نڪ کي اهو واس ڏنو جنهن جي پاڻ تمنا ڪندي هئي. ڪاشف کي ڏسي کن پل لاءِ هوءَ عجب ۾ پئجي وئي، هو ڪنهن بہ لحاظ کان ساڳيو ڪاشف ڪونہ لڳي رهيو هو. هڪ شڪست خورده، منجهيل، ٿڪل ٿڪل ۽ منهن تي گهنج، وزن بہ ڪريل، رنگ صفا مرجهايل موڳو ماڻهو پئي لڳو. هن ڪيس ويهڻ جو چيو ڪاشف بنا ڪنهن تمهيد جي ڪيس چوڻ لڳو ”فهمي آئون ٿڪجي پيو آهيان، مون کي تو ڪان وڌيڪ ڪير بہ نٿو سمجهي سگهي، پنهنجو سالن جو ساٿ آهي، آئون تو وٽ ذهني سڪون ۽ خوشيءَ لاءِ سوالي ٿي آيو آهيان مون کي مايوس نہ ڪجانءِ، مون سان شادي ڪندينءَ؟“

فهميده ڏک مان ڏانهس نهاريندي وراڻيو، ”ڪاشف توکي ياد آهي تو مون کي چيو هو تہ ٻہ دفعا صابڻ سان منهن ڌوئي پنهنجي اوقات تي غور ڪج“ مون تنهنجو تہ بہ وڏو انتظار ڪيو، پر هاڻي منهنجي شادي گذريل هفتي ٿي چڪي آهي. مون توکي چيو هو تہ تون مون وٽ ضرور ايندين، پر آئون توکي ڪجهہ ڏيئي ڪونہ سگهنديس، سو منهنجي منهن مان نڪتل اهي لفظ کي واقعي قبوليت جي گهڙيءَ جا هئا واقعي آئون توکي ڪجهہ بہ نٿي ڏيئي سگهان، شايد آئون هارجي بہ کٽي وئي آهيان. ڪاشف جا تہ ٽپ ئي ٽري ويا، هو پنهنجي دير سان ڪيل فيصلي تي پڇتائيندو، پشيمان ۽ ملول منهن سان، ڳريون ڳريون وکون کڻندو سندس آفيس مان چپ چاپ نڪري ويو.

❋❋❋

# جاڳنگ ٽريڪ

ليکڪ: سيد گلزار حسنين



ترجمو: انجنيئر
عبدالوهاب سهتو



**لڳاتار** مهينو کن پارڪ ۾ اچڻ جي ڪري مان ماحول سان هيراڪ ٿي ويو هئس، جيڪو منڍ ۾ مون لاءِ اوپرو اوپرو هئڻ سبب، ڪوفت ۽ بيزاري پيدا ڪندو هو. هاڻي گسائڻ تي دل نہ گھرندي هئي. پارڪ ۾ ڪو هڪ اڌ هم ڪلاسي ايڪڙ ٻيڪڙ ٻہ مليو تہ مليو، تنهن جي ٻہ ملڻ جي پڪ نہ. نہ وريان ۾ ڪا باقاعدگي هئي ۽ نہ ئي وري ڪا ساڻس ڊگھي ڪچهري ٿيندي هئي. بس بيٺي پير سليڪ عليڪ ٿي وئي تہ ٿي وئي. منهنجي پنڌ ڪرڻ جو وقت اهڙو هو جڏهن سج ٽُبيءَ ۾ هوندو هو ۽ ڍهاڙيءَ جي مسافريءَ سبب سندس چهرو ٿڪاوٽ کان ڳاڙهو ٿي چڪو هوندو هو. گھاٽا ٽٽا پڪي جيڪي ان ئي پارڪ جي گھاٽن وڻن جا باشي هئا، سي روزي روٽيءَ جي ڳولا ۾ شهر جي گھٽين ۾ گھمڻ گھتڻ پڇاڙان، وڻن تي واهيرو ۽ شور ڪندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪن تي پوندڙ آواز ٻڌڻ ۾ بہ نہ ايندو هو. گھڻو شور جهرڪين ۽ ڪانون جو هوندو هو. مون گھڻي ئي دفعا اتان لنگھندي، سوچيو هو تہ ايڏو شور ڪهڙي ڳالهہ تي پيا ڪن، ڪو تہ ان جو سبب هوندو. لاشڪ تہ اهي سبب ۽ مقصد، مون کي سمجهہ ۾ نہ آيا. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن تڙڪو اڃان هوندو هو تہ ڊنڊ سان ننڍڙي ٽِبي جي مٿان ڪانءُ ۽ سرڙيون، لهندڙ سج ڏانهن منهن ڪري آرام سان ويٺا هوندا هئا. جيئن ئي اس گم ٿي، هنن بہ اڏامَ پري.

گرمين جي موسم ۾، پارڪ منجهہ، سير ڪرڻ وارن جو انگ اڃان وڌي ويندو هو. مختلف عمر جون مايون، مرد ۽ ٻار ٽڪڙو ٽڪڙو هلندي، هڪٻئي جي پرواهہ نہ ڪندي، پيچرن تي پڇ پڇان ۾ هوندا هئا. نوجوان تہ پنڌ هلڻ بجاءِ، گھڻو ٽٺو پڇندا گذري ويندا هئا. ٿڪاوٽ جو نانءُ نشان بہ سندن مُکَ تي چٽو نہ هوندو هو. بلڪہ پگھر سبب سندن چهرن تي چمڪاهٽ پيدا ٿي پوندي هئي، جيڪا سندن جوانيءَ جي چغلي هڻندي هئي. منهنجي پنهنجي چهري تي پڻ پگھر سبب اهڙي قسم جي چمڪ پيدا ٿيندي هئي، ليڪن پاڻ کان ننڍي عمر وارن نوجوانن کان گھٽ.

ڪي مايون مرد، ننڍيون ننڍيون ٽوليون ٺاهيو پيا هلندا هئا. مڙني کان نرالو ۽ وڏو ٽولو ستن مردن تي مشتمل هو. مڙئي عمر ڪائي چڙهيا هئا، ليڪن ڏسڻ ۾ سڪما. ڍاري ڍاري هلندا بہ هئا ۽ لڳاتار ڪچهري بہ ڪندا ويندا هئا. لڳندو ايئن هو: چڻ ڪين جنگهن ساهڻ کان وڌيڪ، ڪچهريءَ سان دلچسپي هجي. بہ قطارون ٺاهي، اڳيان پويان هلندا ۽ ڳالهائيندا ويندا هئا. اگر پيچري تي اڳيان ڪو ايندو هو تہ ان لاءِ وٽي ڇڏي هڪ قطار ٺاهيندا هئا ۽ هلندڙ ڳالهہ جو سلسلو ٽٽڻ نہ ڏيندا هئا. جهٽ گھڙي پيچري تي هلڻ پڇاڙان، ويجهي ڪنهن بينچ تي ويهي رهندا هئا. جهٽ سوا ساهي پٽڻ ۽ هڪ ٻئي سان کل مذاق ڪانپوءِ وري پيچري تي پنڌ پوندا هئا. منجهن هڪڙو ڪراڙو، عجيب حليي جو هو. اڪثر اڇي قميص، ساڳئي رنگ جي پتلون ۽ جوتا بہ اڇا پاٽ، قد، وچٿرو هئس. جنگھون سنهڙيون ۽ پيٽ وڏيل، اڇي قميص، پيٽ وٽ سوڙهي، عمر، ستر ٻاهتر سال.

پهريون دفعو جڏهن منهنجي نظر مٿس پئي تہ ايئن لڳو چڻ هو پوئين جنم ۾ مڇي رهيو هوندو. مهنجي واتان اڻ لکو نڪري ويو: "مڇي نما ماڻهو." مون کي ان عجيب خيال جو ڪو خاص سبب بہ سمجهہ ۾ بہ نہ آيو. شايد سنهيون ڄنگھون ۽ وڏيل پيٽ ڏسي، منهنجي ذهن ۾ اهو اڍنگو تصور اڀريو. پنڌ دوران، ساڻن بہ دفعا آمهون سامهون اچڻو پوندو هو. هر چڪر ۾ منهنجي پهرين نظر، ان مڇي نما ماڻهوءَ تي پوندي هئي. سندن هڪڙو ٻيو جوڙيوال بہ ٿورو عجيب هو. اڇي ڏاڙهي ۽ ڊگھا وار، سي بہ ڪلهن تي وڇايل. اهو وري پوري رنگ جي گھيريدار ڪانچ پائيندو هو. سياري ۾ اونهاري، ساڳئي رنگ جي اوني چادر سان پاڻ کي ويڙهيو وتندو هو. ڪيس منهنجي ذهن، ڪنهن ڏورانهين جهنگ جي ڪناري تي واقع اجڙيل مندر جو پروهت

ٻڌائي ڇڏيو. اهڙي مندر جو جنهن جا پوڄاري زماني جي ڏاڪڙن سبب، اهو ڳوٺ يا علائقو ئي تياڳي ويا هجن ۽ ان جو هاڻي اڪيلو نگهبان ۽ پوڄاري اهو اڇي ڏاڙهي ۽ ڍڳهن وڪريل وارن وارو پروهت ئي رهجي ويو هجي، جنهن جي ايمان ۽ وابستگيءَ ڪيس مندر سان بيوفائي ڪرڻ نه ڏني هجي. گهڻا دفعا ايئن به ٿيو ته مان ان پروهت متعلق سوچيندو هئس ته منهنجو ذهن ان پارڪ مان نڪري ويران مندر ۾ ان جي اوس پاس موجود وڏي ۽ گهاٽي جهنگل جي سير تي نڪري ويندو هو. جتي مندر ڪان ٿوري فاصلي تي موجود هڪ اوچي پهاڙ مان وهندڙ چشمي جو پاڻي، جهٽ سوا انهيءَ پٿريلي ڪاراڻ مائل پهاڙ تي وهڻ پڄاڻان هيٺ، ان جي پٿريلي دامن ۾ ڪري رهيو هجي. انهن پٿرن تي مٿان ڪان ان آبشار جي ڪرڻ جو لاڳيتو شور ۽ چاندي نما ريبڙي جون ڦڦگون. وري اهو پاڻي وهندو مندر جي پاسي ۾ نهيل هڪ ڍنڍ ۾ ڪٺو ٿيندو هو. اها ڍنڍ ڪا وڏي به نه هئي. لڳ ڀڳ پنجن ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل هوندي، جيڪا وري هڪڙي نئي جي شڪل اختيار ڪري، جهنگ ۾ ئي غائب ٿي وڃي. ڍنڍ ڪان ٿوري فاصلي تي ان ڳوٺ جي گهرن جا اهڃاڻ هئا، جنهن جي رهاڪن اهو مندر اڏيو هوندو. ايامن تائين اتي ديوي ديوتائن جا ڀڄن ڳاتا ۽ پرشاد ورهايا ويا هوندا. دنيا جي محرومين مان آجائيءَ لاءِ ياتري پرارٿنائون ڪندا رهيا هوندا. مرادون پوريون ٿيڻ تي دهل ۽ نغارن جا آواز، جهنگل ۾ پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندا هوندا، سي به تڏهن، جڏهن ڪو پنهنجي باسيل سُکَ ماڻڻ پڄاڻان منائي ۽ کُٽي شڪراني طور ديويءَ جي چرنن ۾ رکڻ ايندو هوندو. پوڄاري ۽ آيل ياتري، انهيءَ ڍنڍ جي صاف شفاف پاڻيءَ سان سنان ڪندا هوندا. مندر جي درن ۽ درين تي ساوڪ ڦٽي آئي هوندي. ڍنڍ سان گڏ نهيل پٿر جي ڏاڪڻين ڪي به جهنگلي ٻوٽا ۽ وليون چڱو خاصو ورائي ويون هونديون. ٻيو ته انهن ڏاڪڻين، گهڻي وقت ڪان ڪنهن پوڄاريءَ يا ياتريءَ جي پيرن جو ڇهاءُ ئي محسوس نه ڪيو هوندو، جيڪي هتي سنان ڪرڻ يا تن صفائيءَ پڄاڻان، مندر اندر ديوتائن جي چرنن ۾ نمَڻ لاءِ پنهنجي پاڻ ڪي تيار ڪرڻ لاءِ، انهن ڏاڪڻين تي هلندا هوندا.

هاڻي فقط زمين تي سُرندڙ جيت جڙا هئا يا ڪنهن قضائيي ڪي جهنگلي جانور پاڻي پيئڻ واسطي، هيڏانهن اچن ته ڪن ڏاڪڻين تي به اچي ويهن. هن ڳوٺ ۾ هاڻي ڪجهه به باقي نه بچيو هو. ها گهٽين جا اهڃاڻ موجود هئا، ور ڪڙ گهٽيون هاڻ به موجود هيون. گهرن جون ڇتيون ۽ ڪوٺن جا دروازا ڪو نه هئا، مگر بيٺل ۽ ڊٺل ڀتيون، گهٽين جي موجودگيءَ جو سبب هيون. هڪ هنڌ ڳوٺ جي مرڪزي تنور جا اهڃاڻ هئا. منهنجو ذهن، انهن سمورين جاين تي گهومتاريون ڪندو رهندو هو. ڪيترا دفعا ته هرڻن جي ٽوليءَ ۾ هليو ويندو هو، جتي ٿوري فاصلي تي اس ۾ ليٽيل شينهن ڪين تاڙيندي نظر ايندا هئا. وڻن تي باندرن ۽ لنگورن جا ٽپا ۽ مستيون. جڏهن ذهن ان ڪنڊر مندر، جهنگ جهر، آبشارن ۽ ڍنڍ جي سير پڄاڻان موٽي پارڪ ۾ ايندو هو ته ڪيترا دفعا اهو سوال ساڻ ڪٺيو ايندو ته اهو پروهت ڪڏهن ڪان هتي سير ڪرڻ ايندو آهي؟ ڇا هن انهيءَ مندر ڪي خيرباد چئي ڇڏيو آهي يا رات جو موٽي مندر ويندو آهي؟ اڪثر انهيءَ تخيلاتي سوال جواب تي مان مشڪي ڏيندو هئس.

سندن گروپ ليڊر، هڪڙو ڍڳهو همراهه هو. نهندڙ جسم تي سهڻو لباس پاتل ۽ هٿ ۾ لڪڻ هوندو هئس. اهو ڪو زميندار هو جو اڪثر پنهنجي فصلن، گهوڙن، ڍڳين ۽ مينهن جا قصا يارن ڪي ٻڌائيندو هلندو هو. سندس پوکي راهي شايد سندس پٽن سنڀالي هجي، جو جيڪي به واقعا ٻڌائيندو هو سي اڳئين وقت جا هوندا هئا.

مان ڪيترائي دفعا ان ٽولي جي پويان پويان هلندي، لاشعوري طور تي سندن پيرن تي هلندو هئس. ڪڏهن سندن رفتار ڪان ٿورو پوئتي هٽي هلندو هئس، وري ڪڏهن اڳتي نڪري، ننڍيون ننڍيون وکون کٽي هلندو هئس ۽ سندن ڪچهري ٻڌندو هلندو هئس. اهي پنهنجي جواني، نوڪري، ڪاروبار، ٻارن ٻچن ۽ پوٽن ڏوهٽن بابت ڳالهيون ڪندا هئا. منهنجي ان دوران ساڻن ڪا به عليڪ سليڪ نه ٿي. ايئن به سال گذري ويا. البت پارڪ ۾ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن سان جاڻ سڃاڻ ٿي وئي. جنهن مان مون ڪي اها سُڌ پئي ته پارڪ ۾ پنڌ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪير ڪيترو پابند آهي. هڪ ڏينهن، اهي سمورا گم هئا. سندن مقرر وقت تي ڪو به نه آيو هو. مون سوچيو شايد پاڻ ۾ صلاح ڪري وقت مٽائي ڇڏيو هجين. ٻئي ڏينهن جڏهن انهن جهونڙن جو ٽولو اڳيان ايندو نظر آيو ته منجهن "مڇي نما ماڻهو" نظر نه آيو. سوچيم: شايد ڪيس ڪو ڪم ٿي پيو هوندو يا طبيعت خراب ٿي پئي هوندس. الائي ڇو منهنجي ذهن پاڻمرادو ان معاملي ۾ اهوئي ڪارڻ گهڙي ورتو. ٻئي ڏينهن به هو نظر نه آيو. بلڪ هو مون ڪي وري ڪڏهن به نظر نه آيو. لڳ ڀڳ هفتو ته منهنجون نظرون ڪيس ڳوليندڀون رهيون. پوءِ مون گمان ڪيو ته شايد گذاري ويو آهي. ٿوري عرصي پڄاڻان ان اجڙيل مندر وارو پروهت به گم ٿي ويو. ڪيس نه ڏسي مان ٿورو ڏڪارو ضرور ٿيس.

انهن ماڻهن سان منهنجي هڪ قسم جي اڻ لکي وابستگي ٿي وئي هئي. جڏهن پروهت ڪي هڪ هفتي تائين نه ڏٺم ته مون هڪ ڏينهن ويجهو ڪان گذرندي ڪين سلام ڪيو، جنهن جي جواب ۾ سمورن وعليڪم السلام چيو. مون پروهت جي نه اچڻ جو ڪارڻ پڇين ته ان زميندار افسوس منجهان جواب ڏنو ته: 'اهو انتقال ڪري ويو.'

"اوها مون ڪي ڏاڍو افسوس ٿيو!" جنهن جواب جي توقع هئي، سو ٻڌي، مون پڻ ڏڪاري شڪل ناهي چيس: "ڪيس ڇا ٿيو؟"

"ڪو خاص سبب نه هوا" ڍڳهي همراهه مشڪندي چيو: "جنهن عمر جي حصي ۾ اسان آهيون، اتان ٻئي جهان ۾ وڃڻ لاءِ ڪنهن خاص وجهه جي ضرورت نه پوندي آهي. هڪڙو معمولي بهانو ئي ڪافي آهي. جيئن ڪنهن وڻ جو زمين تي ڪريل سڪل پن، هوا جي هلڪي جهونڪي تي اڏامي، ڪٿان جو ڪٿي هليو ويندو آهي. رب مٿس ٻاجهه ڪري."

مان وک وڌائي، اڳتي نڪري ويس.

ان واقعي ڪان ٿورڙن ڏهاڙن پڄاڻان، مون ڪي نوڪريءَ جي سلسلي ۾، ملڪ ڪان ٻي سال ٻاهر رهڻو پيو. جڏهن موٽيس ته هڪڙي هفتي تائين ته ڪي مصروفيتون رهيون ۽ مان پارڪ وڃي نه سگهيس. ان ڪانپوءِ وري باقاعدگيءَ سان وڃڻ لڳس. پارڪ ۾ گهڙندي ئي سڀ ڪان پهريون خيال مون ڪي انهن ڪراڙن جو آيو. مون ڪين ڏسڻ ۽ سندن خير خيريت جاڻڻ پئي چاهي. ٿوري دير ڪانپوءِ پري ڪان ايندي نظر آيا. معمول مطابق سندن ڍڳهو ليڊر، مڙني ڪان اڳيان هو. ويجهو اچڻ تي مون پهريون دفعو ٻيهي، ساڻن ملڻ چاهيو. ليڊر، پهرين منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. پوءِ سِڪَ مان ڳراٽڙي پاتائين: "اوهان گهڻي وقت ڪانپوءِ نظر آيا آهيو. مون ڪي ڳڻتي ٿي پئي هئي. حالانڪ اڃان تائين مون ڪي اوهان جي نالي جي به خبر ناهي!"

مون ورندي ڏنس: "مان ملڪ ڪان ٻي ٻاهر هليو ويو هئس." وري کلندي چيومانس: "هونئن به هڪ دفعي پنهنجي ساٿيءَ جي وفات تي اوهان چيو هو ته ان عمر ۾ مرڻ لاءِ ڪنهن خاص سبب جي ضرورت نه هوندي آهي ۽ مان اڃان ان عمر ۾ پهتو ناهيان."

مون واري ان گفتي تي اسان ٻئي مشڪياسين. ان ڪانپوءِ مون سندس ٻين ساٿين سان هٿ ملايو. ليڪن منجهن سندن پراڻن ساٿين مان هڪ به نه هو. هيءَ سمورا همراهه، زميندار سان انهن گذريل ٽن سالن ۾ اچي شامل ٿيا هئا.

گهڻو زمانو ٿي ويو آهي، ان زميندار ڪي به دنيا ڇڏئي، ليڪن جهونڙن جو هڪڙو ٽولو اڄ به قائم آهي. هاڻ سندن اڳواڻ، هڪڙو ٻت ۾ ڀريل، وچولي قد ڪاٺ ۽ لڳ ڀڳ 65 سالن جي عمر جو همراهه آهي. مان پوين ٿورڙن ڏهاڙن ڪان محسوس ڪري رهيو هئس ته اهي مون ڪي ڪا ڳالهه چوڻ چاهين ٿا ۽ مون ڪي اندازو هو ته هو مون سان ڇا ٿا ڳالهائڻ چاهين. مڃاڻ مان اها ڳالهه ڪانئن ٻڌڻ نه پئي چاهي. ٿورڙا ڏهاڙا ته مان ڪانئن لنوائيندو رهيس. هڪ ڏينهن انهن مون ڪي روڪي ورتو ۽ چيائون: "سائين منهنجا! هاڻ اوهان عمر جي جنهن حصي ۾ آهيو ان ۾ اڪيلو واڪ ڪرڻ، بيزاريءَ جو باعث به آهي ۽ ان ۾ حفاظت به ناهي. ساهه تي ڪو اعتبار ناهي. اگر اوهان اسان سان شامل ٿيڻ مناسب سمجهو ته اسان ڪي خوشي ٿيندي."

مون سندن ڳالهه مڃي ورتي.

پگهر ۾ شل، مشڪندڙ ۽ چمڪندڙ چهرن وارا نوجوان ڀڄندي، اسان ڏانهن ڏسندي گذري ويندا آهن. جيئن وهندڙ وقت گذري ويو. مان ڪيترائي دفعا سوچيندو آهيان: "انهن جوان ماڻهن جي ذهنن ۾ مون لاءِ تصور ڪهڙو اڀرندو هوندو: مڇي نما ماڻهو يا پروهت!"

***

# حيوان



طاهر پناڻ

عمر ٽيويهه ورهيه، قد ڊگهڙو، اکيون ڀوريون، خوبصورت گول چهرو، ڊگها وار، سنهڙيون مُڇون، ويڪري ڇاتي، مضبوط جسم ۽ پرڪشش شخصيت جو مالڪ صفدر سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي صاف ستري ۽ صحتمند ماحول ۾ لسي مکڻ، تازين سبزين، ملاوٽ کان پاڪ سچي گيهه ۽ کِير تي پليل جوان ٿيل سهڻو، صحتمند ۽ خوبرو نوجوان هو.

ان ڏينهن طبيعت خراب هجڻ ڪري ڪاليج کان جلدي گهر واپس وريو هو. سندس ڳوٺ کان ست اٺ ميل ڪن پري شهر ۾ موجود ڪاليج تائين صبح جو ته هُو جيئن تيئن ڪري پهچي ويو هو، پر ڪاليج ۾ جڏهن هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳي ته ڪنهن کي ٻڌائڻ بنا هو گهر موٽي آيو هو، هن موٽرسائيڪل کي گهر جي پَڌر تي بيٺل انب جي ان وڻ هيٺان بيهاريو جيڪو ننڍپڻ ۾ هن پنهنجي ڀيڻ شبنم سان گڏجي تڏهن پوکيو هو جڏهن هو چوٿين درجي ۾ ۽ شبنم پنجين ۾ پڙهندي هئي.

ساڻيون ساٽيون وکون کڻندو هو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳو، ٿڪاوٽ ۽ هيڻائيءَ سبب لِڱ ساڻا ساڻا هئس ۽ قدم ٿيڙ کائي رهيا هئس، سَنڌُ سَنڌُ ڏکيس پئي، ڪمري ۾ اچي هن پاڻ کي بيڊ تي اڇليو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين، اڄ معمول جي ابتڙ هو پنهنجي بيمار امڙ جي ڪمري ڏانهن به نه لڙيو هو، راتوڪي اوجاڳي سبب هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون ۽ مٿي جي سُور پڻ پريشان ڪري ڇڏيو هئس جنهنڪري ڪاليج ۾ به هن جي دل نه لڳي هئي، ڪالهه رات کان هن جي اندر جي دنيا ۾ هڪ طوفان آيل هو جنهن هن جو سُڪون اڏائي ڇڏيو هو، هڪ عجيب بيقراري هئي جنهن هن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي هئي، سڄي رات رڳو لُڇندي ۽ پاسا ورائيندي گذاري هئائين.

هاڻ به ڪاليج کان واپس اچي چڱي دير تائين بيڊ تي اکيون ٻوٽي ننڊ جو انتظار ڪندو رهيو، پر ننڊ هئي جنهن سندس ويجهو اچڻ جو نالو ئي نه پئي ورتو، ننڊ ته نه آيس، پر ڪافي دير ليٽيو رهڻ ڪري طبيعت ڪجهه بهتر محسوس ڪيائين ته ماءُ کي مُنهن ڏيکارڻ لاءِ سندس ڪمري ڏانهن وڃڻ لاءِ اٿي ويٺو، هو اڃان بيڊ تي ويٺو ئي هو جو سندس ڀيڻ شبنم هن جي لاءِ ماني کڻي اچي هن جي اڳيان بيڊ تي رکي، اوچتو بي اختيار صفدر جون نظرون ٿورو جُهڪڻ سبب ظاهر ٿي پيل شبنم جي ڇاتيءَ جي اُڀارن ڏانهن کڄي ويون ته ڪجهه گهڙين تائين هن جون اکيون اتي ئي اٽڪي بيٺيون رهيون، هن کان اهو پڻ وسري ويو ته سامهون ٻي ڪا ڇوڪري نه پر سندس ڀيڻ آهي، ڪيس هوش تڏهن آيو جڏهن هن جي ڪاٻي ڳل تي هڪ زوردار چماٽ لڳي.

”بيشرم، ڪميڻا، بي حيا!، شرم ڪرا، ڀيڻ جي عزت ۾ ٿو اکيون وجهين!.“ شبنم رڙ ڪري چيو. ”آئون تنهنجي ڀيڻ آهيان سڳي ڀيڻ....!.“ شبنم جو سڄو جسم ڪاوڙ ۾ ڏڪي رهيو هو، هن وڏو ساهه کڻي وري چيو. ”ڀائر ته ڀينرن جي جان ۽ عزت جا محافظ هوندا آهن، پر تون... تون ته ڪو حيوان آهين!.“ هوءَ وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائي سگهي ۽ تکڙيون وکون کڻندي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي.

مُند ته سياري جي هئي، پر ندامت ۽ شرمندگي سبب صفدر جي نرڙ تان پگهر ٽمي رهيو هو، هو اتي ئي ڪنڌ جهڪائي بت بڻيو ويٺو رهيو، اڄ تائين ڪڏهن به ڪيس ڪنهن چماٽ نه هڻئي هئي، شبنم ته ڪڏهن ساڻس تِکي لهجي ۾ به ڪِين ڳالهايو هو، هوءَ ته هر وقت پنهنجي ٽِنهي ڀائرن تان گهور ويندي هئي، پر صفدر شروع کان ئي شبنم کي ساهه جهڙو پيارو هو، عمر ۾ فرق گهٽ هجڻ ڪري هو ننڍپڻ کان ئي گڏ کيڏندي ڪڏندي ۽ وڙهندي پرچندي جوان ٿيا هئا، پر اڄ ان ئي صفدر پنهنجي ڀيڻ جي اعتبار ۽ ڀروسي کي سخت ڇيهو رسايو هو، هو پاڻ کي اڄ دنيا جو سڀ کان نَيچ، ڪميڻو ۽ ڌُتڪاريل انسان لڳي رهيو هو، ڪيس پنهنجي اکين کان ئي نه پر سڄي وجود کان پڻ نفرت ٿيڻ لڳي هئي، پهرين ته هن کي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿي ويو، پر پنهنجي حرڪت ياد ايندي ئي هن جي دماغ مان ٺڪاءُ نڪري ويا، هو اڃان تائين اهو سمجهڻ کان قاصر هو ته ڪائنس اها ڪُڏي حرڪت ٿِي ڪيئن وئي؟، هو ته پڙهيل لکيل، نيڪ،



سلجهيل ۽ شرميلو نوجوان هو. اوچتو کيس اها ڪهاڻي ياد اچڻ لڳي جيڪا گذريل رات هن پڙهي هئي. ڪهاڻي ياد ايندي ئي کيس يقين ٿي ويو ته اهو سڀ ان ڪهاڻيءَ جو ئي اثر هو جنهن سندس ذهن تي ڪافي گهرو اثر ڇڏيو هو. ان ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ ڪانپوءِ ئي ته هو ان ذهني اذيت ۽ ڪَرب ۾ مبتلا ٿي پيو هو.

گذريل رات کان ننڊ ۽ آرام ته اڳ ئي ڦٽل هئس ويتر هاڻ پنهنجي ڪيل ان حرڪت سبب وڏي ڀيڻ جي ڪاوڙ ۽ نفرت سندس بُت مان ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو. هن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي، هڪ عجيب خوف پڻ طاري ٿيڻ لڳو هئس جيڪو جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو. سڄي بدن جي طاقت کي گڏ ڪري هو بيڊ تان اٿيو ۽ الماريءَ مان ڪهاڻين جو اهو ڪتاب کڻي گهر کان ٻاهر نڪري آيو. کيس ڳل تي لڳل چماٽ کان سَوين ڀيرا وڌيڪ ڏک پنهنجي اڪيلي ڀيڻ جي نظرن ۾ ڪِري پوڻ جو هو جيڪا هر وقت هن تي ساهه ڏيندي هئي. هو ڪجهه دير ڳوٺ جي ٻاهران سوچن ۾ گُم سُم، پريشان ۽ ڪنهن هارايل جواريءَ وانگر ويٺو رهيو. رستي تان گذرندڙ هڪ ماڻهوءَ جي سلام ڪرڻ تي هو ڇرڪ ڀري خيالن جي دنيا مان واپس آيو.

هن هٿ ۾ ڪنيل ان ڪتاب کي هيٺ ڦٽو ڪيو ۽ کِيسي مان ماچس ڪڍي تيلي ٻاري ڪتاب جي ويجهو ڪيائين. باهه هڪدم ڪتاب کي وڪوڙي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ڪتاب سڙِي رَک جي ننڍڙي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو. رَکَ جي ان ڍير کي هڪ زوردار لت هڻي هُو ڳوٺ کان ٿورو پري پنهنجي ٻنيءَ ۾ بيٺل نم جي ان وڻ هيٺان اچي ويٺو جتي ويهڻ ڪانپوءِ الائي ڇو هن کان ڪجهه گهڙين لاءِ زماني جا سيئي ڏک، درد، پريشانيون ۽ محروميون وسري ويندڀون هيون. هو جڏهن به ڪنهن ڳڻتي، پريشاني يا مونجهاري جو شڪار ٿيندو هو ته ڪنهن دوست ڏانهن نه پر ان وڻ ڏانهن ئي هليو ايندو هو. هو پنهنجا ڏک سُور رڳو هن نم جي وڻ سان ئي سليندو هو. جيتوڻيڪ نم جو ٿڌ هن سان پاڪر يا ڳراٽڙي پائي ڪا دلداري ته نه ڏيندو هو ۽ نه ئي وري کيس دلجاءِ يا آٿت ڏيڻ لاءِ هن سان ڪي ڳالهيون ڪندو هو، پر پوءِ به صفدر جنهن وقت هتان اُٿندو هو تنهن وقت مَن جو بار ڪافي هلڪو ٿي چڪو هوندو هئس، پر اڄ جيڪا ڳڻتي ۽ پريشاني سندس اندر کي جهوري رهي هئي تنهن ۾ گهٽتائي ڪونه ٿي آئي، پريشاني ۽ ڪاوڙ ۾ هن ڪڏهن پنهنجي مٿي جا وار پٽيا ته ڪڏهن وري زور زور سان پنهنجي رانن تي مُڪون ٿي هنيائين. ڀيڻ جي نفرت ۽ ڪاوڙ اندر کي وڍي ڇڏيو هئس. شبنم جون ٻاهه اوڳاڇيندڙ اکيون ياد اينديءَ ئي هن جي دل دهلجي ٿي وئي، مَن ۾ وري وري پاڻ کي مارڻ يا هميشه هميشه لاءِ شبنم جي نظرن کان ڏُور هليو وڃڻ جا خيال پئي آيس، پر بيمار امڙ ۽ ننڍن ڀائرن کان پري رهڻ به سندس وس جي ڳالهه نه هئي.

صفدر ۽ شبنم ننڍپڻ کان ئي ٿوري گهڻي ڳالهه تي پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. صفدر هميشه ڀيڻ سان وڙهڻ ۽ رسڻ جا بهانا پيو ڳوليندو هو. ڪڏهن مانيءَ ۾ دير ٿيڻ جو، ڪڏهن ڪپڙا استري نه هئڻ جو ته ڪڏهن وري ڪو ڪتاب غائب هئڻ جو بهانو ٺاهي هو شبنم سان جهيڙو ڪري وٺندو هو... پر جيستائين ٻنهي وچ ۾ پرچاءُ نه ٿيندو هو تيستين نه شبنم ماني کائيندي هئي ۽ نه وري صفدر...، پاءُ ڀيڻ کي ايئن رُسندي ۽ پرچندي ڏسي سندن پيءُ ۽ ماءُ مُرڪي پوندا هئا. پر اڄ ته صفدر کان اهڙي گندي ۽ ڪِني حرڪت ٿي وئي هئي جو هُو ڀيڻ کي پرچائڻ ته ٺهيو، پر پاڻ کي شبنم جي سامهون وڃڻ لائق به نه پيو سمجهي.

پري پري تائين ٻنين ۾ ساوڪ ۽ سَرنهن جي گلن جي پيلاڻ ڦهليل هئي، هوا جي جهوٽن تي گلن جي لُڏڻ جو منظر ڏسڻ وٽان هو، پر صفدر جي اندر جي دنيا ۾ اڄ رڳو ويراني ۽ رُڃ هئي، اڄ پڦريون پيرو چوڌس پکڙيل فطري سُونهن هن جي دل کي وندرائڻ ۾ ناڪام ٿيندي نظر پئي آئي. وڻن تي ويٺل ۽ هوا ۾ اڏامندڙ پکين جون مٺڙيون ٻوليون هن جي لاءِ بي معنيٰ بڻجي چڪيون هيون. گلن ۾ اڳ واري تازگي ۽ سرهاڻ ڪونه هئي ۽ اتر جي ٿڌڙي هوا به اڄ پنهنجا ساز ڪٿي وڃائي آئي هئي.

ٽيويهه ورهين جو مضبوط ۽ سگهاري جسم جو مالڪ صفدر سهڻي صورت وارو ذهين نوجوان هو. چار سال اڳ جڏهن ڪاري ڪامڻ سبب سندس پيءُ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو هو. تڏهن کان سيني ذميوارين جو بوجهه صفدر جي ڪلهن تي هو. حساس طبيعت جو مالڪ ته هو ٻاروتڻ کان ئي هو، پر نوجوانيءَ ۾ پيءُ جي وڇوڙي سندس مزاج تي گهرو اثر ڇڏيو هو. پيءُ جي جدائيءَ ڪانپوءِ هو اڪيلو ۽ چپ چپ رهڻ لڳو هو.

صفدر کي ننڍپڻ کان ئي ادب سان وڏو چاهه هو. هن ٿوري وقت ۾ ئي ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهي ورتا هئا. پر ڪهاڻي جي ڪتابن سان هن جي دل ڪجهه وڌيڪ هئي ان ڪري ئي هن جي الماريءَ ۾ سنڌ جي لڳ ڀڳ سيني ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب موجود هئا. بُڪ اسٽالن تي هن جي نگاهن کي رڳو ڪهاڻين جي ڪتابن جي ئي تلاش هوندي هئي، ٻه ٽي ڏينهن اڳ هن کي شهر جي هڪ بُڪ اسٽال تي "ساگر آڪاش" نالي هڪ نئين ليکڪ جو پندرهن ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب نظر آيو ته هو اهو ڪتاب خريد ڪري گهر کڻي آيو هو. ساگر آڪاش ڪو نئون ليکڪ هو ۽ اهو مارڪيٽ ۾ آيل سندس پهريون ڪتاب هو.

ڪجهه اديب ۽ ليکڪ پئسي ۽ سَستي شُهرت حاصل ڪرڻ لاءِ واهيات ۽ اخلاق کان ڪريل مواد لکڻ کان به ناهن ڪيٻائيندا. اهڙن ليکڪن کي رڳو پئسي ۽ سستي شهرت جي ئي بک هوندي آهي، هو اِهو ناهن سوچيندا ته سندن غير اخلاقي لکڻيون پڙهندڙ تي غلط اثر به ڇڏي سگهن ٿيون جنهن سبب سماجي برايون گهٽجڻ بجاءِ وڌي سگهن ٿيون. اڄڪلهه جي ڪجهه واهيات ۽ بي ضمير راڳين جيان ڪجهه "اديب" به معاشري جو ٻيڙو ٻوڙڻ ۾ رُڌل ڏسجن ٿا جنهن ڪري سماج ۾ براين ۽ اخلاقي ڏوهن ۾ تيزيءَ سان واڌارو اچي رهيو آهي. اهڙن سماجي براين ۽ ڏوهن جون خبرون اڄڪلهه اخبارن ۾ اسين هر روز پڙهون ٿا.

ڪجهه ڏينهن اڳ ڇپيل ساگر آڪاش جي ان ڪتاب ۾ پڻ هڪ فحش ۽ بيهوده ڪهاڻي شامل هئي جنهن ۾ انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جُهڪي پيو هو، ان ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻ وچ ۾ اخلاق کان ڪريل حرڪتن جي منظر ڪشي ڪئي وئي هئي، گذريل رات ان ئي ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ ڪانپوءِ صفدر بيچين هو، هو سخت ذهني عذاب ۾ مبتلا هو، حساس طبيعت هجڻ ڪري اڪثر غمگين ۽ جذباتي نوعيت جون ڪهاڻيون هن جي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڇڏينديون هيون، پر گذريل رات پڙهيل ان ڪهَاڻيءَ صفدر جي من ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏي هئي، ان ڪهاڻيءَ جا ڪردار ۽ بيحيائي وارا منظر هن جي دل ۽ دماغ تي حاوي ٿي چُڪا هئا، انهن خيالن مان جان ڇڏائڻ هن جي لاءِ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو هو، ان کان اڳ هن ڪڏهن به اهڙي ڪهاڻي نه پڙهي هئي، ان ڪهاڻيءَ جو ئي اثر هو جو سوير ڪاليج وڃڻ مهل به هن هڪ ٻه ڀيرا چور نگاهن سان ڀيڻ کي عجيب انداز ۾ گهوري ڏٺو هو، پر شبنم ان وقت انهن نظرن کي بلڪل به سمجهي نه سگهي هئي.

سج لهي چڪو هو، پر صفدر اڃان تائين پنهنجي ٻنيءَ ۾ بيٺل نم جي وڻ هيٺان اڪيلو ويٺل هو، جڏهن ٿڌ ۽ اوندهه وڌڻ لڳي ته هو آهستي آهستي اٿيو ۽ ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳو، گهر جي ويجهو پهچڻ سان ئي هن جي دل جي ڌڙڪن هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي وئي ۽ هن جي پيرن جڻ گهر هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شبنم جي سامهون وڃڻ کان هو ڊڄي رهيو هو. ڪافي دير تائين اونداهيءَ ۾ هو گهر جي آسپاس ڦرندو رهيو، هڪ دفعو ٻيهر ڀيڻ جي نفرت ڀريل نظرن کي سهڻ جي همت نه پئي ٿيس. گهر جو دروازو هن لاءِ جڻ پلصراط بڻجي پيو هو. پنهنجي ئي گهر جي ٻاهران ڪنهن ڌنل ٻار جيان گهڻي دير تائين بيٺل صفدر کي جڏهن سردي ستائڻ لڳي ته نيٺ هو ڪنهن هِيسيل هرڻيءَ وانگر ڊڀيل ڊڀيل پيرن سان گهر اندر داخل ٿيو. ان وقت رات جا يارهن وڄي چڪا هئا. ماءُ جي ڪمري ۾ روشني ڏسي هو سمجهي ويو ته امڙ هن جي اوسيئڙي ۾ اڃان تائين جاڳي رهي آهي. هاڻ پنهنجي امڙ کي منهن ڏيکارڻ هن لاءِ لازم بڻجي پيو هو، پر شبنم به ماءُ جي ڪمري ۾ ئي سمهندي هئي ۽ شبنم جي سامهون وڃڻ جي سگهه هن ۾ بلڪل نه هئي، پر هاڻ ماءُ سان ملي سندس انتظار ۽ بيچيني ختم ڪرڻ به لازم هو. آهستي در کولي هو ماءُ جي ڪمري ۾ آيو، سامهون واري کٽ سندس ماءُ جي هئي جنهن تي هوءَ اکيون ٻوٽي ليٽيل هئي، پر هن جا چپ چُري رهيا هئا. شايد



کجھ پڙهي رهي هئي، پرواري ڪٽ تي ستن سالن جو اظهر ۽ نَوَن ورهين جو اصغر اگهور ننڊ ستل هئا ۽ ان جي پريان واري ڪٽ شبنم جي هئي جنهن تي ويهي بلب جي روشنيءَ ۾ هوءَ پرت پري رهي هئي. صفدر کي ڏسندي ئي هن پنهنجو مُنهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو. صفدر پنهنجي دل ۾ درد جي هڪ نئين لهر اٿندي محسوس ڪئي، پر ماءُ جي پيرن ۾ ويهي آهستي آهستي سندس پيرن کي زور ڏيڻ لڳو.

"بسم الله، اچي وئين پٽ"!. صفدر جي ماءُ هڪدم اکيون کوليون. هُن پنهنجي پيرن تي صفدر جي هٿن جو ڇهاءُ سڃاڻي ورتو هو. هن اکيون کوليون ۽ ڪٽ تي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ها امان اچي ويس." صفدر جهيڻي لهجي ۾ ورائيو. هن ماءُ کي سهارو ڏئي ويهاريو ۽ سندس هٿ چمي ورتا.

"پٽ! اڄ ڇو پلا ايڏي دير ڪيئي؟. منهنجو ته ساهه ٿي نڪتو." ماءُ جي لهجي ۾ ڪاوڙ سان گڏ پيار به هو.

"امان! تون منهنجي لاءِ ايترو پريشان نه ٿيندي ڪر، آئون نعيم جي اوطاق تي هئس ۽ سيئي دوست پڻ گڏ هئا." صفدر ماءُ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو.

هميشه جيان اڄ به صفدر جي ماءُ سندس ان ڳالهه کي به سچ مڃي ورتو ۽ کيس دعائون ڏيڻ لڳي، بيمار ۽ پريشان ماءُ پنهنجي پٽ کي دير سان ئي سهي مگر صحيح سلامت گهر ۾ ڏٺو ته هن جي بيقرار دل کي قرار اچي ويو. پٽ سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ئي کيس ننڊ اچي وئي.

ماءُ کي پرسڪون ننڊ ۾ ڏسي صفدر اٿيو ۽ خاموشيءَ سان پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو. سندس اکيون ۽ ڪنڌ جهڪيل هو.

نماڻا نيڻ ڪٽي شبنم پنهنجي ڀاءُ کي ويندي ڏسندي رهي، صفدر جا هيٺا حال ۽ جهڪيل ڪنڌ ڏسي کيس ڀاءُ تي کهل اچڻ لڳي، هڪ پل ۾ ئي شديد ڪاوڙ ۽ نفرت پيار ۾ بدلجي ويئي، هونئن به شبنم کي پنهنجي ننهي ڀائرن سان تمام گهڻو پيار هو. هن جي ڪا ڀيڻ ته نه هئي، پر ڀائرن ۽ ماءُ تي هوءَ ساهه ڇڏيندي هئي. پيءُ جي مرڻ ۽ ماءُ جي بيمار ٿيڻ کان پوءِ شبنم کي گهر جي ڪم ڪار ۾ ٿيئي ڀائر ڀينرن جيان هٿ ونڊائيندا هئا. ننهي ڀائرن جو ڀيڻ سان پيار مثالي هو.

ٻن مهينن کانپوءِ شبنم جي شادي ماروٽ وقار سان ٿيڻ واري هئي جيڪو ٽرڪول پراجيڪٽ تي انجنيئر هو.

نظرون جهڪائي ڪمري کان ٻاهر ويندڙ صفدر کي شبنم پٺيان ڏسي رهي هئي، ظاهر ۾ ته هوءَ صفدر سان رٺل ۽ ناراض ٿي نظر آئي، پر اندر ۾ صفدر جي لاءِ هوءَ به ماءُ کان گهٽ پريشان نه هئي، سڄ لهڻ کانپوءِ جيئن جيئن اونداهيءَ ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو تيئن ماءُ سان گڏ شبنم جي ڳڻتيءَ ۾ پڻ واڌارو ٿيندو پئي ويو. شبنم ڪيترائي ڀيرا صفدر سان فون تي رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هر ڀيري کيس صفدر جو نمبر بند مليو هو. پر هاڻ صفدر جي واپس اچڻ تي هوءَ به پرسڪون ٿي وئي، پر اهو سڪون ۽ اطمينان صفدر تي ظاهر ٿيڻ نه ڏنائين.

اوچتو شبنم کي ياد آيو ته صفدر صبح کان مانيءَ جو هڪ گرهه به ناهي کاڌو. هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ پاڻ تي ڪاوڙ پڻ اچڻ لڳس، هوءَ ڪٽ تان اٿي رڌڻي ۾ گهڙي ويئي، جلد ئي صفدر جي لاءِ ماني گرم ڪري هن جي ڪمري ۾ ڪٽي ويئي، صفدر ڪرسيءَ تي ويهي ڪجهه لکڻ ۾ مشغول هو. کيس شبنم جي اچڻ جي بلڪل به توقع نه هئي ان ڪري ڪانئس هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. پر ترت پاڻ کي سنڀاليندي ادب ۾ اٿي بيٺو. شبنم ماني ٽيبل تي رکي ٻه قدم پوئتي هٽي خاموش بيهي رهي، ڪجهه گهڙيون ٻنهي جا ڪنڌ جهڪيل ۽ چپَ خاموش هئا. ڄڻ هڪٻئي لاءِ اجنبي هجن.

"ادا....!" شبنم ئي ڳالهائڻ جي شروعات ڪري ٻنهي جي وچ ۾ ڇانيل ڏکي خاموشيءَ کي ٽوڙيو. "ناراض آهين مون کان"؟ شبنم جا چپ ٿَڙڪِي رهيا هئا ۽ زبان به ساٿ نه پئي ڏنس.

"نه ادي نه." صفدر هٻڪندي ورائيو. سندس لهجي ۾ درد ۽ پشيماني هئي، هن وٽ ڀيڻ سان نظرون ملائڻ جي بلڪل به همت نه هئي، بي اختيار لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳس ۽ سڄو بدن ڪنبڻ لڳو هئس. آئون تنهنجو ڏوهاري آهيان، ٿي سگهي ته مون کي معاف ڪجانءِ منهنجي منٺڙي ڀيڻ."

ڀاءُ کي ان ڪيفيت ۾ ڏسي شبنم جو جيءُ جُهري پيو، اکين مان نِير وهڻ لڳس ۽ هوءَ سُڏڪي پئي، ڀاءُ کي ڇماٽ هڻڻ وارو منظر هڪ دفعو ٻيهر اکين آڏو ڦرڻ لڳس، هونئن به سڄو ڏينهن اهو ئي منظر هن جي ذهن جي اسڪرين تي ڦرندو رهيو هو. اوچتو شبنم جي دل ۾ ڀاءُ جي محبت ڇلڪي پئي، بي اختيار هن صفدر کي ڇڪي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو ۽ سندس پيشاني چمڻ لڳي.

ڏک، درد ۽ شرمندگيءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندڙ صفدر (جنهن ڪجهه گهڙيون اڳ تائين پاڻ کي ڀيڻ سان نظرون ملائڻ جي قابل به نه پئي سمجهيو)

اچانڪ شبنم جي ٻانهن جي پناهہ ۾ آيو تہ ڪيس ڪجھ آٿت ۽ دلجاءِ ملي وئي. آهستي آهستي هن بہ شبنم کي پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ ڀري ڀرين سندس ٻئي هٿ ۽ پوءِ پيشانيءَ کي چمي ورتو، شبنم پنهنجا ڏڪندڙ چپ پاءُ جي انھيءَ ڳل تي رکيا جنهن تي سوير هن زوردار چماٽ هنئي هئي، ٻنهي جي نيٽن جا ڪڪر برسي رهيا هئا ۽ ٻئي بي اختيار هڪٻئي جي ڳوڙهن سان ڀنل چهرن کي چُمي رهيا هئا. اچانڪ شبنم جا شبنمي گرم گرم چپ صفدر جي نرڙ، اکين ۽ ڳلن کان ٿيندا جڏهن چپن تي پهتا تہ ٻنهي جي جسمن مان ڄڻ بجليءَ جي هڪ لهر گذري ويئي، دلين جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو، چپَ چپن سان اهڙي طرح ملي ويا جيئن سندن جسم هڪٻئي سان چهٽيل هئا. ان حالت ۾ ڪين ڪجھ پل، ڪجھ گهڙيون گذري ويون، اوچتو صفدر کي ساگر آڪاش جي ان ڪهاڻيءَ جا منظر ياد اچڻ لڳا جن سندس اکين جي ننڊ ۽ دل جو قرار ڪسي ورتو هو، ڪهاڻيءَ جا منظر ياد ايندي ئي صفدر تي هڪ عجيب سُرور، نشو ۽ وحشت طاري ٿيڻ لڳي، هن جا هٿَ تيزيءَ سان حرڪت ڪرڻ لڳا. شبنم جي حالت بہ صفدر کان مختلف نہ هئي، هن جا نيڻ خماريل، بدن ڍرڪيل هو ۽ هوءَ پاڻ کي هوائن ۾ اڏامندي محسوس ڪرڻ لڳي هئي.

سال کن اڳ عيد جي ڏينهن شبنم کي هن جي مڱيندي تحفي ۾ چوڙيون ڏيڻ وقت پهريون ڀيرو جڏهن سندس ڪنوارا چپ چُميا هئا تڏهن بہ هن بلڪل اهڙي طرح پاڻ کي آسمانن ۾ اڏامندي محسوس ڪيو هو، پر اڄ سندس چپن جو رسُ پيئڻ وارو هن جو مڱيندو وقار نہ پر سندس پاءُ صفدر هو، ڪيس ڪو هوش ۽ ڪا خبر نہ هئي، هوش تہ ڪيس تڏهن اچڻ لڳو جڏهن هن صفدر جي هٿن جي حرڪت مان هن جي غلط ارادن کي پرکيو، خوف ۽ شرم کان هن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي ۽ نہ چاهيندي بہ هوءَ هڪ جهٽڪي سان صفدر کان ڌار ٿي ڪجھ قدم پوئتي وڃي بيٺي، شبنم پاڻ کي سنڀالي ورتو هو، هن جي خُماريل نيٽن مان ڪجھ موتي نڪري ريشمي ڳلن تان ٿيندا وڃي فرش تي ڪريا، شبنم بيڊ تي پيل پنهنجي پوتِي کڻي پنهنجي چپن تان صفدر جي چپن جي آلاڻ کي زور سان مهٽي صاف ڪيو، صفدر جي حالت ان قاتل جهڙي هئي جنهن کي ڏوهہ جو اعتراف ڪرڻ کانپوءِ موت جي سزا جو انتظار هوندو آهي. هن کي پڪ هئي تہ هاڻ شبنم ڪيس مُڪن ۽ چماٽن جو وسڪارو ڪري ڪيس رتورت ڪري ڇڏيندي يا وري هن جو ڳلو دٻائي ڪيس موت جي ننڊ سمهاري هن ڌرتيءَ تان صفدر جو نانءُ ۽ نشان ئي مِٽائي ڇڏيندي، پر ان مهل شبنم جي ڪيفيت ان ٻار جهڙي هئي جنهن پنهنجو پسنديده رانديڪو پنهنجي ئي هٿن سان ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو هجي، هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي نندڙيون نندڙيون وکون کڻندي صفدر جي ڪمري مان نڪري اچي پنهنجي کٽ تي ڪمبل ۾ پاڻ کي لڪائي آهستي آهستي سُڏڪڻ لڳي، پاءُ کان سوين ڀيرا وڌيڪ پاڻ تي ڪاوڙ هئس، جيئن جيئن مڱيندي وقار سان ڪيل قول، قرار، وچن ۽ ڪيل واعدا ياد پئي آيس تيئن تيئن پنهنجي وجود کان ٿي ويل نفرت ۾ واڌارو ايندو ٿي ويس. پنهنجي اميدن ڀري چمن کي ڄڻ تہ هن پنهنجن ئي هٿن سان تِيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو. اڄ دنيا جي هر رشتي هر ناتي تان اعتبار کڄي ويو هئس، نيٺ سُڏڪندي، روئيندي پوئين پهر اک لڳي ويس.

صفدر اڃان تائين ان نشي ۽ سُرور ۾ مدهوش هو، شبنم جي وڃڻ کانپوءِ هن جيئن ئي پاڻ کي بيڊ تي اڇليو تہ ننڊ اچي ويس، صبح جو جڏهن سج اڃان مس اڀريو هو تڏهن دل ڏاريندڙ رڙين ۽ دانهن جي آواز تي هن جون اکيون کلي ويون. اهي دانهون هن جي ماءُ جون هيون، صفدر کي لڳو ڄڻ قيامت اچي وئي هجي، خوف سبب رڳن ۾ رت ڄمڻ لڳس، دل جو ڌڙڪو بيهندي محسوس ڪيائين، پر ماءُ جون دانهُون وڌنديون ٿي ويون، اوچتو هن ست ڏيئي ڪمبل کي پري اڇلايو ۽ ڊوڙي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو.

سامهون وارو منظر ڏاڍو دردناڪ هو جنهن کي ڏسي هن وڏي دانهن ڪئي، آڱر تي بيٺل انب جي وڻ ۾ لٽڪيل شبنم جي بي جان جسم کي چنبڙي سندس جيجل ماءُ اُڀ ڏاريندڙ رڙيون پئي ڪيون، صفدر ڊوڙي وڃي شبنم جي بيجان جسم کي وڻ تان لاهي کٽ تي سمهاريو ۽ ماءُ ۽ ننڍن ڀائرن سان گڏ هو بہ هيٺ ويهي ريهون ڪري روئڻ لڳو. خبر ناهي ڪهڙي مهل شبنم وڻ ۾ رسو ٻڌي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيو هو، ڦوهہ جوانيءَ ۾ شبنم ڦاهو کائي پاڻ کي ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو هو. هونئن بہ هاڻ صفدر سان گڏ هڪ ئي گهر ۾ هوءَ ڪيئن پئي رهي سگِهي...؟.

ڪجھ ئي گهڙين ۾ گهر جو ٻِذر ڳوٺ جي عورتن ۽ مردن سان ڀرجي ويو، شبنم جي اوچتي موت تي هر اک آلي هئي، پر جوان جماڻ ڌيءَ جي خودڪشيءَ هڪ بيمار ماءُ کي زنده لاش بڻائي ڇڏيو هو. صفدر ڪانسواءِ ڪنهن بہ نٿي ڄاتو تہ هر وقت کلندڙ، مسڪرائيندڙ ۽ مرڪون وکيرڻ واري ٻهراڙيءَ جي هڪ سادي، سهڻي ۽ شرميلي ڇوڪري شبنم آخر ڪهڙي سبب پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيو هو؟. سيني کان الڳ هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويهي روئندڙ صفدر کي ايئن ٿي لڳو ڄڻ هو انسان نہ پر ماڻهوءَ جي روپ ۾ حيوان هجي.

❋❋❋



شعور
شاعري

نظم

# ناراضگي

**احمد شاڪر**

هوءَ
هر ڀيري
هڪ حقيقت جي برعڪس
هيءُ ئي سوال پڇندي آهي
تون مون کان ڇو ناراض آهين؟
هوءَ
اهو جملو ان ڪري بہ
سوال جي صورت ۾ ڇڏيندي آهي جو
هڪ ڀيري هن ائين
منهنجي رويي مان محسوس ڪيو هو.
هوءَ
هڪ ڀيري آئي
۽ اچڻ سان ئي چيائين تہ
تون مون کان ڇو ناراض آهين؟
هاڻي مان ڪيس ڇا ٻڌايان
تہ مان توسان ناراض ڪٿي آهيان!

***

# غزل

**ڊاڪٽر عامر گڏاڻي**

رونقون، رنگينيون ۽ روشني ڇڏوڏس هئي
تون نہ هئين مون ساڻ جانان، بيوسي ڇڏوڏس هئي
رات جو پوپون پهر هو، ڪيپ نيڻن تي چڙهيا
ڪيئن تجي مدهوش تو بن، مئڪشي ڇڏوڏس هئي.
ڇا ٻڌايان مان سڪي، ڪيئن وقت گذريو تو بنا
سات ٽوڙي جيئن وئين، خودڪشي ڇڏوڏس هئي.
بيد مشڪن جي پنيان، هڪ اماوس رات ۾
تو جي پاڪر ۾ پريو ٿي چاندني ڇڏوڏس هئي.
هي شهر جنهن جي هر ڳلي اڄ لڙڪ لڙڪ وئي بڻي.
ٿهڪ ها هر پل هتي ۽ زندگي ڇڏوڏس هئي

***

# غزل

**جبار ”تاثير“ سومرو**

خواب ۾ توسان ملندو آهيان.
خوش ٿي توسان ڪلندو آهيان.
تون جي مون سان هوندو آهين،
مورن وانگي ٿلندو آهيان.
تو بن منهنجو ڪهڙو جيون،
پاڳل بڻجي رلندو آهيان.
تنهنجي در تي سَئينَ هٽي مان،
پينون بڻجي پنندو آهيان.
مجنونءَ جان مان صحرائن ۾،
پٽڪي پٽڪي ڪرندو آهيان.
ماڻهن جي پرواهہ ئي ڪانهي،
پنهنجي رب کان ڊڄندو آهيان.
جنهن پل تنهنجي ياد ستائي،
تنهن پل خطڙو لکندو آهيان.
ياد ڪندي ”تاثير“ جون ڳالهيون،
جيءَ ۾ جِهڄندو جُهرندو آهيان.

***

# وائي

**اصغر باغي**

ٿُوهَرَ کان بہِ ڇَانءُ ٿي گُهرجي،
خُوابَ ڏِسون ٿا ڪوڙ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي
آهي اُجارو سائين سَڀَ ڪو
آ پيارَ جي سَڀَ ڪي لوڙ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي
پَئِسي عيوض اِيمان وِڪامي
حَوَسَ هَلي پئي ڊوڙ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي
اَمُنَ اَهَنسا جَڳُ گُهري پيو
مُون بہِ ڏِني آ وئوڙ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي
ڪيئن رَهُون اَنياءَ ۾ هِتِڙي
مَاڻهو ڪَن پيا گوڙ
ساپيانَ ٿيندي سَڄَ جي
ڪَاريهرُ آ سامهون بيٺو
نانگُ نَہ سَمجهو نوڙُ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي
اَڄُ هي ”اصغرَ“ اعلانُ آ ٿي ويو
سَڄَ ٻَڌو آ موڙُ
ساپيان ٿيندي سَڄَ جي

***

نظم

# ووٽ

**وسيم سومرو**

ڏينهن جي هر ڏيک کي رڻ ۾ لٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
برش ڪنهن جو، ڪار ڪنهن جو هو نشان
ڇو نہ ٻيڙي، ٻار ڪنهن جو هو نشان
ٿا ڪلن هاتار هڪٻئي کي ڦٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
ڪنهن جو طوطو ڪنهن جو بوتل هو نشان
ڇا نهارن ساڻ ڏوتل هو نشان
ڪير جهٽجي ويو هوا ڪنهن کي جهٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
ڪنهن جو راجا ڪنهن جو راڻي هو نشان
لوڪ جي بک جو ڪهاڻي هو نشان
ڪا خبر ڪنهن کي تہ ڪيئن پل پل ڪٺيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
ڪنهن جو پينسل ڪنهن جو ڏيئو هو نشان
لڙڪ وهندڙ اک جو ليئو هو نشان
ليڪ ٿاهي نانگ سوچن تان مٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
ڪنهن جو پڃرو ڪنهن جو طوطو هو نشان
ساهہ جو بيمار بوٽو هو نشان
آهي اڏندڙ باز جهرڪيءَ کي سٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو
بيٺ ڪنهن جو بال ڪنهن جو هو نشان
گم ويو ٿي لال ڪنهن جو هو نشان
پيو وسيم آ تاڪ دل در جو پٽيو
ٿو پڇي سورج تہ مون کان ڪنهن ڪٺيو.

***

# شعور
## شاعري

## غزل

**خليل عارف سومرو**

آئيني جي ڳالهه آئيني هئي
شهر جو دستور نابيني هئي،
ماڻهپي جو پاڻ وٽ مذهب هيو
ڪفر ڇا جو ڇا جي لاديني هئي
وقت هن جي لاءِ سزا ئي موت هيو
ڏوهه هن جو صرف مسڪيني هئي
هو بسنتي ويس ۾ نڪتي هئي
شهر ۾ چوطرف رنگيني هئي
رات مون جڳجيت ”عارف“ پئي ٻڌو
رات دل تي ڇانئي غمگيني هئي.

❋❋❋

## غزل

**سميع ساجد جوڻيجو**

تنهنجو ڏنو جنهن جلوه هوندو،
ساهه ٻه ان جو سرڪيو هوندو.
جهڙو تنهنجو چهرو آهي،
اهڙو نہ ڪنهن جو چهرو هوندو.
باهه برہ جي ڀڙڪي هوندي،
عشق اٿاريو شعلو هوندو.
تنهنجن ڳاڙهن ڳلڙن تي من،
زلفن جو ئي پهرو هوندو.
چوڏس ٿي چاندوڪي هوندي،
تو جو منڙي مرڪيو هوندو.
ڪوٺي تي تون بيٺي هوندينءَ،
چوڏهين جو چنڊ اڀريو هوندو.
ياد مان توکي آيو هوندس،
در تي ٺيو جو کڙڪو هوندو.
ڪونهي ان سان ياري ”ساجد“،
جيڪو دل جو کوٽو هوندو.

❋❋❋

## غزل

**مظهر علي ميربحر**

هي دنيا دوکيباز اٿئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان،
هر روز حياتي ٿي کُٽئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.
تون ڏن ۽ دولت ميڙڻ ۾ ٿو وقت وڃائين ڇا جي لئہ؟
هي وقت وڏو انمول اٿئي اٿ جاڳ نياڳي منجهان.
هن ساري سنسار مٿان هو جنهن جنهن حاڪم حڪم هلايو،
اڄ تِنهنجو نہ ٿو ڪو نشان ملئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.
مال مڏيون بنگلا گاڏيون ڪٽي قبر ڏي وجي نہ سگهندين،
هر چيز هتي ڇڏڻي پوندئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.
هي دنيا عبرت جو آ گهر اک ڪول ڪبوتر جيئن نہ سمهه،
ڪنهن وقت بہ موت اچي ٿو سگهئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.
هي وقت خدا جي نعمت ٺئي بي ڪٽڪو ٿي آرام نہ ڪر،
ٿو وقت هٿن مان وهندو وڃئي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.
هي ڏيهہُ ڇڏي هُن ڏيهہَ طرف اي مظهر توکي وڃڻو آ،
ڪجهه هوش تہ ڪر نادان نہ ٿي اٿ جاڳ نياڳي ننڊ منجهان.

❋❋❋

## غزل

**ڪيلاش ميگهه**

مون سان گڏجي ڀيڙا آيا.
دل جي گهر تي وڇوڙا آيا.
راتيون ڪيئي روساما رت جا،
جاني جڳ جڳ جهيڙا آيا.
راز پرين جو رم جهم رم جهم،
هن وسڪاري جوڳيئڙا آيا.
پاڻ پنڌ پئي پيرن ڪاٽيا،
مينهن سرگم بہ تہ ڪهڙا آيا؟
ميگهه سلامت صحيح نہ ساجن،
ميت آپٽي ڪٿ ميڙا آيا؟

❋❋❋

## غزل

**غلام نبي ڪولاچي**

رات تو تي جڏهن مون، لکيو پئي غزل،
ڏنم پنهنجي سامهون، پٽائي سچل.
ڪوڙ ڪلفت ڪان ها، ٻئي پڳا پئي پري،
قرب تي پيار تي، ٻئي لڳا پئي ڪنل.
نانُ تنهنجي تي ها، ڏاڍو خوش ٿي رهيا،
چيائون پئي گڏجي، ”جيئي سنڌ شل“.
جڏهن ڳالهه سنڌڙي، جي سورن جي نڪتي،
لڳا پوءِ ڏڪارا، پئي ڏاڍا ادل.
سچل جي زبان هئي، پٽائي جا هٿ ها،
هيڪانديون دعائون ويا، ڏيندا ادل.
چيائون پئي پرچي، وڃو پاڻ ۾ سڀ،
حياتيءَ ڪي معنيٰ، ڏيو ڪا مثل.
ڏنم پئي ويا ۽، هي چوندا ويا ٻئي،
دنيا جي حقيقت، آ محنت جو ڦل.
ڏڪيايون ”ڪولاچي“، ڪري ڪجهه نہ سگهنديون،
اُتي آڻ ڪا تون، عوامي اُتل.

❋❋❋

## غزل

**علي عادل**

هلڪي هلڪي بارش برسي ٿي
هوءَ هن موسم ۾ پيي تڙپي ٿي
ڏيئي آڌو رات سڄي ويهي
ڏيئي وانگر هوءَ بہ پٽڪي ٿي
پاڻ ڪٽي ٿي سورن جو پاسو
خوشيون پر ٻي ڪنهن کي ارپي ٿي
اونداهيءَ ۾ تارن جان پٽڪي
هيءَ دل منهنجي توکي ڳولهي ٿي
توکي ڏسندي ڏور ڏڪارن ۾
پاٽيءَ وانگي دلڙي اٿلي ٿي
تيز هوا سان مينهن بہ جاري آ
در تي وينگس ور ڪان ترسي ٿي.

❋❋❋

## غزل

**اياز عمراڻي**

ڪڏهن گهمياسين هٿ هٿن ۾ ڏئي
هٿن مان اڃان مهڪ ناهي وئي
ڏني چين چاندي نشاني ڪري
ڪري وار، وارن منجهان ٿي پئي
بدن سان بدن؛ ٽڪريو هو جڏهن
لڳي جيئن ڪرنٽ، مڙي مرڪيئي
رکي خط ڪتاب، مڪا تو هٿا
اٿم ياد جيڪي عبارت ڪئي
سڄي سون ڪيئي، حبيبن هٿان
ڪٿان ڪيمياگر، هنر هٿ ڪئي
مصر جي منڊي ۾ خريدار هٿا
نہ يوسف نہ ئي ڪا زليخا هئي
اڪين سان اکين کي اشارا ڏئي
وئي ڳالهه سڀ ڪا چتائي چئي.

❋❋❋

# همسري

پبليڪيشن ۾ توهان ڇپرائي سگهو ٿا
سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتاب
معياري پروف ۽ مناسب قيمت ۾




## همسري پبليڪيشن حيدرآباد

022-3820363 022-3820363 humsari.sindh.pk@gmail.com humsari.com